ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) | سومر 20 آڪٽوبر 2025ع بمطابق 26 ربيع الثاني 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويھ | شمارو (66)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

دوحا ۾ ڳالهيون ڪامياب، پاڪستان ۽ افغانستان فوري جنگ بندي تي اتفاق ٿي ويو

ٻنهي ملڪن وچ ۾ 13 ڪلاڪن تائين جاري رهندڙ ڳالهيون ڪاميابي سان ختم ٿي ويون ڳالهين جي نتيجي ۾ ٻئي ملڪ فوري جنگ بندي تي راضي ٿي ويا

ڳالهين جي ميزباني قطر جي رياست ڪئي ترڪي ثالثي جو ڪردار ادا ڪيو. ٻنهي ڌرين ٻه طرفي امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ مستقل ميڪانيزم تي پڻ اتفاق ڪيو ويو

هي معاهدو پاڪستان جي طاقت جي پوزيشن جو نتيجو آهي، جتي پاڪستاني فوجن زمين تي واضح جواب ڏنو ۽ ٻئي پاسي کي هڪ مؤثر پيغام موڪليو: سرڪاري ذريعا

ڳالهين ۾ پاڪستان جي ڏکهي ۽ واضح مطالبي کي قبول ڪيو ويو، جنهن ۾ افغانستان دهشتگردي جي هر قسم جي حمايت ۽ سهولت کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

معاهدي تحت، افغانستان کان پاڪستاني سرزمين تي ٿيندڙ دهشتگردي کي فوري طور تي بند ڪيو ويندو. ڌرين پاران نقطن تي عمل درآمد يقيني بڻائڻ لاءِ ڳالهيون جاري ٿي اتفاق

جنگبندي معاهدو سٺو سنئوڻ آهي، افغان سرزمين تان پاڪستان خلاف دهشتگردي جي روڪٿام لاءِ قدم ضروري آهن. ٻائر ملڪن قطر ۽ ترڪيه جي تعميري ڪردار کي ساراهيون ٿا: اسحاق ڊار

دوحا/ اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) دوحا ۾ پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ 13 ڪلاڪن تائين جاري رهندڙ ڳالهيون ڪاميابي سان ختم ٿي ويون آهن جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي ملڪ فوري جنگ بندي تي راضي ٿيا آهن هن معاهدي کي پاڪستان لاءِ هڪ وڏي سفارتي ۽ اسٽريٽجڪ ڪاميابي قرار ڏنو پيو وڃي ڳالهين جي ميزباني قطر جي رياست ڪئي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

آءِ ايم ايف پاڪستان تي قومي مفاد خلاف شرط لاڳو نٿو ڪري سگهي، سمورا سڌارا معاشي ترجيحن موجب آهن: ناڻي وزارت

ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب 15 هين وي 20 وزارتي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سرمائي جي لاڳت، قرض ۽ ترقي جي رستي جي موضوع تي بحث ٿيو

وفاقي وزير پنهنجي تقرير ۾ ٻوڏن جي شدت ۽ تسلسل کي اجاگر ڪيو. پاڪستان حڪومت پنهنجي وسيلن سان ٻوڏ کان بچاءَ ۽ امدادي سرگرمين جا خرچ پورا ڪندي: محمد اورنگزيب

سي وي ايف وي 20 سيڪريٽريٽ طرفان پاڪستان جي ڪلائيميٽ پراسپيرٽي پلان پلان جي تياري ۾ سهڪار تي ٿورائتا آهيون. لاس اينڊ ڊيميج فنڊ کي فوري طور فعال ڪيو وڃي

آءِ ايم ايف کان 1.2 ارب ڊالرن جي ايندڙ قسط ڊسمبر تائين ملڻ جي اميد آهي. آءِ ايم ايف جو ايگزيڪيوٽو بورڊ جلد اجلاس ۾ معاهدي جي منظوري ڏيندو

آءِ ايم ايف پروگرام تحت ڪيل سڌارن معيشت کي مستحڪم ڪيو ۽ هاڻ سمورا سڌارا پاڪستان جي پنهنجي معاشي ترجيحن موجب آهن. قومي مفاد خلاف ڪو شرط لاڳو نٿو ڪري سگهي

واشنگٽن (ويب ڊيسڪ) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب 15 هين وي 20 وزارتي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سرمائي جي لاڳت، قرض ۽ ترقي جي رستي جي موضوع تي بحث ٿيو ناڻي واري وزير پنهنجي تقرير ۾ ٻوڏن جي وڌندڙ شدت ۽ تسلسل کي اجاگر ڪيو ناڻي واري وزارت مان جاري بيان مطابق پاڪستان حڪومت پنهنجي وسيلن سان ٻوڏ کان بچاءَ ۽ امدادي سرگرمين جا خرچ پورا ڪندي ناڻي واري وزير سي وي ايف وي 20 سيڪريٽريٽ طرفان پاڪستان جي ڪلائيميٽ پراسپيرٽي پلان جي تياري ۾

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت ڪڻڪ پاليسي جي منظوري ڏئي ڇڏي، اگهه 3500 رپيا مڻ مقرر

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيل اجلاس ۾ سمورن صوبن جا وڏا وزير شريڪ ٿيا

صوبائي حڪومتون ڪڻڪ جا 6.2 ملين ٽن جا اسٽريٽجڪ ذخيرا حاصل ڪنديون ۽ خريداري 3500 رپيا في مڻ ھوندي

حڪومت هارين جي مسئلن کان واقف آهي، کين رليف ڏيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريون پيا: وزير اعظم

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومت ڪڻڪ پاليسي 26-2025 جي منظوري ڏئي ڇڏي، جنهن تحت هارين کي تحفظ ڏيڻ لاءِ 3500 رپيا في مڻ جي حساب سان وڏو اسٽاڪ خريد ڪيو ويندو. وزيراعظم

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

لاهور: وزيراعظم جو خاص معاون هارون اختر گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

آزاد ڪشمير جي وزيراعظم جي پاڪستان جي پهرين هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ لانچنگ تي قوم کي مبارڪ

اسلام آباد (اي پي پي) آزاد جموں ڪشمير جي وزيراعظم چوڌري انوارالحق پاڪستان جي پهرين هائپر اسپيڪٽرل سيٽيلائيٽ جي لانچنگ تي قوم کي مبارڪ ڏني

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ايٽمي معاهدي ۽ گڏيل قومن جي ٺهرائن جو مدو ختم ٿيڻ بعد ايٽمي پروگرام تي پابنديون ناهن رهيون: ايران

اڄ کان معاهدي جون سموريون شقون جن ۾ ايران جي ايٽمي پروگرام بابت پابنديون غير مؤثر ٿي چڪيون آهن

ٺهراءُ 2231 جيڪو ايٽمي معاهدي بابت هو اڄ باضابطه طور تي پنهنجو مدو پورو ڪري چڪو آهي: پرڏيهي وزير

تهران (اي پي پي) ايران اعلان ڪيو آهي ته هو پنهنجي ايٽمي پروگرام تي لاڳو ڪنهن به عالمي پابندي جو هاڻي پابند ناهي رهيو پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو اعلان ان ڏينهن سامهون آيو جڏهن 2015ع جي ايٽمي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سينٽرل ڊولپمينٽ ورڪنگ پارٽي جو اجلاس، مختلف شعبن جي 18 منصوبن جي منظوري

رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد ٿيو

پاڪستان جي پائيدار، جامع ۽ موسمياتي لحاظ کان مضبوط ترقياتي ايجنڊا کي نئون رخ ڏيڻ جو عزم

اجلاس ۾ ايڪسپورٽس، اي پاڪستان، انرجي ۽ انفراسٽرڪچر، ماحوليات ۽ برابري ۽ بااختياري جا منصوبا منظور ڪيا ويا

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال جي صدارت هيٺ پاڪستان جي پائيدار جامع ۽ موسمياتي لحاظ کان مضبوط ترقياتي ايجنڊا کي نئون رخ ڏيڻ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف سان وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ملڪي صورتحال بابت گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

افغان طالبان ۽ فتنہ الخوارج نوجوانن کي دهشتگردي لاءِ استعمال ڪن پيا: گرفتار دهشتگرد جا انڪشاف

ڏکڻ وزيرستان ۾ فرنٽيئر ڪور ڪي پي ڪي هڪ وڏي ڪارروائي ڪندي آپگهاتي بمبار کي گرفتار ڪيو

آپگهاتي بمبار نعمت الله هريره مدرسي جو شاگرد آهي، اعترافي بيان ۾ ڪيترائي انڪشاف ڪيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) افغان طالبان ۽ فتنہ الخوارج گهڻت عمر افغان نوجوانن کي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسرائيل جنگبندي معاهدي تان ڦري ويو، غزا ۾ نوان حملا، ٽينڪن سان گولاباري

غزا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) غزا ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر بارود جي بوءِ پکڙجي وئي، اسرائيلي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران وفاق کان ڪڻڪ جي امدادي قيمت4 هزار 200 رپيا مقرر ڪرڻ جو مطالبو

آءِ ايم ايف جي شرطن سبب صوبائي حڪومتون وفاق جي هدايت کان سواءِ امدادي قيمت مقرر نٿيون ڪري سگهن

وفاق کان مطالبو ڪريون ٿا ته ڪڻڪ جي امدادي قيمت 4 هزار 200 رپيا في مڻ مقرر ڪئي وڃي: محمد بخش مهر

سنڌ حڪومت هارين لاءِ "ڪڻڪ پرڪيو سپورٽ پروگرام" تحت 56 ارب رپين جو امدادي پيڪيج متعارف ڪرايو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت وفاق کان ملڪي سطح تي ڪڻڪ جي امدادي قيمت مقرر ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي سنڌ جي زراعت واري وزير سردار محمد بخش مهر پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ مصر جو صنعتي ۽ سامونڊي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير ۽ مصر جي سفير وچ ۾ اهم ملاقات ٿي

وفاقي وزير پاران آفريقا، مرڪزي ايشيا ۽ مصر ۾ "پاڪستان هائوسز" قائم ڪرڻ جي تجويز

اسلام آباد (اي پي پي) سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير ۽ مصر جي سفير وچ ۾ ٿيل ملاقات دوران ٻنهي ملڪن گڏيل

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

آءِ ايس پي آر جو نئون نغمو "قوم کي شهيدون تمهين سلام" ريليز ٿي ويو

قومي نغمي ذريعي وطن لاءِ جان جي قرباني ڏيندڙ شهيدن کي زبردست خراج عقيدت پيش

وطن خاطر جان جو نذرانو پيش ڪندڙن جو داستانون قوم جي دلين ۾ زنده آهن: آءِ ايس پي آر

اسلام آباد (اي پي پي) آءِ ايس پي آر جو نئون نغمو "قوم کي شهيدون تمهين سلام" ريليز ٿي ويو آهي آءِ ايس پي آر

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پاران پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ جنگ بندي معاهدي جي آجيان

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق قطر جي گادي واري هنڌ دوحا ۾ پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ جنگ بندي معاهدي جي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي جاسوس اسڪينڊل ۾ ملوث ايراني پارليامينٽ جي اڳوڻي ميمبر کي ڦيڪ جي سزا

تهران (اي پي پي) ايران ۾ سياسي ۽ عدالتي ادارن وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ جي هڪ نئين مرحلي ۾ ايراني عدليه پارليامينٽ جي اڳوڻي ميمبر ۽ "مردم سالاري" پارٽي جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

انروا جا 8 هزار استاد غزه جي ٻارن کي ٻيهر تعليم سان جوڙڻ لاءِ تيار ٿي ويا

گڏيل قومون (اي پي پي) فلسطيني پناهگيرن لاءِ گڏيل قومن جي امدادي ايجنسي "انروا" ٻڌايو آهي ته 8 هزار استاد غزه جي ٻارن کي ٻيهر تعليم سان جوڙڻ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مون ليس گروپ جي تقريب ۾ ورتل گروپ فوٽو

پاڪستان جو پهريون هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ ايڇ ايس ون ڪاميابي سان خلا ۾ روانو

سيٽلائيٽ ايڇ ايس ون چين مان خلا ۾ روانو ڪيو ويو سپارڪو آفيس ۾ روانگي جا منظر ڏيکاريا ويا

پاڪستان جو اهو مشن قومي خلائي پاليسي ۽ ويزن 2047 جي هڪ اهم ڪاميابي آهي: ترجمان

هاڻ پاڪستان جو خلائي پروگرام جديد ٽيڪنالاجي ۽ ايپليڪيشنز جي نئين دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان جو پهريون هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ خلا ۾ روانو ڪيو ويو هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ ايڇ ايس ون چين مان خلا ۾ روانو ڪيو ويو آهي ۽ سپارڪو جي آفيس ۾ سيٽلائيٽ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سوات ۽ پرياسي ۾ 4.5 شدت جي زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا

اسلام آباد (اي پي پي) سوات ۽ ان جي پرياسي ۾ 4.5 شدت جي زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. تفصيل مطابق زلزلو مايپندڙ مرڪز جي رپورٽ مطابق زلزلي جي

پاڪستان ۾ ڇاتي جي ڪينسر جا وڌندڙ ڪيس ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهن: مراد علي شاهه

ڪراچي جي جناح اسپتال ۽ سول اسپتال ۾ جديد ڪينسر يونٽ قائم ڪيا ويا آهن

سنڌ حڪومت طرفان ميموگرافي ۽ تشخيصي سهولتون مفت مهيا ڪيون پيون وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ڇاتي جي ڪينسر جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي آگاهي پيغام

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ججن جي لاءِ هاءِ ڪورٽ جي اڳڻ تي امتحان ورتو پيو وڃي

سنڌ ۾ سارين جي اگهن ۾ لاٽ ٽوڙي ناجائز ڪٽوتي خلاف جماعت اسلامي جي سڏ تي مظاهرا، ڌرڻا

ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو، شهدادڪوٽ، قنبر، دادو، سکر ۾ احتجاج

سانگهڙ، ٽنڊوالهيار، نواب شاهه، ٽنڊوجان محمد، بدين، ٽنڊومحمد خان هالا، سيري، ٺٽو ۾ مظاهرا ڪيا ويا

آبادگارن کي هاري ڪارڊ جي نالي تي دربدر ڪرڻ بجاءِ ڪين فصل جو مناسب ريٽ ڏنو وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي ڪسان بورڊ سنڌ طرفان سنڌ ۾ سارين جي اگهن ۾ لاٽ ٽوڙي ناجائز ڪٽوتي ناانصافي ۽ زراعت دشمني خلاف اڄ آچر ڏينهن تي ڪشمور ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد،

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ايڇ ايس ون مشن جي ڪاميابي پاڪستان جي خلائي پروگرام ۾ تاريخي سنگ ميل آهي: اياز صادق

اسپيڪر پاران پهرين هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ جي لانچ تي سائنسدانن، انجنيئرن ۽ قوم کي مبارڪون

اسپارڪو جي سائنسدانن، انجنيئرن ۽ عملي قوم جو ڳاٽ فخر سان اوچو ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق پهرين هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ (ايڇ ايس — ون) جي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جديد سائنسي تحقيق ۽ خلائي ٽيڪنالاجي جي دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي: گيلاني

پهرين هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ ايڇ ايس ون جي خلا ۾ روانگي تي قوم کي مبارڪون ڏيون ٿا

هي عظيم ڪاميابي پاڪستان جي سائنسي، تحقيقي ۽ فني صلاحيت جي شاندار عڪاسي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني پاڪستان جي پهرين هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ ايڇ ايس

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چين ۽ پاڪستان جا سماجي اڳواڻ پاڪ چين ٿنڪ ٽينڪ رپورٽ پڌري ڪندي

پاڪ فضائيه جو جٿو فضائي جنگي مشقن ۾ شرڪت لاءِ آذربائيجان پهچي ويو

جديد ترين جي ايف 17 ٿنڊر بلاڪ ٿري ريڙهاڪ جهازن سان گڏ شيلڊ الفا ۾ شرڪت ڪندو

پاڪ فضائيه جي جهازن فضا کان فضا ۾ بارڻ ڀرڻ جا انتهائي ڏکيا آپريشنز پڻ انجام ڏنا

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فضائيه جي جٿو جديد ترين جي ايف — 17 ٿنڊر بلاڪ ٿري ريڙهاڪ جهازن سان گڏ فضائي جنگي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

چين آمريڪا تي قومي ٽائم سينٽر ۾ سائبر حملن جو الزام لڳائي ڇڏيو

آمريڪا قومي ٽائم سروس سينٽر جي نظام ۾ چوري ۽ دخل اندازي ڪئي آهي: الزام

اسان کي 2022ع کان هن وقت تائين چوري ٿيل ڊيٽا ۽ سندن جا ثبوت مليا آهن: چيني عملدار

بيجنگ (اي پي پي) چين آمريڪا تي قومي ٽائم سينٽر ۾ سائبر حملن جو الزام لڳائي ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق چين آمريڪا تي الزام لڳايو آهي ته ان قومي ٽائم سروس سينٽر جي نظام ۾ چوري ۽ دخل اندازي ڪئي آهي جنهن سان مواصلاتي نيٽ ورڪس، مالي نظام بجلي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

افغانستان مان ٽماٽن جي درآمد بند ٿيڻ سنڌ ۾ اگهه آسمان تي چڙهي ويا

ڪراچي ۾ ٽماٽا في ڪلو 550 رپيا ۽ ڪڪڙ جو گوشت 450 رپين ۾ وڪرو ٿيڻ لڳو

ضلعي انتظاميا پاران ٽماٽن جي مقرر ڪيل سرڪاري قيمت 280 رپيا ڪلو تي عملدرآمد نه ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ٽماٽا في ڪلو مرغي جي گوشت کان به مهانگا ٿي ويا آهن ڪراچي ۾ ٽماٽن جي في ڪلو قيمت 500 رپين کان وڌي وئي آهي جڏهن ته ڪڪڙ جو گوشت 450 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. شهر جي مختلف علائقن ۾ گهٽين ۾ ٽماٽا 450 کان 550 رپين تائين

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جيلن کي اصلاحي مرڪز بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري پئي: فدا حسين مستوئي

آءِ جي جيل ملير ۾ ضلعي جيل اصلاحي مرڪز ۽ جيل ايڪسٽينشن جو دورو ڪيو

صفائي ستٿرائي ۽ نظم و ضبط تي خوشي جو اظهار، انتظاميه جي ساراهه پڻ ڪئي

بن قاسم (ن ع) آءِ جي جيل خانه جات سنڌ فدا حسين مستوئي ضلعي جيل اصلاحي ۽ مرڪز ملير ڪراچي ۽ ملير جيل ايڪسٽينشن جو دورو ڪيو. دوري دوران آءِ جي جيل ملير جيل ايڪسٽينشن ۾ جاري

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخواهه ۾ اٽي بحران وارو معاملو ايپيڪس ڪميٽي ۾ اٿاريو آهي: انجنيئر امير مقام

صوبي ۾ اٽي جي سپلائي جي بندش افغانستان کي اٽي جي اسمگلنگ سبب پيدا ٿي آهي

صوبائي حڪومت سرڪاري گودامن ۾ موجود ڪڻڪ کي فوري طور رليز ڪري ته بحران تي ضابطو اچي سگهجي

سوات (اي پي پي) ڪشمير معاملن واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام خيبرپختونخواهه ۾ جاري اٽي جي بحران

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

لاهور: هڪ ناري مسجد وزير باهران لڳايل تصويرن جي نمائش ڏسي رهي آهي

پاڪستاني حڪومت پنهنجي وسيلن سان ٻوڏ کان بچاءَ ۽ امدادي سرگرمين جا خرچ پورا ڪندي: ناڻي وزارت

وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب 15 هين سي وي ايف وي 20 وزارتي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

سينيٽر محمد اورنگزيب پاڪستان جي ڪلائيميٽ پراسپيرٽي پلان جي تياري ۾ سهڪار تي ٿورو مڃيو

هن گرين ڪلائيميٽ فنڊ ۾ فيصلي سازي جي عمل کي تيز ڪرڻ جي ضرورت کي اجاگر ڪيو

واشنگٽن (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب 15 هين وي 20 وزارتي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سرمائي جي لاڳت، قرض ۽ ترقي جي رستي جي موضوع تي بحث ٿيو ناڻي واري وزير پنهنجي تقرير ۾ ٻوڏن جي وڌندڙ شدت ۽ تسلسل کي اجاگر ڪيو ناڻي واري وزارت

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ڏکڻ آفريڪا جي ڪرڪيٽ ٽيمن وچ ۾ ٻئين ۽ آخري ٽيسٽ ميچ اڄ شروع ٿيندي

راولپنڊي (اي پي پي) آءِ سي سي ورلڊ چيمپيئن شپ جي سلسلي ۾ پاڪستان ۽ ڏکڻ آفريڪا جي ڪرڪيٽ ٽيمن وچ ۾ ٻئين

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

مصر ۽ ملائيشيا جي اڳواڻن جا ٽيليفونڪ رابطا غزه جي نئين سر تعمير تي ويچار

شرم الشيخ سربراهي اجلاس جي نتيجن ۽ جنگ بندي لاءِ مصر جي ڪوششن بابت ڳالهيون ٿيون

مصر جلد ئي غزه جي فوري بحالي ۽ نئين سر تعمير لاءِ هڪ عالمي ڪانفرنس جي ميزباني ڪندو: صدر السيسي

قاهره (اي پي پي) مصر جي صدر عبدالفتاح السيسي ۽ ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم هڪ ٽيليفونڪ ڳالهه

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير پاران پاڪستان جي پهرين هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ جي ڪامياب لانچ تي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پاڪستان جي پهرين هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ (S-1 S) جي ڪامياب لانچ تي قوم، سپارڪو جي ٽيم

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

راول هائوس راهوڪي ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جو اجلاس، راول شرجيل کي چيئرمين چونڊيو ويو

اجلاس ۾ زاهد ميمڻ اغوا واقعي سميت اتحاد سان لاڳاپيل مسئلن تي غور ڪيو ويو

اتحاد، امن ۽ نوجوانن جي ترقي لاءِ جلد اثرائتا قدم کنيا ويندا: راول شرجيل ميمڻ

حيدرآباد (ن ر) سنڌ ميمڻ اتحاد جو اجلاس راول هائوس راهوڪي ۾ منعقد. راول شرجيل ميمڻ کي متفقه طور تي اتحاد جو ڪو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گورنر سان پنجاب جي هم منصب جي اهم ملاقات، بين الصوبائي تعاون ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان گورنر پنجاب سردار سليم حيدر خان گورنر هائوس ڪراچي ۾

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: راول شرجيل سنڌ ميمڻ اتحاد جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ دهشتگردي جي سازش ناڪام، تحريڪ طالبان جا ٻه دهشتگرد زخمي حالت ۾ گرفتار

ملير سٽي ۾ ٽڊو نالو پل جي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ جي آپريشن دوران دهشتگردن فائرنگ ڪئي

جوابي ڪارروائي دوران پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي جا دهشتگردن خالد ۽ عادل زخمي حالت ۾ سوگها

گرفتار ڪيل ڏوهاري شهر ۾ ممڪن دهشتگرد حملي جي منصوبابندي ڪري رهيا هئا: ايس ايس پي امجد شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ دهشتگردي جي هڪ وڏي سازش کي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو) بروقت ناڪام بڻائي ڇڏيو ملير سٽي ۾ ٽڊو نالو پل جي ويجهو حساس آپريشن

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ سڀني قومن يڪجهتي ۽ مذهبي هم آهنگي جو مثال پيش ڪن ٿيون: سردار عبدالرحيم

سنڌ ۾ رهندڙ اقليتي برادري ڪيترين ئي تڪليفن ۽ مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي

صوبائي حڪومت وٽ انهن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪو به واضح يا مؤثر پروگرام موجود ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل ۽ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي)

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ايئر فورس جي شاهين دنيا ۾ پنهنجي صلاحيتن کي مڃرايو آهي: گورنر

جي ايف 17 ٿنڊر بلاڪ ٿري جو نان اسٽاپ فلائيٽ ۽ ري فيولنگ آپريشن اعليٰ پيشورانا صلاحيت جو ثبوت آهي

علائقائي امن، تعاون ۽ جديد هوائي صلاحيتن جي فروغ ۾ ايئر فورس جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري پاڪستان ايئر فورس جي مشق "انڊس شيلڊ الفا" ۾ شاندار شرڪت

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سرگودا: ٻارڙا موڪل ڏهاڙي گهٽي ۾ ڪرڪيٽ کيڏي رهيا آهن

ڪراچي ۾ وڏي پيماني تي مئل ڪڪڙين جو گوشت سپلاءِ ٿيڻ جو انڪشاف، ٻه جوابدار گرفتار

گلبرگ پوليس موسيٰ ڪالوني ريلوي ڦاٽڪ پرسان ڪارروائي ڪندي 80 ڪلو گوشت برآمد ڪيو

جوابدار گودام ۾ مئل ڪڪڙين جي گوشت جي پيڇ جي تياري ڪري رهيا هئا ته ڇاپو لڳو

مئل ڪڪڙين جو گوشت فوڊ سينٽرن، برياني سينٽرن ۽ هوٽلن کي وڪرو ڪيو ويندو هو: انڪشاف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ وڏي پيماني تي مئل ڪڪڙين جي گوشت جي سپلاءِ جو انڪشاف ٿيو آهي شهر جي هوٽلن، فاسٽ فوڊز ۽ برياني سينٽرن تي مئل ڪڪڙين جو گوشت سپلاءِ ڪيو ويندو هو. اختيارين موجب گلبرگ پوليس موسيٰ ڪالوني ريلوي ڦاٽڪ پرسان ڪارروائي ڪندي 80 ڪلو گوشت برآمد ڪيو ۽ ٻن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

عورتن ۾ ڇاتي جي ڪينسر کان بچاءَ لاءِ عوامي آگاهي جي ضرورت آهي: سينيٽر روبينه خالد

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام عورتن جي ڀلائي لاءِ پرعزم آهي، عورتون پنهنجي صحت جو خيال رکن

ڇاتي جي ڪينسر جي عالمي ڏينهن تي ميڊيا ۾ خصوصي آگاهي جا پروگرام منعقد ڪرڻ گهرجن

اسلام آباد (اي پي پي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد چيو آهي ته عورتن ۾ ڇاتي جي ڪينسر کان بچاءَ لاءِ عوامي آگاهي اهم ضرورت آهي بينظير انڪم

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سال (18)   سومر 20 آڪٽوبر 2025ع بمطابق 26 ربيع الثاني 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويھ   شمارو (28)

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلپار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
سومر 20 آڪٽوبر 2025ع

پيپلز پارٽي جا تحفظات ۽ وفاق لاءِ آزمائشي مهينو

پاڪستان جي سياست ۾ پيپلز پارٽي هميشه اهڙي قوت رهي آهي جيڪا نه صرف جمهوريت جي بقا لاءِ جدوجهد ڪندي رهي آهي پر رياست جي حساس معاملن تي به اعتدال ۽ بردباريءَ جو مظاهرو ڪندي آئي آهي. تازو بلاول ڀٽو زرداريءَ جي صدارت هيٺ پيپلز پارٽيءَ جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي (سي اي سي) جو اجلاس انهيءَ تسلسل جو عڪس هو جتي پارٽي قيادت وفاقي حڪومت کي هڪ مهيني جي مهلت ڏئي قومي معاملن تي پنهنجي تحفظات جو اظهار ڪيو. شيري رحمان، نديم افضل چن ۽ شرجيل انعام ميمڻ جي ميڊيا بريفنگ ۾ واضح ڪيو ويو ته جيڪڏهن هڪ مهيني اندر پيپلز پارٽيءَ جا مطالبا ۽ خدشا حل نه ٿيا ته پارٽي اهم سياسي فيصلا ڪندي. اهو اعلان صرف هڪ سياسي انتباهه نه پر هڪ اهڙو اشارو آهي جيڪو وفاقي حڪومت لاءِ هڪ چيلينج بڻجي سگهي ٿو. پيپلز پارٽيءَ جي بنيادي مطالبن ۾ سيلاب متاثرن جي بحالي، ڪڻڪ جي امدادي قيمت جو جلد اعلان ۽ بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي متاثرين جي فوري مالي مدد شامل آهي. هي مطالبا ڪنهن سياست جو حصو نه پر انساني مسئلا آهن جن کي حل ڪرڻ حڪومت جي آئيني ۽ اخلاقي ذميواري آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جا وسيع علائقا اڃا تائين ٻوڏ جي تباهين مان مڪمل طور بحال ناهن ٿي سگهيا. گهر اجڙي ويا، زمينون پاڻيءَ هيٺ رهيون ۽ هزارين خاندان بي گهر بڻجي ويا. وفاقي حڪومت جي سُست رويي تي پيپلز پارٽيءَ جو احتجاج جائز ۽ عوامي مفادن سان مطابقت رکي ٿو اهو به حوصله افزا آهي ته پيپلز پارٽي باوجود سياسي اختلافن جي، ملڪ ۾ جمهوريت ۽ پارليامينٽ جي بالادستيءَ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکڻ جو عزم ورجايو آهي. شيري رحمان جو اهو چوڻ ته "اسان تڪراري بيان بازي نه ڪنداسين. پر عوامي مسئلن تي آواز ضرور اٿارينداسين". جمهوريت پسند قوتن لاءِ هڪ مثبت رستو ظاهر ڪري ٿو.

سي اي سي جي اجلاس ۾ صدر آصف علي زرداريءَ جي شموليت به اهم آهي. جيڪا اهو ظاهر ڪري ٿي ته پارٽيءَ جي اندر قيادت هڪ متحد ۽ منظم حڪمت عملي تحت اڳتي وڌي رهي آهي. بلاول ڀٽو زرداري جنهن جي سياست نئين نسل سان ڳنڍيل آهي. پنهنجي تقرير ۾ به اهو واضح ڪيو ته پيپلز پارٽي وفاقي نظام جي حمايت ڪندي رهندي پر هر ڪم آئيني حدن ۽ ارڙهين ترميم جي مطابق ٿيڻ گهرجي. بلاول جو اهو موقف نه صرف سياسي بالادستيءَ لاءِ اهم آهي. پر اهو صوبائي خودمختياريءَ جي تحفظ جو اشارو به آهي. هُن ٻاران چوڻ ته "وفاق جيڪڏهن ڪراچي ۾ ترقياتي ڪم ڪرڻ چاهي ٿو ته اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي پر هر ڪم آئين جي دائري ۾ هئڻ گهرجي". هڪ متوازن ۽ ذميوار موقف آهي. اڄ جڏهن وفاقي ۽ صوبائي اختيارن بابت تڪرار وقت بوقت اڀرندا رهن ٿا ته اهڙي سياسي بردباري وفاقي هم آهنگيءَ لاءِ ضروري آهي. ٻئي طرف، پيپلز پارٽي جي سي اي سي طرفان دهشتگرديءَ جي واقعن جي مذمت ۽ پاڪ فوج سان گڏ بيهڻ جو اعلان پڻ قابل تعريف آهي. شيري رحمان جو اهو چوڻ ته "جيڪڏهن افغانستان، ڀارت يا ڪا به خارجي قوت اسان جي فوج يا عوام تي حملو ڪندي ته انهن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو" اهو پيغام ڏئي ٿو ته پيپلز پارٽي قومي سلامتيءَ جي معاملي تي ڪا سياسي مفاهمت نٿي ڪري. پاڪستان جي تاريخ گواهه آهي ته پيپلز پارٽي هميشه دهشتگرديءَ خلاف صفِ اول ۾ رهي آهي چاهي اهو شهيد بينظير ڀٽو جو دور هجي يا هاڻوڪو زمانو پارٽيءَ جي قيادت ۽ ڪارڪنن پنهنجون قربانيون ڏنيون آهن. ڪار ساز سانحو جنهن ۾ بي نظير ڀٽو جي قافلي تي خودڪش حملو ٿيو. اڄ به پاڪستان جي سياسي تاريخ جو الميو آهي. اڄ جڏهن سياسي ميدان ۾ تريون ورهايل آهن. هڪ ٻئي خلاف الزام تراشيءَ جو ماحول آهي ته پيپلز پارٽي جو اهو موقف ته "اسان ڳالهه ٻولهه سان مسئلا حل ڪنداسين" قومي سياست ۾ اعتدال جو عنصر وڌائي ٿو ملڪ کي هاڻي تڪرار نه پر اتفاق ۽ تعاون جي ضرورت آهي. عوام غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ جي چڪر ۾ ڦاٿل آهي. جن جي تڪليفن جو حل سياسي پوائنٽ اسڪورنگ سان نه پر گڏيل حڪمت عملي سان ممڪن آهي.

سنڌ جي سڄڻ جو اي-آئي ماڊل- سائنس جي دنيا ۾ ترٿلو!

پروفيسر ڊاڪٽر محمد صادق ميمڻ

حيدرآباد جي علمي ۽ فڪري سرزمين مان اڀرندڙ غلام فاروق اڄ پاڪستان جي انهن غير معمولي ذهنن مان هڪ آهي، جنهن پنهنجي علمي صلاحيتن، تحقيق ۽ ويڙن جي ذريعي فارنسڪ سائنسز ۽ ميڊيڪل ريسرچ جي ميدان ۾ انقلابي تبديلي آندي آهي. هي نوجوان سائنسدان نه رڳو سنڌ، پر سڄي پاڪستان لاءِ فخر جو باعث بڻيو آهي. هو اٽلي جي يونيورسٽي آف يونيمارڪوني ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس ۾ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر طور تعليم حاصل ڪري رهيو آهي، ۽ گڏوگڏ حيدرآباد جي ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر (AI، ريسرچ ۽ ڊيولپمينٽ) جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. سندس اهي ڪاميابيون نه رڳو پاڪستان جي سائنسي برادري لاءِ، پر عالمي سطح تي به هڪ وڏو اعزاز آهن. جنهن سنڌ جي صلاحيتن کي دنيا جي سامهون نروار ڪيو آهي. غلام فاروق جي ڪهاڻي صرف هڪ فرد جي محنت ۽ لگن جو داستان ناهي، پر اها سنڌ جي علمي ۽ فڪري صلاحيتن جو هڪ روشن عڪس آهي، جيڪا دنيا کي ڏيکاري ٿي ته محدود وسيلن جي باوجود، عزم ۽ محنت سان عالمي سطح تي وڏيون منزلون حاصل ڪري سگهجن ٿيون.

غلام فاروق کي اهو منفرد اعزاز حاصل آهي ته هو پاڪستان جو پهريون AI ٽيڪنالوجسٽ آهي، جنهن آرٽيفيشل انٽيليجنس کي عملي طور تي ميڊيڪل ۽ فارنسڪ سائنسز ۾ ضم ڪيو. سندس هي ڪارنامو رڳو پاڪستان لاءِ نه، پر عالمي فارنسڪ برادريءَ لاءِ به هڪ حيرت انگيز انڪشاف آهي. اڳ ۾، شاهدين جي تجربي ۾ انساني تجربو ۽ صلاحيتون مرڪزي حيثيت رکنديون هيون، پر غلام فاروق هڪ اهڙو AI-Based Analytical Model تيار ڪيو آهي، جيڪو اچانڪ موتن، مشڪوڪ قتلن ۽ مبهم ڪيسن ۾ موجود پوشيده شاهدين جي باريڪ ترين سطح تي سڃاڻپ ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو هي سسٽم ڊجيٽل پوسٽ مارٽم، بائيوميٽرڪ ڊيٽا اينالائسز انوملي ڊيٽيڪشن، ڊي اين اي فريڪوئنسي اسڪيننگ ۽ AI-Powered Pattern Recognition جي ذريعي اهڙو تجزيو ڪري ٿو، جيڪو انساني اک ۽ روايتي ليبارٽري آلات جي حدن کان گهڻو اڳتي آهي. هن ماڊل جي درستگي ۽ رفتار نه رڳو سائنسي برادري کي حيران ڪيو آهي، پر اهو انصاف جي فراهمي ۾ پڻ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن ماڊل جي ڪري تحقيقات جو وقت 70 سيڪڙو تائين

گهٽجي ويو آهي، جيڪو فارنسڪ سائنس جي ميدان ۾ هڪ انقلابي قدم سمجهيو وڃي ٿو.

عالمي فارنسڪ ماهرن جو چوڻ آهي ته هي ماڊل مستقبل جي تحقيقاتي طريقيڪار کي نئين سر تعريف ڪري رهيو آهي. هن ماڊل جي مدد سان اهي ڪيس، جيڪي اڳ ۾ وسيلن جي کوٽ يا ٽيڪنيڪي حدن جي ڪري حل نه ٿي سگهيا هئا، هاڻي تيزيءَ سان حل ٿي رهيا آهن. هي نه رڳو تحقيقاتي عمل کي بهتر بڻائي رهيو آهي، پر متاثرين کي جلد انصاف فراهم ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿي رهيو آهي. غلام فاروق جي هن ڪاوش کي عالمي ماهرن "فارنسڪ انٽيليجنس انقلاب" جو نالو ڏنو آهي، جيڪو فارنسڪ تحقيقات جي مستقبل جي هدايت طئي ڪري رهيو آهي. هي ماڊل نه رڳو سائنسي طور تي درست آهي، پر اهو پڻ سماجي انصاف جي حصول ۾ هڪ اهم اوزار طور سامهون آيو آهي. مثال طور، اهي ڪيس جيڪي اڳ ۾ سالن تائين عدالتن ۾ بي نتيجا رهندا هئا، هاڻي هن ٽيڪنالوجي جي مدد سان گهٽ وقت ۾ حل ٿي رهيا آهن. هيءَ ڪاميابي نه رڳو غلام فاروق جي ذاتي محنت جو نتيجو آهي، پر اها پاڪستان جي سائنسي صلاحيتن جي به عڪاس آهي.

غلام فاروق جي ڪاميابين جو دائرو رڳو پاڪستان تائين محدود نه رهيو. ويجهڙائي ۾ هن آمريڪا جي زير اهتمام منعقد ٿيل بين الاقوامي مقابلي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪري پاڪستان جو نالو روشن ڪيو. هي مقابلو دنيا جي بهترين سائنسدانن ۽ محققن جي وچ ۾ منعقد ٿيو، ۽ غلام فاروق جي پروجيڪٽ کي عالمي ماهرن "AI Intelligence Revolution" جو نالو ڏنو. هيءَ ڪاميابي نه رڳو سندس ذاتي محنت ۽ لگن جو نتيجو آهي، پر سنڌ ۽ پاڪستان جي سائنسي وقار لاءِ به هڪ ناقابل فراموش لمحو آهي. هن مقابلي ۾ ڪيس پهرين پوزيشن حاصل ڪرڻ جو اعزاز مليو، جيڪو پاڪستان جي سائنسي صلاحيتن جو عالمي سطح تي مظاهرو آهي. هن ڪاميابي نه رڳو سنڌ جي سائنسي صلاحيتن کي عالمي سطح تي نروار ڪيو، پر اهو پڻ ثابت ڪيو ته پاڪستان جا نوجوان محقق عالمي معيار تي بيهڻ جي مڪمل صلاحيت رکن ٿا. هي لمحو سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ الهام جو سرچشمو آهي، جيڪو کين ٻڌائي ٿو ته محنت ۽ عزم سان ڪو به مقصد محال ناهي. (هلندڙ)

(نوٽ: ليکڪ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي عهدي تي فائز آهن)

اجتماعي ذهانت، اجتماعي قيادت اڻٽر

محمود شام

ڊاڪٽر عبدالباري خان، ڊاڪٽر اديب رضويءَ کي جوش عقيدت سان ڀاڪر پائيندي پيا. سوشل ميڊيا تي هيءَ تصوير گردش ڪري رهي آهي پاڪستان جي هنن ٻن فرزندن جي اکين ۾ جيڪا والهانه تسڪين آهي اها صرف انهن ٻن عظيم شخصن جي نه پر پاڪستان جي عطيا ٿيل روحن جي به عڪاسي آهي- ڏک، مسئلن ۽ خراب حڪمرانيءَ سان گهيريل پاڪستاني ماڻهن جي اندرين ۽ ٻاهرين ملڪ ۾ تعليم ۽ صحت جي شعبن لاءِ جيڪي اربين رپيا رضاڪارانه طور ڏنا وڃن ٿا، اهو انهن جو هم وطنن لاءِ خيرخواهيءَ جو روشن مثال آهي گذريل هفتي هڪ منجهند جو پاڪستان آئي بئنڪ سوسائٽي اسپتال جي پريور پريل آڊيٽوريم ۾ پنهنجن هم وطن صنعتڪارن ۽ واپارين سان گڏ اسان هائيڊل برگ، جرمني جي روٽري ڪلب جي عطيات سان غريب گهرانن جي 20 هزار پرائمري شاگردن جي اکين جي معائني جا تفصيل ٻڌي خوشي محسوس ڪري رهيا هئاسين رياست جي ذميواري هر شهريءَ جي جان ۽ مال جي حفاظت، تعليم ۽ صحت جو مهيا ڪرڻ آهي جڏهن اها ذميواري پوري نه ٿي رهي هجي ته مشتاق چاپڙا، قاضي ساجد علي جهڙا دردمند ميدان ۾ نڪرندا آهن پاڪستان آئي بئنڪ سوسائٽي 1970ع کان هم وطنن جي بصارت لاءِ سرگرم آهي قاضي ساجد علي جرمني مان پنهنجن ڪاروباري لاڳاپن کي پاڪستان جي پسمانده طبقي جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. هائيڊل برگ، جتي علامه اقبال نيڪر درياهه جي ڪناري تي عظيم شاعري تخليق ڪندو رهيو. اتي جي روٽري ڪلب جا عهديدار پاڪستان جي پسمانده علائقن جي اسڪولن ۾ آئي ڪلينڪ جي نگراني ڪري رهيا آهن

هو 60 هزار ٻارن جي بصارت جي ذميواري کڻي رهيا آهن- صرف معائنوئي نه بهتر علاج پڻ هدف آهي ٽيسٽ رپورٽون نه مطمئن ڪندڙ ناهن پر والدين کي اطمينان ڏياريو ويو آهي تقريب دوران جرمني جون هي انتهائي مصروف شخصيتون ڪيترا ڪلاڪ اسان سان آن لائن رهيون. 60 هزار مان 20 هزار ٻارن جو هدف تمام جلد حاصل ڪري ورتو ويو. شاعريءَ ڪيئن ٻن ملڪن جي لاڳاپن کي مضبوط بڻائي ٿي، ايندڙ نسلن جو تربيتي ڪم هلي رهيو آهي اقبال جي شعر کي تشريح ملي رهي آهي:

اي اهلِ نظر ذوقِ نظر خوب هي ليڪن
جو شي کي حقيقت کو نه ديکي وه نظر کيا؟

وزير تعليم ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي مهمانِ خاص آهي- انهن جي ذريعي رضاڪارانه قومي خدمت جو هي جذبو اسلام آباد تائين پهچندو ڪالهه آچر هو پنهنجي پٽن ڌيئرن، پوٽن پوٽين، ڏهٽن ڏهٽين تهن تائين سان خيال ويچار جو ڏينهن سوشل ميڊيا جي وڌندڙ استعمال دنيا ۾ پکڙيل مايوسين ۽ دانشمندانه قيادت جي کوٽ ۾ والدين ۽ اولاد جا هفتي وار رابطا دنيا کي ڪيترن ئي غير متوقع آفتن کان بچائي سگهن ٿا. اسان کي پاڪستان جي سينچري لاءِ تياريون به ڪرڻيون آهن مان ڪجهه ڏينهن کان تمام گهڻو پريشان آهيان انگ اکر ڏسي رهيو آهيان الله تعاليٰ پاڪستان کي موجوده اتحاد سان گڏ هر قسم جا قدرتي معدني وسيلا ۽ انسانيت جا ذريعا عطا ڪيا آهن قائد اعظم 1948ع ۾ انهن نعمتن جو شڪريو ادا ڪندا رهيا. 78 ورهيه گذري چڪا آهن پر اسين انهن کي مڪمل طور تي ڪم آڻي نه سگهيا آهيون صد هزار شڪر آهي جو علمي ادارا هاڻي پاڪستان کي عسڪري طاقت جي لحاظ سان علمي سطح تي ڏهين نمبر تي رکندا آهن اسان کان اڳ هيءَ فهرست آهي: 1. آمريڪا 2. روس 3. چين 4. ڀارت 5. جاپان 6. ڏکڻ ڪوريا 7. فرانس 8. برطانيه 9. برازيل - ترتيب سان هي اعزاز ڊڪيل ناهي: باقاعده اتحاد، ايمان، ڊسپلن ۽ وطن وارن جي قربانين جي نتيجي ۾ حاصل ٿيو آهي اها پڻ فخر جي ڳالهه آهي ته پاڪستان پهرين اسلامي ايٽمي قوت آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محسنِ پاڪستان ڊاڪٽر عبدالقدير خان جون شخصيتون ذهن ۾ اڀرنديون آهن

اسان جي رب اسان کي قدرتي معدني وسيلا به ڪافي مقدار ۾ ڏنا آهن: ٽامي ۾ پنجون مقام، بيرائيٽ ۾ چوٿون، ڪرومائٽ ۾ ٽيون، ڪوئلي ۾ سورهون، آئرن ۾ ٽيون، قديم دور کان لوڻ ۾ پهريون ۽ قيمتي پٿرن ۾ به اهم حيثيت، زراعت ۾، ماشاءَ الله اٺون نمبر ۽ ٻيا ڪيترائي وسيلا موجود آهن دريائي پاڻي قدرتي سامونڊي ڪنارا- پر پوءِ به اسين غريب آهيون ۽ مشڪلاتن ۾ گهيريل آهيون تعليم ۾ اسان جو نمبر 138 آهي صحت ۾ 124، پاسپورٽ عزت ۾ 96، آمدنيءَ جي لحاظ کان 46، خوشيءَ ۾ 109، زندگيءَ جي معيار ۾ 147.

ايتري وڏي دفاعي حيثيت، ايٽمي طاقت هئڻ باوجود ٻاهرين شعبن ۾ اسان جي درجه بندي ڇو بهتر نه آهي؟ قدرتي وسيلن ۽ انساني وسيلن جي فراواني باوجود. سنڌ، پنجاب، ڪي پي، بلوچستان، گلگت بلتستان، آزاد جمون ڪشمير جي ماڻهن جا انساني وسيلا هزارن سالن کان محنتي ۽ ايجاد ڪندڙ رهيا آهن. صوفياءِ ڪرام جي شاعري، ادب ۽ ثقافت تهذيب جو ذريعو آهن. هيءَ زرخيز زمين آهي، هاري ڪم چور ناهن. جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ سمجهه ۾ اسان جو نمبر 69 آهي. آءِ ٽي ۾ به اسين اڳتي آهيون. ورڻي به قرضن ۾ پوريل آهيون. قدرتي وسيلن کي ڪم ۾ آڻڻ بدران هر وزير خزانه آءِ ايم ايف مان قرض وٺڻ کي پنهنجي ڪاميابي سمجهي ٿو. هن وقت اسان تي 273 ارب ڊالر يا 76,045 ڪرب رپين جو قرض آهي. ان جي ادائيگي لاءِ اسان کي رات ڏينهن محنت ڏيکارڻي پوندي. اسان جي آباديءَ جو 47 سيڪڙو حصو غربت جي لائن هيٺ آهي. پي پي پي جو دور هجي يا پي ايم ايل-نون، پي ٽي آءِ هجي يا فوجي حڪمراني- هر دور ۾ غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙن جو انگ اڃا وڌيو. 2023ع ۽ 2024ع ۾ هڪ ڪروڙ 30 لک وڌيڪ پاڪستانين کي هن ظالم لڪير کان هيٺ وڃڻو پيو.

پاڪستان ۾ هر ضلعي ۾ يونيورسٽيون قائم ٿي چڪيون آهن. گهڻي گهڻي ڪاليج ۽ اسڪول موجود آهن. اسڪولن جا مالڪ ايترو ڪمائي چڪا آهن جو هاڻي اهي ئي وسيلا بلند درجيءَ جي هوٽلن ۾ لڳائي رهيا آهن- پر تعليم جو معيار ان جي باوجود گهٽجو پوئتي آهي. اهڙيءَ طرح اسپتالن جا مالڪ به دولت جا مالڪ بڻجي چڪا آهن پر صحت جي شعبي ۾ عام پاڪستانيءَ کي ڌڪيايون آهن.

عالمي بينڪ، گڏيل قومون، يونيسڪو يونيسف ۽ ٻيا ادارا اسان کي بار بار ترجيحن تي زور ڏين ٿا: آباديءَ جو دٻاءُ گهٽايو؛ رياست تعليم ۽ صحت تي وڌيڪ سيڙپ ڪريو. عام طور تي انهن جي ترجيحي فهرست هيٺين ترتيب سان آهي: 1. تعليم 2. صحت 3. روزگار 4. قانون جي حڪمراني 5. پائيدار معيشت 6. مضبوط انفراسٽرڪچر 7. غربت ۾ گهٽتائي 8. صنعت ۾ سيڙپڪاري 9. ماحوليات جي بهتري 10. ڪرپشن جو خاتمو 11. سماجي برابري 12. هر شهريءَ جو سماجي تحفظ. وسيلا اسان وٽ موجود آهن. مسئلن جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي، ترجيحون پڻ مقرر ٿي ويون آهن. ضرورت اها آهي ته حڪمران پنهنجو پاڻ کي عقلِ ڪُل نه سمجهن واهگه کان گوادر تائين اجتماعي ذهانت جي بنياد تي مشاورت جو نظام ٺاهيو وڃي. يونيورسٽيون تحقيق ڪن. قومي سياسي پارٽيون پنهنجا ريسرچ ونگ قائم ڪن. هن ريت هڪ اجتماعي قيادت جو نظام وجود ۾ آندو وڃي. اهو سڀ ڪير ڪندو؟ ذميواري ڪنهن جي آهي؟ جيڪڏهن ايئن تائين نه ٿو ٿئي ته ڪير جوابده هوندو؟ مون کي ذميواريءَ جي تعين تي ڊپ محسوس ٿئي ٿو توهان ٻڌايو ته ڇا ڪجي؟

اُميدن جو پاند پڪڙيون ٿا!

مسلسل اضطراب واري صورتحال ۾ ڪوفت ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. وري جو ترقي يا بهتريءَ بجاءِ تنزليءَ جون خبرون ٻڌڻ ۾ اينديون هجن ته ماڻهوءَ جو جيءَ ٻرجي ٿي اچي ٿو. هن وقت مُلڪ جي اڪثريت ان ئي ڪيفيت مان گذري رهي آهي. اُنهن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ساڻن ڇا ٿيڻ وارو آهي؟ ڪو وقت هو پاڪستاني رُپئي جو پوري خطي ۾ قدر ۽ مانُ هوندو هو جيڪي ماڻهو ڀارت گهمڻ ويندا هئا، اُنهن کي اُتي پهچي خوشي ٿيندي هئي ته سندن پيسا ٻيڻا ٿي ملن ٿا. بنگلاديش تي ته اڪ ئي نه ٻڌندي هئي ته اُن غريب ۽ پوئتي پيل مُلڪ ۾ ماڻهو ڇا وڃي ڏسندا؟ معمولي اُجوري يا گهٽ پگهارن تي به سُڪون واري زندگي گذاربي هئي. دهشتگرديءَ جو خوف هو نه وري ڏيوالي جو ڊپ. جيتوڻيڪ مهانگائي اُن دور ۾ به هوندي هئي، پر زندگيءَ ۾ ضرورتون اِيتريون نه هيون. پبلڪ ٽرانسپورٽ کي اهميت حاصل هوندي هئي. ماڻهو انفراديت بجاءِ اجتماعيت کي اوليت ڏيندا هئا. ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ کي ناپسنديده عمل سمجهيو ويندو هو. پر هاڻ صورتحال تيزيءَ سان خراب ٿي رهي آهي. پورهيت، مزدور، هاري ۽ ننڍين نوڪرين وارا ماڻهو انتهائي ڪٺن زندگي گذارڻ تي مجبور آهن جڏهن ته هيٺيون طبقو هيٺئر پنهنجي پيٽ پالڻ ۾ ڪا خرابي محسوس نه ٿو ڪري شهر ته ٺهيو، پنهنجي رهائش جي آسپاس ئي نظر وجهجي ٿي ته اڪثر ماڻهو پِنندي نظر اچن ٿا. بلڪ اونهارو سيارو صبح جو سوير پوڙها، ٻار ۽ عورتن کي رستي ۾ ويٺي گاڏين ڏانهن حسرت ڀريل نگاهن سان نهاريندي ڏسجي ٿو. اُن کان علاوه ڪنهن شاپنگ سينٽر، مارٽ، مال يا ميڊيڪل اسٽور جي ٻاهران ڪيترائي ماڻهو ٻيوسيءَ جو بُت بڻجي هٿ ڊگهيڙين ٿا. اِرمانُ جي ڳالهه اِها آهي ته هِن وقت ڏيندڙن جو پنهنجو حال به سُٺو ناهي. خاص ڪري نوڪري پيشه ماڻهو سوچي سمجهي ڏينهن گذارين ٿا. اُنهن جيڪو ميڙي جوڙي رکيو هو، سو مهانگائيءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ئي ختم ٿي ويو جو اوچتو آيل مهانگائيءَ جي آفت سندن گهرجي بجيٽ کي بگاڙي ڇڏيو هو پر جيئن تيئن اُنهن برداشت به ڪيو ته مٿان ظلم اِهو جو هر مهيني سيڌو سامان وٺڻ مهل بل ۾ اضافو نظر اچي ٿو. ٻارڙن جا ڪتاب، بيمارن جون دوائون، ڪپڙو لٽو ٽوڙي سفر انتهائي مهانگو ٿي ويو آهي. جيڪي ماڻهو هر ڏکي سُکيءَ ۾ پنهنجن وٽ پير ڀريندا هئا، اُهي هاڻي بهانا تلاش ڪن ٿا. دوستين ۾ وڇا پئجي ويا هئا، ڪالهه تائين جيڪي دوست بِل ڏيڻ تي وڙهندا هئا ته مان پئسا ڏيندس، هاڻ اِن ڳالهه تي وڙهن ٿا ته تون پئسا ڏي. پڙهيو لکيو طبقو توڙي زرخيز ذهن مُلڪ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پَر ساهي رهيو آهي هتي سيني کي پنهنجو مستقبل ڌنڌلو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪي ماڻهو ٿورو گهڻو عقل فهم رکن ٿا، حالتن کان آگاهه آهن. اُهي وڌيڪ پريشان نظر اچن پيا. سندن سوچ آهي ته جڏهن موجوده وقت ۾ عالمي ادارا قرض ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. سيائي جيڪڏهن حالتون وڌيڪ خراب ٿيون ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ مُلڪ مٿان قرض جو سوچي ڏڪڻي وڃي ٿي ٿيا سمجهه ۾ نٿو اچي ته اِيلو وڏو قرض ڪيئن ۽ ڪٿي خرچ ٿيو؟ ترقيءَ جو به پورو سارو حال آهي. سواءِ وڏي صوبي جي باقي هر هنڌ ڪاريءَ وارا ڪک ڏسڻ ۾ اچن ٿا. شديد گرمين ۾ اڻ اعلانيل ڪلاڪن جا ڪلاڪ لوڊ شيڊنگ ٿيندي رهي گئس جي پڻ لوڊ شيڊنگ جاري آهي روزگار جا وسيلا رهيا ناهن. ننڍا ڪاروبار تباهه ٿيندا پيا وڃن موجوده حڪمرانن جو سمورو ڌيان اِن ڳالهه تي آهي ته ڪهڙيءَ ريت باقي رهيل وقت ۾ عوام کي اِهو باور ڪرائجي ته هُو ئي هن مُلڪ لاءِ مسيحا بڻجي سگهن ٿا. منصوبن لاءِ پئسا ناهن پر اُنهن جي پيڙهه جو پٿر ضرور رکيو پيو وڃي. (حميد علي)

غير ملڪي پناهگير سنڌ لاءِ خطرو آهن!

ايڊووڪيٽ عبيدالله چنڙ

مختلف وفاقي حڪومتن مختلف موقعن تي افغاني پناهگيرن کي پنهنجي ملڪ واپس موڪلڻ لاءِ حڪم نامه جاري ڪيا آهن پر نتيجي طور گذريل پنجاهه سالن کان مختلف وقتن تي افغانستان کان ڪهي آيل پناهگير جيڪي هن وقت ملڪي شناخت رکندڙن کان به وڌيڪ پنهنجي سڃاڻپ پاڪستاني طور ڏيکاري يا ٻڌائي طرح طرح جون ڦرٽيون ڏيندي ڏسجي ۽ ٻڌجي رهيا آهن هي افغاني لوڏ گهڻي ڀاڱي ان وقت ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ سميت سنڌ جي وڏن ننڍن شهرن ۾ اچي ديرا ڄمايا هئا. جڏهن اچوڪي طالبان حڪومت جو ان وقت جي افغاني صدر حامد ڪرزئي ۽ ان کان اڳ جنگي مقابلو هلندڙ هيو وقت جي رفتار سان طالبان پنهنجي حڪومت ته قائم ڪري ويٺا پر جيڪي افغاني پناهگير مختلف علائقن مان عارضي طور پاڪستان پهتا هئا ۽ اهو چيو ويو ته هو حالتون بهتر ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي ملڪ واپس ويندا. نتيجي طور انهن افغانين ملڪ جي ڇئني صوبن ۾ ته رڳو مستقل رهائش اختيار ڪئي پر انهن افغاني پناهگيرن کي اسان جي حڪومت، انتظاميه سرعام قومي سڃاڻپ ڪارڊ ته گڏوگڏ ڊوميسائيل به ٺاهي ڏنا ويا. شايد هن ديس ڌرتيءَ جي قسمت ئي اهڙي آهي جو ڪڏهن انڊيا مان آيل پناهگيرن کي هٿ پناهه ڏني ٿي وڃي جيڪي اڄ طرح طرح جي ملڪيءَ جون دعوائون ڪري رهيا آهن اڳتي هلي وقت جي حڪمرانن سنڌ ڌرتيءَ کي انهيءَ افغاني مصيبت ۾ ڦاسايو ويو. جيڪي سنڌ جي راڄڌانيءَ سميت مختلف شهرن اندر نه رڳو منشيات کي هٿي ڏني سنڌ ڌرتيءَ تي رهندڙن کي طرح طرح جون نشي آور شيون ڪارائي موالي بڻائي رهيا آهن پر جيڪا بدامنيءَ جي باهه ٻاري وئي ۽ افغانستان مان ملڪ جي ڇئني صوبن جي پيٽ ۾ هن امن جي تنگيءَ تي جيڪو هٿيارن جو ڪاروبار ۽ ان کانپوءِ ڪرائيم جو واڌارو ڪرايو ويو. تن حالتن جو ڪو مثال به نه ٿو ملي اسين اها ڳالهه بار بار ڪريون ٿا ته سنڌ اندر هڪ طرف منشيات جو ڪاروبار جنهن ۾ چرس، آفيم ۽ مختلف قسمن جو هيروئن شراب، جنهن نسلن جا نسل تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيا آهن اهڙي ريت جيڪڏهن ڪرائيم فيڪٽر جو ذڪر ڪجي ته حقيقي طور انهي انهي تباهين جا پيرا انهيءَ افغاني پناهگيرن ڏانهن وڃي رهيا آهن اهڙي ريت افغاني پناهگيرن کان علاوه صوبي جي وڏن وڏن شهرن ۾ جيڪي غيرقانوني طور ٻين ملڪن جا ماڻهو هتي رهن ٿا، انهن خلاف به ڪارروائي وقت جي اهم ۽ نازڪ ضرورت آهي

سنڌ حڪومت پنهنجي انگن اکرن موجب افغاني پناهگيرن جو جيڪو تعداد ٻڌائي رهي آهي ان سان سنڌ جو ماڻهو يقيناً اختلاف رکندي چئي رهيو آهي ته لکن جي تعداد ۾ ته اهي افغاني سنڌ جي ڀِهراڙين ۽ ننڍن ننڍن شهرن ۾ رهائش پذير آهن باقي جيڪڏهن ڪراچي ۽ حيدرآباد جو ذڪر ڪجي ته هتي ته اهڙا به علائقا آهن جيڪي ڏسڻ ۾ ئي قابل ۽ ڪنڌار جا ڏيک ڏين ٿا. ڪراچيءَ جي مختلف علائقن ۾ رهندڙ افغاني پناهگير پنهنجي ذاتي يعني افغاني بستيون، ڪالونيون ۽ محلن طور سڃاڻپ رکن ٿا. تازو جڏهن هڪ دفعو ٻيهر وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ٻاران افغاني پناهگيرن کي پنهنجي وطن واپس موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ته هتي انهن ماڻهن جيڪي پنهنجا پير پختا ڪيا آهن. اهي ڏسي ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته انهن جو واپس وڃڻ انتهائي مشڪل نظر اچي رهيو آهي اسان جي حڪومتن جا به عجيب فيصلا ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن. جتي سنڌن ٻاران هڪ طرف اهڙن ماڻهن کي وطن واپس موڪلڻ لاءِ حڪم نامه ته وري ٻئي طرف صوبائي حڪومتن جون مجبوريون به ٻڌجن پيون. پاڻ اهو به ڏٺو ته ماضيءَ ۾ به اهڙا وقتي طور اعلان ڪيا ويا پر ڪجهه ڏينهن جي اهڙين ڪاروائين مان اهو ئي ٿيو جو هاڻ اتي ۾ لوڻ برابر اهي افغاني پناهه ڪراچيءَ مان نيڪال ڪيا پيا وڃن سي ماڻهو نه رڳو نوشهروفيروز ضلعي جي شهرن ۾ ديرا ڄمائڻ جون خبرون اچي رهيون آهن اهي به خبرون آيل آهن ته سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ رهندڙ انهن لکين افغاني پناهگيرن کي رڳو هڪ جاءِ کان ٻي هنڌ منتقل ڪيو پيو وڃي ڄامشورو اندر هزارين افغاني پناهه رهندڙ آهن جيڪي ٻڌائين ٿا ته هو پنهنجو ووٽ به مقامي سياسي اڳواڻن ۽ نمائندن کي ڏيندا رهندا آهن اهي به خبرون آيل آهن ته ڄامشورو ۽ پسگردائيءَ جي ننڍن ننڍن شهرن ۽ آبادين مان اهي افغاني پناهگير مقامي سياسي اڳواڻن جي مدد سان پنهنجو سامان کڻي معاشهين جابلو علائقن ۾ آباد ٿي رهيا آهن اهڙي ريت پاڻ جيڪڏهن سکر، گهوٽڪي خيرپور ضلعن جو هتي ذڪر ڪريون ته انهن ضلعن ۾ به سالن کان اهي افغاني پناهگير ڪروڙين روپين جي پراپرٽيءَ جا ملڪ بڻايا پيا وڃن گهوٽڪي ڏهرڪي ۽ اوٻاوڙو جي علائقن سان وابسته افغاني پناهگير هن وقت حڪومتي اعلان کان پوءِ ريگستان ۽ ٿرجي پٽيءَ تي آباد ڪيا پيا وڃن اهڙي ريت جيڪڏهن ڪراچيءَ سان گڏوگڏ حيدرآباد ڊويزن جو مجموعي ذڪر ڪجي ته ڄامشورو، ڪوٽڙي، ٽنڊو ڄام، مٽياري، ٽنڊو محمد خان ۽ ٽنڊو الهيار سميت ڪيترن ئي شهرن ۾ افغاني پناهگير وڏا ڪاروباري طبقي طور پنهنجي سڃاڻپ رکن ٿا. رڳو ڪوٽڙيءَ جي قديم علائقي خدا جي بستي ۽ هاڻوڪي افغاني پناهه بستيءَ جو ذڪر ڪجي ته هتي سنڌي، پنجابي يا مهاجر کي ڪو مسواڙ تي گهر ملڻ به مشڪل آهي ته گڏوگڏ انهيءَ آباديءَ واري علائقي ۾ ڪو ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ ڪو به ڪاروبار نه ٿو ڪري سگهي پاڻ جيڪڏهن ڪراچيءَ جو رُخ ٿا ڪريون ته اُتي ته هن ديس ڌرتيءَ کي جيڪو لاوارث ڪري سرعام نشاني تي رکندي ڪڏهن سڄل ڳوٺ ۽ گلستان جوهر مان نوجوانن جا لاش ڪٽيا پيا وڃن پر انهيءَ ڪلفٽن ۽ ڊفينس جهڙن پوش علائقن اندر به هي افغاني پناهگير چور دروازن مان گهڙي سرعام وارداتون ڪرڻ ۾ رُڌل آهن ڪراچيءَ اندر هن وقت تائين جيڪي ٻمپرن هيٺ انساني جانيون ضايع ٿيون آهن. تنهن جو ته تعداد به ڳڻيو نٿو سگهجي روزانو جي بنياد تي تيز رفتار ٻمپر ڊرائيور انساني جانين جا ويري بڻيل آهن انهن جو تعلق به انهن افغاني پناهه سان ٻڌايو ويندو آهي بهرحال پاڻ هن ديس جا ڏٺي طويل ماضيءَ کان وقت جي حڪمرانن کان اها گهر ڪندا پيا اچون ته ملڪ سميت هن امن جي سنڌ ڌرتيءَ تي جيڪي به ٻين ملڪن جا غير قانوني ماڻهو چور دروازن مان ترسيل آهن تن کي هنگامي طور پنهنجن پنهنجن ملڪن ڏانهن واپس موڪليو وڃي سنڌ ڌرتيءَ جي مارونڙن جي اهڙي گهر کي ڪڏهن به وقت جي حڪومت سنجيدگيءَ سان ائين نه ٻڌو آهي جيئن حالتون اڄ سامهون آهن هن وقت ضرورت اِن ڳالهه جي آهي ته نه رڳو سنڌ حڪومت پر وفاق کي به گهرجي ته ملڪ جي ڇئني صوبن ۾ رهندڙ انهن غير ملڪي لٽي آيل ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي وطن واپس موڪلڻ ۾ سنجيدگي اختيار ڪرڻ گهرجي باقي ماضيءَ جيان رڳو اعلانن مان ڪجهه به ناهي ورڻو

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

تون چَنڊ! اُهوئِي، جو هُتِ پَسين ٿو پِرينءَ کي؛
آڏِتُ چئج اُنِ کي، ڏِيانءِ جو روئِي؛
هيڪانڊيءَ هوئِي، سانگُ مَ پَوي سَڄَڻين!
(سُر ڪنڀات)

اڄوڪو ڏينهن ..... 20 آڪٽوبر

فقير ميان علي گوهر شر



اڄ هن مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر جي جنم جو ڏينهن آهي مخدوم طالب المولٰي پنهنجي ڪتاب ياد رفتگان ۾ هن جي جنم جي تاريخ 20 آڪٽوبر 1918ع ڄاڻائي آهي هو فولاد فقير شر جو پٽ هو ۽ خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ ميٺگهو فقير شر ۾ هن جو جنم ٿيو هن پنهنجي والد جي نگراني ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو اردو، فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم ترجي علمن کان حاصل ڪيائين هن هندستان کان آيل هڪ پنڊت کان گرمکي ٻولي به سکي تصوف ۽ وحدانيت جا نڪتا پنهنجي والد کان سکيو ڪيس سماع جو گهڻو شوق هو سندس آستاني تي صوفي راڳ جون محفلون متل هونديون هيون پاڻ به وجد ۾ اچي ڳائيندو هو پاڻ هڪ ڪامل بزرگ ۽ صوفي شاعر هو هن سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي اردو، فارسي عربي ۽ هنديءَ ۾ به شاعري ڪئي شاعريءَ ۾ "علي گوهر" ۽ "بيخود" تخلص استعمال ڪيائين هن جا 15 ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن تاريخ 13 ڊسمبر 1989ع تي سندس وصال ٿيو

حاتم علي علوي



حاتم علي علوي ڪراچيءَ جو مشهور واپاري، سماج سڌارڪ ۽ سياستدان هو هن جو جنم 20 آڪٽوبر 1898ع تي هندستان جي شهر پالنپور ۾ ٿيو هن سنڌ مدرسي هاءِ اسڪول (هاڻوڪي يونيورسٽي) مان تعليم پرائي هن کي ننڍي هوندي کان ئي سماجي ۽ عام ڀلائيءَ جي ڪمن سان دلچسپي رهي هو ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي اهم سماجي سياسي ۽ ثقافتي ادارن ۽ تنظيمن جو ميمبر رهيو انهن ۾ سنڌ مدرسي بورڊ جو ميمبر، سنڌ يونيورسٽي ڪميشن جو ميمبر، ڪراچي يونيورسٽي سنڊيڪيٽ جو ميمبر، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ٽرسٽي ڪراچيءَ جي اربن ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جو چيئرمين، نابين ٻوڙن ۽ گونگن جي ڀلائيءَ لاءِ قائم ڪيل سروس ليگ جو چيئرمين ۽ پاڪستان جي انڊسٽريل فائينشيل ڪارپوريشن جو چيئرمين شامل آهن ٻين به ڪيترين ئي سماجي تنظيمن جو ميمبر ۽ عهديدار رهيو سياسي طور تي پهريائين آل انڊيا ڪانگريس سان ۽ بعد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ سان لاڳاپيل رهيو هو 6 مئي 1938ع کان 5 مئي 1939ع تائين ڪراچيءَ جو ميئر پڻ رهيو هن 26 جنوري 1986ع تي وفات ڪئي

عارف المولٰي



اڄ مشهور شاعر عارف المولٰي جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو اصل نالو شاهنواز شاهه هو ۽ سندس جنم 20 آڪٽوبر 1922ع تي سانگهڙ ضلعي ۾ ٻنڊي شهر ويجهو ڳوٺ سبحان علي شاهه ۾ ٿيو هن قرآن شريف عربي، فارسي تفسير ۽ اسلاميات جي تعليم ٻنڊيءَ جي مدرسي مان حاصل ڪئي هو هڪ پلوڙ شاعر هو سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪشتيءَ منجهه ڪنا" 1994ع ۾ ڇپيو سندس شاعريءَ ۾ بيت، ڪافيون، نظم غزل مثنويون ۽ گيت وغيره شامل آهن هن حسن بخش شاهه ٻنڊيءَ واري جو ڪلام پڻ ترتيب ڏئي ڇپرايو هن ڪيترائي مضمون ۽ ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون 31 مئي 1978ع تي هڪ ڪار حادثي ۾ هو پنهنجي زندگيءَ جي بازي هارائي ويٺو

سهيل سانگي

اڄ مشهور صحافيءَ سهيل سانگيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 20 آڪٽوبر 1950ع تي ڇاڇري تعلقي جي ڳوٺ جهنجهي ۾ ڄائو هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڇاڇري مان ۽ انٽر جو امتحان مسلم ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو اڳتي هلي هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (انگريزي) جي سند حاصل ڪئي. شاگرديءَ واري زماني ۾ هو نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو. هن 1970ع واري ڏهاڪي ۾ صحافتي دنيا ۾ پير پاتو هو "روزاني سنڌ نيوز" جي اوائلي ڪارڪنن مان هڪ هو. هن "روزاني عبرت"، "سنڌ آبزرور" ۽ "روزاني سفير" ۾ به ڪجهه عرصو ڪم ڪيو. هن مختلف سياسي، سماجي ۽ ٻين موضوعن تي بيشمار ڪالم لکيا. جنرل ضياءَ واري مارشل لا واري دور ۾ پنهنجن ساٿين ڪامريڊ جمال نقوي ۽ ڪامريڊ امرلال سان گڏ سڄا سارا پنج سال قيد ڪاٽيائين. هن روزاني ڊان جي سب ايڊيٽر ۽ روزاني ڪاوش جي ريزيڊنٽ ايڊيٽر طور به ڪم ڪيو. پاڻ هفتيوار آرسيءَ جو ايڊيٽر ۽ پبلشر رهيو. هو روزاني عوامي آواز جي باني ڪارڪنن مان هڪ هو. هو حيدرآباد پريس ڪلب جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو. هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ ترجمون ڪيا آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ماس ڪميونيڪيشن شعبي ۾ وزيٽنگ ٽيچر طور به ڪم ڪيائين.

پيربخش ڏيرو



اڄ سانگهڙ ضلعي جي مشهور سياستدان پيربخش ڏيري جي جنم جو ڏينهن آهي. پيربخش ڏيرو 20 آڪٽوبر 1955ع تي ملديسي شهر جي مشهور ڏيرا خاندان ۾ خوشيون کڻي آيو. هن پهريان اٺ ڪلاس پنهنجي شهر ملديسيءَ ۾ پڙهيا، ان بعد ٻارهين ڪلاس تائين ٽنڊي آدم مان تعليم حاصل ڪئي. اڳتي هلي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه عرصو وڪالت ڪيائين پر پوءِ سياسي، سماجي ۽ زميندارِي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪيائين. پاڻ 1987ع ۾ ملديسي يونين ڪائونسل جو ڪائونسلر ۽ 2001ع ۾ ساگهي يونين ڪائونسل جو ناظم چونڊيو. 2005ع ۾ سانگهڙ ضلعي جو وقتي ناظم چونڊيو. هن پنهنجي ترم ۾ ڪيترائي عام ڀلائيءَ جا ڪم ڪرايا. سياست سان گڏ پاڻ ادب دوستيءَ جي ڪري به مشهور آهي.

درشيڪا آڏواڻي

درشيڪا آڏواڻي هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور سنگيتڪاره آهي. اڄ سندس سالگرهه جو ڏينهن آهي هوءَ هندستان جي شهر ممبئيءَ جي رهواسڻ آهي. هن ممبئيءَ جي حيدرآباد نيشنل ڪاليجئيٽ يونيورسٽيءَ مان مئنيجمينٽ اسٽڊيز ۾ بي اي جي سند حاصل ڪئي آهي. درشيڪا ستن سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ ئي ڳائڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي سريلي ۽ مٺڙي آواز سبب هندستان جي سنڌي حلقن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي آهي. هن جي ڳايل گيتن جا ڪيترائي البم به جاري ٿي چڪا آهن. خاص طور تي سندس ڳايل گيتن جو البم "ورثو" گهڻو مشهور ٿيو آهي. هن کي ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو آهي. جن ۾ گلوبل پرائيڊ آف سنڌي ايوارڊ 2024ع شامل آهي. هن هندستان کان علاوه آمريڪا، سنگاپور ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ٻين ملڪن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو آهي.

مختيار اٽر

سر رچرڊ فرانسس برٽن

سر رچرڊ فرانسس برٽن برطانيه جو هڪ فوجي آفيسر، ٻولين جو ڄاڻو، ليکڪ ۽ سياح هو. هن جو جنم 19 مارچ 1821ع ۾ انگلينڊ ۾ ٿيو. هن کي سنڌي ٻوليءَ سميت دنيا جي 25 ٻولين تي عبور حاصل هو. هو 1842ع ڌاري هڪ فوجي آفيسر طور هندستان آيو. 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي ته هن کي به ڪراچيءَ ۾ گهرايو ويو. شروع ۾ هن سنڌ جي زمينن جي سروي ۽ پيمائش وغيره جو ڪم ڪيو. گڏوگڏ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي رهڻي ڪرڻيءَ جو اڀياس ڪندو رهيو. 1853ع ۾ هن هڪ افغاني حڪيم حاجي عبدالله جي فرضي نالي سان مڪي ۽ مديني شريف جي زيارت ڪئي. هو عربي ٻولي به نهايت روانيءَ سان ڳالهائي سگهندو هو. هن صوماليه، مصر ۽ ڪجهه آفريڪي ملڪن جو پڻ سفر ڪيو ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيا. هن سنڌ بابت جيڪي ڪتاب لکيا، تن ۾ "سنڌ يا ڏکويل ماٿري" (Sind or the Unhappy Valley)، سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون (Sind, and the races that inhabit the valley of the Indus)، "سنڌو ماٿريءَ ۾ شڪربازي" (in the Valley of the Indus Falcony) ۽ "سنڌ جي ٻيو دفعو زيارت" (Sind, revisited) شامل آهن. هن 20 آڪٽوبر 1890ع تي اٽليءَ ۾ وفات ڪئي.

حافظ عبدالله بسمل

اڄ هن قادرالڪلام شاعر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن بزرگ شاعر جو جنم 1306هه ڌاري ٽنڊي محمد خان ضلعي جي مشهور ڳوٺ نڪرڙ ۾ ٿيو. هن سنڌي، فارسي ۽ فقه جي تعليم پنهنجي والد علامه محمد يوسف جي مدرسي مان حاصل ڪئي. قرآن شريف حفظ ڪرڻ جي سعادت به حاصل ڪيائين. ان بعد علامه اسدالله شاهه وٽ عربي پڙهڻ ويٺو ۾ والد جي اوچتي وفات سبب تعليم کي اڌ ۾ ڇڏي پنهنجي ڀائرن جو ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو. هن مختلف مدرسن ۾ معلم طور ڪم ڪيو پر عمر جو گهڻو حصو ڪسمپرسيءَ ۾ گذاريائين. حافظ صاحب ٻارهن ٻارهن سالن جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سندس ڪلام ان وقت جي سمورن ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيو. پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه عرصو پهرين منشي عبدالشڪور حيدرآباد مان "هلال پاڪستان اخبار" جاري ڪئي انهيءَ اخبار ۾ حافظ بسمل کي شاعر خاص رکيو ويو انهيءَ اخبار ۾ حافظ صاحب جو ٻيو ٻها ڪلام ڇپيو. حافظ عبدالله بسمل جو تفصيلي احوال ۽ سندس شاعريءَ جو نمونو مهراڻ رسالي جي سوانح نمبر ۾ پڙهي سگهجي ٿو. هن قادرالڪلام شاعر 20 آڪٽوبر 1950ع تي وفات ڪئي.

محمد ايوب کهڙو

اڄ مشهور سياستدان محمد ايوب کهڙي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 14 آگسٽ 1901ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ عاقل ۾ ٿيو هن سنڌ مدرسي ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان تعليم حاصل ڪئي هن 1920ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ سياسي ميدان ۾ پير پاتو. 1923ع ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو 1936ع ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ کان پوءِ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ صوبائي وزير مقرر ٿيو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 14 آگسٽ 1947ع کان 28 اپريل 1948ع تائين سنڌ جو وزيراعليٰ رهيو اڳتي هلي 25 مارچ 1951ع کان 30 ڊسمبر 1951ع تائين ۽ 9 نومبر 1954ع کان 13 آڪٽوبر 1955ع تائين سنڌ جو وڏو وزير رهيو. وزيراعليٰ طور سندس ٽيون دور سنڌ جي تاريخ جو اونداهو دور قرار ڏئي سگهجي ٿو هن سنڌ اسيمبليءَ مان ون يونٽ جي حق ۾ قرارداد پاس ڪرائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو سندس انهيءَ عمل سبب سنڌ جي صوبائي حيثيت هڪ ڊگهي عرصي تائين ختم ٿي وئي هو اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو به ميمبر رهيو ۽ بجاءِ واري وزير طور ڪم ڪيائين. 1970ع وارين چونڊن ۾ ذوالفقار علي ڀٽي خلاف چونڊ وڙهيو پر شڪست کاڌائين. هن 20 آڪٽوبر 1980ع تي وفات ڪئي.

محمد جمن دريدر

محمد جمن دريدر سنڌ جو هڪ انقلابي شاعر سنگيتڪار ۽ قوم پرست تحريڪ جو هڪ اهم ڪردار هو. ڪيس پيار وچان "ماما جمن دريدر" ڪوٺيو ويندو هو. هن آدرشي انسان جو جنم عمرڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ روحل واهه ۾ 12 مئي 1944ع تي ٿيو. سندس والد عبدالرشيد ساند هڪ مسڪين هاري هو. هن ابتدائي تعليم پهريائين عمرڪوٽ ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي. ان بعد گورنمينٽ مڊل اسڪول ڇاپي ۾ پڙهيو. هو ڇاپي ڳوٺ جي مدرسي ۾ به پڙهيو جتي مشهور قوم پرست اڳواڻ عبدالواحد آريسر سندس ڪلاس فيلو رهيو. 1960ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد ميرپورخاص مان فيلڊ اسسٽنٽ جو ڪورس پاس ڪيائين. هن فيلڊ اسسٽنٽ طور سنڌ جي مختلف شهرن ۾ نوڪري ڪئي. زرعي ڪاليج سڪرنڊ ۾ هن ڪيترائي اسٽيج ڊراما پيش ڪيا، جن ۾ هن هڪ اداڪار، صداڪار ۽ هدايتڪار طور ڪم ڪيو. عبدالواحد آريسر جي صحبت کيس قوم پرست تحريڪ جو اڻٿڪ انگ بڻائي ڇڏيو هو ڀهريائين جيئي سنڌ محاذ ۽ پوءِ جيئي سنڌ قومي محاذ جو سرگرم ڪارڪن رهيو. هن 1968ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سندس شاعريءَ ۾ رومانيت جا رنگ، ڌرتيءَ سان محبت جا اٿاهه جذبا ۽ قومي جدوجهد جا عڪس نمايان نظر اچن ٿا. سندس آتم ڪهاڻي "وني هر هر جنم ورسو" شايع ٿيل آهي هن انمول انسان 20 آڪٽوبر 2022ع تي پنهنجي ڌرتيءَ کان هميشه لاءِ موڪلايو.

بقايا	1	اتفاق تي ريو

تركي ثالثي جو ڪردار ادا ڪيو. ٻنهي ڌرين ۾ طرفي امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ مستقل ميڪانيزم تي پڻ اتفاق ڪيو ويو قطر جي پرڏيهي وزارت موجب، ڳالهين دوران ٻنهي ڌرين نه رڳو جنگ بندي تي اتفاق ڪيو پر ٻه طرفي امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ مستقل ميڪانيزم تي پڻ اتفاق ڪيو سرڪاري ذريعن جو چوڻ آهي ته هي معاهدو پاڪستان جي طاقت جي پوزيشن جو نتيجو آهي جتي پاڪستاني فوجن زمين تي واضح جواب ڏنو ۽ ٻئي پاسي کي هڪ مؤثر پيغام موڪليو ان کان پوءِ ٿيندڙ ڳالهين ۾ پاڪستان جي ڏکهي ۽ واضح مطالبي کي قبول ڪيو ويو جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو ته افغانستان دهشتگردي جي هر قسم جي حمايت ۽ سهولت کي ختم ڪري. ڳالهين جي حساس نوعيت جي ڪري، ڳالهين جي سڀني تفصيلن کي عام نه ڪيو ويو جيڪو هڪ اشارو آهي ته افغان ڌر کي پنهنجو چهرو بچائڻ جو موقعو ڏنو ويو. ذريعن جو چوڻ آهي ته حقيقت ۾، افغان ڌر طرفان ڪا به گهرج نه ڪئي وئي، جڏهن ته پاڪستان جو موقف مڪمل طور تي قبول ڪيو ويو. هن معاهدي تحت، افغانستان کان پاڪستاني سرزمين تي دهشتگردي کي فوري طور تي بند ڪيو ويندو. ٻنهي ڌرين اهو به اتفاق ڪيو آهي ته متفقه نقطن تي عمل درآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڳالهيون جاري رهنديون ان سلسلي ۾ ايندڙ فالو اپ ملاقات 25 آڪٽوبر تي استنبول ۾ ٿيندي، جتي ٻنهي ملڪن جا وفد تفصيلي معاملن تي بحث ڪندا. قطر جي پرڏيهي وزارت ڳالهين کي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي طرف هڪ اهم قدم قرار ڏنو آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي آهي ته هي معاهدو سرحدي تڪرار جي مستقل خاتمي جو بنياد رکندو ٻئي طرف نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته افغان سرزمين تان پاڪستان خلاف دهشتگردي جي روڪٿام لاءِ قدم ضروري آهن ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ اسحاق ڊار چيو ته دوحا ۾ ٿيل معاهدي جي آجيان ڪيون ٿا، اهو پهريون هاڪاري قدم آهي اسان ٻائر ملڪن قطر ۽ ترڪيه جي تعميري ڪردار کي ساراهيون ٿا ۽ ترڪيه ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ٺوس ۽ تصديق جوڳي مانيٽرنگ مڪينزم جي قيام تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي. هن چيو ته افغان سرزمين تان پاڪستان خلاف دهشتگردي جي روڪٿام لاءِ قدم ضروري آهن وڌيڪ جاني نقصان کان بچڻ لاءِ سمورن امڪاني قدمن تي عملدرآمد اٽل آهي

بقايا	2	انڪشاف

دهشتگردي لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن ڏکڻ وزيرستان ۾ فرنٽيئر ڪور ڪي پي ڪي هڪ وڏي ڪارروائي ڪندي آپگهاتي بمبار کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار آپگهاتي بمبار جي سڃاڻپ نعمت الله ولد موسىٰ جان جي نالي سان ٿي آهي. گرفتار آپگهاتي بمبار افغانستان جي صوبي قنڌار جو رهواسي آهي تفصيل مطابق آپگهاتي بمبار پنهنجي اعترافي بيان ۾ ڪيترائي انڪشاف ڪيا آهن آپگهاتي بمبار نعمت الله جيڪو هريره مدرسي جو شاگرد آهي ۽ حفظ ڪري رهيو آهي گرفتار آپگهاتي بمبار پنهنجي اعترافي بيان ۾ چيو ته مدرسي ۾ موجود ڪجهه ساٿين مون کي چيو ته پاڪستاني فوج خلاف جهاد جائز آهي، اسان 40 ساٿي گڏ ٿياسين ۽ چيوار رستي پاڪستان ۾ داخل ٿياسين آپگهاتي بمبار ٻڌايو ته پوءِ لالي زئي جي علائقي بروند (ڏکڻ وزيرستان) وياسين جتي طالبان جو مرڪز هو اسان جو ڪمانڊر عمر حماس هو جيڪو آپگهاتي حملن تي تربيت ڏيندو هو، آپگهاتي حملي جي تربيت 3 مهينا هئي جڏهن ته مان هڪ هفتو تربيت ورتي تربيت ۾ اسان کي سيکاريو ويو ته گاڏي تي آپگهاتي حملو ڪيئن ڪرڻو آهي؟ اها تربيت به ڏني وئي ته چيڪ پوسٽ تي ڪيئن آپگهاتي حملو ڪرڻو آهي اسان جي گروپ ۾ 20 نوجوان شامل هئا جن جي عمر 18، 20 ۽ 22 سال هئي آپگهاتي بمبار چيو ته مان تربيت دوران اتي اذان جو آواز ٻڌي مون کي احساس ٿيو ته پاڪستاني فوج به مسلمان آهي ان تي آپگهاتي حملو ڪرڻ حرام آهي گرفتار آپگهاتي بمبار جا انڪشاف ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته افغان طالبان گهٽ عمر نوجوانن جي ذهن سازي ڪري رهيا آهن مذهبي ذهن سازي ذريعي انهن گهٽ عمر نوجوانن کي پاڪ فوج خلاف دهشتگرد سرگرمين تي اڪسايو پيو وڃي.

بقايا	3	گولاباري

فوج جي نون حملن سان نه رڳو تباهي ۽ خوف جي لهر ڇانئيل آهي پر اها جنگبندي به خطري ۾ پئجي وئي آهي، جيڪا آمريڪا جي ٿيڪيداري سان عمل ۾ آئي هئي. اسرائيلي فوج غزا تي نئون حملو ڪري ڇڏيو جنهن سان جنگبندي خطري ۾ پئجي وئي ۽ بي لغام اسرائيل طرفان معاهدي جي ڀڃڪڙي جا خدشا درست ثابت ٿيا. اسرائيلي ميڊيا پنهنجي فوج جي جارحيت کي "جوابي ڪارروائي" قرار ڏنو آهي پر ثبوتن جي کوٽ ۽ زميني حقيقتون ڪجهه ٻيو بيان ڪن ٿيون اسرائيلي ميڊيا دعوي ڪئي آهي ته فوج رفح جي علائقي ۾ فضائي ڪارروائيون ان وقت شروع ڪيون جڏهن اتي ويڙهاڪن اسرائيلي فوج تي حملو ڪيو پر رپورٽ ۾ ڪي ثبوت پيش نه ڪيا ويا. اسرائيلي حڪومت جي ترجمان کان انهن حملن جي تصديق بابت پڇيو ويو ته هن معاملو فوج حوالي ڪري ڇڏيو پر فوج طرفان ڪو بيان جاري ناهي ڪيو ويو اکين ڏٺن شاهدن موجب ڏکڻ غزا جي علائقي رفح ۽ خان يونس ۾ ڌماڪن ۽ فائرنگ جا آواز ٻڌا ويا، جڏهن ته اباسن جي اوڀر علائقي ۾ اسرائيلي ٽينڪن جي گولاباري جا اطلاع وصول ٿيا. خان يونس جي رهواسين ٻڌايو ته آچر تي ٻي پهري مهل اسرائيلي فضائيا رفح تي ڪيترائي فضائي حملا ڪيا. مقامي صحت کاتي موجب آچر ڏينهن اتر غزا جي علائقي جباليا ۾ اسرائيلي فضائي حملي ۾ به فلسطيني شهيد ٿي ويا. هوڏانهن حماس جي سينيئر اڳواڻ عزت الرشق چيو ته اسان معاهدي تي عمل ڪري رهيا آهيون ۽ اسرائيل ان جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي. غزا جي سرڪاري ميڊيا آفيس موجب اسرائيل جنگبندي ڪانپوءِ هيل تائين 47 ڀڃڪڙيون ڪيون آهن، جن ۾ 38 ڄڻا مارجي ويا ۽ 143 زخمي ٿيا، انهن ڀڃڪڙين ۾ شهرين تي سڌي ريت فائرنگ، گولاباري ۽ گرفتارين جا واقعا شامل آهن

بقايا	4	ناڻي وزارت

سهڪار تي ٿورو مڃيو ان منصوبي کي عملي جامو پارائڻ لاءِ ڪنٽري پارٽنرشپ فريم ورڪ تحت فنڊنگ دستياب آهي وفاقي وزير لاس اينڊ ڊيميج فنڊ کي فوري طور فعال ڪرڻ تي زور ڏيندي چيو ته گرين ڪلائيميٽ فنڊ ۾ فيصلي سازي جي عمل کي تيز ڪرڻ جي ضرورت کي اجاگر ڪيو ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته 1.2 ارب ڊالرن جي ايندڙ آءِ ايم ايف قسط ڊسمبر تائين ملڻ جي اميد آهي واشنگٽن ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي محمد اورنگزيب چيو ته آءِ ايم ايف ايگزيڪيوٽو بورڊ جلد اجلاس ۾ معاهدي جي منظوري ڏيندو ۽ پاڪستان کي 31 ڊسمبر تائين 1.2 ارب ڊالرن جي قسط ملڻ جي اميد آهي هن چيو ته آءِ ايم ايف پاڪستان تي قومي مفاد خلاف ڪو شرط لاڳو نٿو ڪري سگهي آءِ ايم ايف پروگرام تحت ڪيل سڌارن معيشت کي مستحڪم ڪيو ۽ هاڻ سمورا سڌارا پاڪستان جي پنهنجي معاشي ترجيحن موجب آهن

بقايا	5	مڻ مقرر

شهباز شريف جي صدارت هيٺ ڪڻڪ پاليسي بابت اجلاس ٿيو جنهن ۾ سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ گلگت بلتستان جا وڏا وزير خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير جو نمائندو، جمون ڪشمير جو وزيراعظم ۽ لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊر شريڪ ٿيا. ان موقعي تي وزيراعظم چيو ته پاڪستان هڪ زرعي معيشت آهي ۽ ڪڻڪ جو فصل وڏي اهميت رکي ٿو اها نه رڳو ماڻهن جي بنيادي خوراڪ پر هارين لاءِ به آمدني جو وڏو ذريعو آهي هن چيو ته حڪومت هارين جي مسئلن کان واقف آهي انهن کي رليف ڏيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهيون، صوبائي حڪومتن، آبادگار تنظيمن، صنعتڪارن سان تفصيلي مشاورت ڪانپوءِ پاليسي جو اعلان ڪري رهيا آهيون سندس چوڻ هو ته اها پاليسي زرعي ترقي کي هٿي ڏيندي، هارين جي آمدني ۾ واڌ ٿيندي ۽ اها پاليسي پاڪستاني عوام جي غذائي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندي اجلاس دوران بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون ڪڻڪ جي فصل مان اٽڪل 6.2 ملين ٽن جا اسٽريٽجڪ ذخيرا حاصل ڪنديون ۽ خريداري 3500 رپيا في مڻ ڪڻڪ جي عالمي درآمدي قيمت موجب ڪئي ويندي

بقايا	6	قوم کي مبارڪ

آهي هتي جاري بيان ۾ هن اسپارڪو جي سائنسدانن ۽ عملي کي مبارڪ پيش ڪندي چيو ته پاڪستان خلائي شعبي ۾ هڪ سنگ ميل پار ڪري ورتو آهي ان سيٽيلائيٽ جي استعمال سان زراعت، ماحولياتي نظام، ڪاٽن ڪوڪنگ تيل ۽ گيس جي کوجنا ۾ مدد ملندي

بقايا	7	ايران

معاهدي ۽ گڏيل قومن جي ٺهراءَ 2231 جو مدو ختم ٿي ويو ايراني پرڏيهي وزارت پنهنجي بيان ۾ چيو ته اڄ کان معاهدي جون سموريون شقون جن ۾ ايران جي ايٽمي پروگرام بابت پابنديون ۽ انهن سان لاڳاپيل سمورو انتظامي طريقيڪار شامل آهي، غير موثر ٿي چڪيون آهن پر وزارت گڏو گڏ ايران جي "سفارتڪاري تي پختي عزم" جو به ورجاءُ ڪيو ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي سلامتي ڪائونسل کي موڪليل پنهنجي پيغام ۾ چيو ته ٺهراءُ 2231 جيڪو ايٽمي معاهدي بابت هاڻ باضابطه طور تي پنهنجو مدو پورو ڪري چڪو آهي هن چيو ته آمريڪا شروعات ۾ ئي پنهنجن واعدن کان ڦري ويو پوءِ هڪ طرفو طور معاهدي کان نڪري غير قانوني پابنديون ٻيهر لاڳو ڪيون ۽ انهن ۾ توسيع به ڪئي. هن چيو ته آمريڪا جا قدم عالمي قانونن ۽ گڏيل قومن جي منشور جي سنگين ڀڃڪڙي آهن جن معاهدي جي نفاذ کي متاثر ڪيو هن مطابق يورپي ڌرين به پنهنجا واعدا پورا نه ڪيا، پر غير قانوني پابنديون ايراني ادارن ۽ شخصيتن تي لاڳو ڪيون

بقايا	8	منظوري

جي عزم تحت سينٽرل ڊولپمينٽ ورڪنگ پارٽي (سي ڊي ڊبليو پي) جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ قومي ترقي جي مختلف شعبن بابت 18 منصوبا منظور ڪيا ويا. گذريل ڏينهن رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وزارت طرفان جاري بيان موجب اجلاس جي موقعي تي وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته ترقي صرف منصوبن جو نالو ناهي هي انسان، ڪارڪردگي ۽ مقصديت جو مجموعو آهي اسان جيڪي به منصوبا منظور ڪندا آهيون انهن کي پاڪستان جي بهتر مستقبل ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي هن چيو ته پاڪستان جي ترقياتي حڪمت عملي ويژن 2025ع ۽ اڏام پاڪستان جي 5 ايز فريم ورڪ تي ٻڌل آهي جن ۾ ايڪسپورٽس، اي پاڪستان، انرجي ۽ انفراسٽرڪچر، ماحوليات ۽ برابري ۽ بااختياري شامل آهن اهي ئي ٿنڀ پاڪستان کي هڪ معلوماتي، چئلينجي ۽ جامع معيشت ۾ تبديل ڪندا. اجلاس ۾ 12 منصوبن جن جي ماليت 354 ارب رپيا آهي سي ڊي ڊبليو پي سطح تي منظور ڪيا ويا جڏهن ته 6 منصوبا جن جي مجموعي لاڳت 280.2 ارب رپيا آهي ايڪنڪ کي سفارش لاءِ موڪليا ويا. اجلاس ۾ پلاننگ واري سيڪريٽري اويس منظور سمرا، چيف اڪانامسٽ، وائيس چانسلر پائيڊ ۽ وفاقي ۽ صوبائي ادارن جي اعليٰ نمائندن شرڪت ڪئي اجلاس جي ايجنڊا زراعت، طرز حڪمراني، صحت، اعليٰ تعليم، سماجي ڀلائي، توانائي، ٽرانسپورٽ ۽ پاڻي جي وسيلن جهڙن اهم شعبن تي هئي ته جيئن قومي ترقي جي سمورن رخن کي هم آهنگ انداز ۾ اڳتي وڌائي سگهجي زراعت کي پاڪستان جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي قرار ڏيندي سي ڊي ڊبليو پي جديد ٽيڪنالاجي، قدر ۾ اضافي ۽ موسمياتي استحڪام کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهم قدمن جي منظوري ڏني اجلاس ۾ صحت جا 3 منصوبا منظور ڪيا ويا، احسن اقبال چيو ته صحت جي شعبي ۾ هر سيڙپڪاري جو ٺوس نتيجو هجڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته قومي وسيلا محدود آهن آزاد جمون ڪشمير ۾ ڪي نئيا پن بجلي جا منصوبا منظور ڪيا ويا، اهي منصوبا صاف، پائيدار ۽ مقامي توانائي فراهم ڪندا ۽ اڏام پاڪستان جي انرجي ۽ انفراسٽرڪچر ٿنڀ موجب خطي کي پائيدار ٿيڻ ڏانهن وٺي ويندا سنڌ ۾ سماجي تحفظ جي نظام کي مضبوط بڻائڻ جو منصوبو ايڪنڪ ڏانهن سفارش لاءِ موڪليو ويو هي منصوبو ورلڊ بئنڪ ۽ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان گورهارين عورتن ۽ ٻن سالن کان ننڍي عمر وارن ٻارن جي مائرن لاءِ مشروط روڪ امداد فراهم ڪندو ته جيئن شروعاتي 1000 ڏينهن ۾ غذائيت، صحت ۽ فلاح کي يقيني بڻائي سگهجي هي قدم برابري ۽ بااختياري جي اصولن تي ٻڌل آهي ٽرانسپورٽ ۽ ڪميونيڪيشن جي شعبي جا 3 منصوبا غور هيٺ آيا، ڪوئيٽا بس ريپڊ ٽرانزٽ سسٽم جي فزيبلٽي اسٽڊي منظور ڪئي وئي، مين لائن ون ۽ حويليان ڊرائي پورٽ جي ڊزائين ۽ ڊرائنگ جي منصوبي کي ايڪنڪ ڏانهن موڪليو ويو احسن اقبال چيو ته ايم ايل ون پاڪستان جي ترقي لاءِ اٽڪر آهي ڇاڪاڻ ته هي ملڪ جي ريلوي نظام کي جديد، محفوظ ۽ تيز بڻائيندو هن تجويز ڏني ته ريلوي پنهنجي قيمتي زمين کي واپاري بنيادن تي استعمال ڪري ته جيئن منصوبو پائيدار ٿي سگهي ان شعبي جو ٻيو منصوبو ايم ايل ون روهڙي کان ملتان سيڪشن هو جنهن کي اي ڊي بي جي تعاون سان منظور ڪيو ويو پاڻي ۽ وسيلن جي شعبي ۾ 2 اهم منصوبا منظور ڪيا ويا، ڪچي ڪينال جي بحالي جو منصوبو جيڪو ٻوڏ نقصانن جي ازالي لاءِ آهي ۽ خيبرپختونخوا ايريگيٽڊ ايگريڪلچر امپرومينٽ پروجيڪٽ جيڪو جديد آبپاشي نظام، واٽر ڪورسز ۽ ڪارڪردگي وڌائڻ واري ٽيڪنالاجي ذريعي پاڻي جي بهتر استعمال کي يقيني بڻائيندو هي ٻئي منصوبا ماحوليات ۽ موسمياتي تبديلي لاءِ ٿنڀ سان لاڳاپيل آهن ۽ پاڪستان جي پاڻي جي تحفظ جي عزم جي نمائندگي ڪن ٿا. هي سمورا منصوبا ويژن 2025ع ۽ اڏام پاڪستان جي فريم ورڪ تحت پاڪستان جي معيشت، روزگار ۽ پائيدار ترقي جي راهه ۾ سنگ ميل ثابت ٿيندا

بقايا	9	ناڻي وزارت

مان جاري بيان مطابق پاڪستان حڪومت پنهنجي وسيلن سان ٻوڏ کان بچاءُ ۽ امدادي سرگرمين جا خرچ پورا ڪندي ناڻي واري وزير سي وي آءِ ايف — وي 20 سيڪريٽريٽ طرفان پاڪستان جي ڪلائيميٽ پراسپيرٽي پلان جي تياري ۾ سهڪار تي ٿورو مڃيو ان منصوبي کي عملي جامو پارائڻ لاءِ ڪنٽري پارٽنرشپ فريم ورڪ تحت فنڊنگ دستياب آهي وفاقي وزير لاس اينڊ ڊيميج فنڊ کي فوري طور فعال ڪرڻ تي زور ڏيندي چيو ته گرين ڪلائيميٽ فنڊ ۾ فيصلي سازي جي عمل کي تيز ڪرڻ جي ضرورت کي اجاگر ڪيو

بقايا	10	تعمير تي ويچار

ٻولهه ۾ غزه ۾ انساني امداد، نئين سر تعمير ۽ فلسطيني مسئلي بابت تازي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پرڏيهي خبرون اداري مطابق ايوان صدر مطابق صدر السيسي ان ڳالهه ٻولهه دوران تازي شرم الشيخ سربراهي اجلاس جي نتيجن ۽ جنگ بندي جي پهرين مرحلي تي عمل لاءِ مصر جي ڪيل ڪوششن بابت آگاهه ڪيو صدر السيسي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته مصر ۽ ملائيشيا جي موقف ۾ هم آهنگي آهي ته تازي اڳڀرائي کي بنياد بڻائي هڪ "سنجيده سياسي عمل" شروع ڪرڻ گهرجي، جيڪو هڪ آزاد فلسطيني رياست جي قيام ڏانهن وٺي وڃي، جهڙوڪ عالمي ٺهراءن ۾ ڪيل آهي هن اهو به اعلان ڪيو ته مصر جلد ئي غزه جي فوري بحالي ۽ نئين سر تعمير لاءِ هڪ عالمي ڪانفرنس جي ميزباني ڪندو ۽ ان سلسلي ۾ ملائيشيا سان ويجهي سهڪار جي اميد ظاهر ڪئي ٻئي پاسي وزيراعظم انور ابراهيم غزه ۾ انساني امداد فراهم ڪرڻ ۽ نئين سر تعمير ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ملائيشيا جي مڪمل آمادگي ظاهر ڪندي چيو ته اهو سڀ مصر سان مڪمل هم آهنگي ۾ انجام ڏنو ويندو هن مصر طرفان جنگ جي مڪمل خاتمي لاءِ جاري ڪوششن جي مڪمل حمايت جو اظهار به ڪيو

بقايا	11	چونڊيو ويو

چيئرمين چونڊيو ويو مختلف مسئلن تي غور ويچار خبر موجب سنڌ ميمڻ اتحاد جي چيئرمين شرجيل انعام ميمڻ جي فرزند راول شرجيل ميمڻ جي صدارت ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جو اجلاس راول هائوس راهوڪي ۾ منعقد ڪيو ويو. سنڌ ميمڻ اتحاد جي مرڪزي باڊي، سي اي سي سنڌ ڪائونسل جي ميمبرن، ونگز جي چيف آرگنائيزرز، ڊويزن باڊي، ضلعي صدرن، ضلعي جنرل سيڪريٽريز ۽ سينيئر نائب صدرن راول شرجيل ميمڻ کي متفق طور تي سنڌ ميمڻ اتحاد جو ڪو چيئرمين چونڊي ورتو. اجلاس دوران زاهد ميمڻ جي اغوا جي واقعي سميت سنڌ ميمڻ اتحاد سان لاڳاپيل ٻين اهم مسئلن تي تفصيل سان غور ڪيو ويو. ان موقعي تي راول شرجيل ميمڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن کي يقين ڏياريو ته سڀني مسئلن جي حل لاءِ جلد اثرائتا قدم کنيا ويندا ۽ جيئن ميمڻ برادري جي اتحاد، امن ۽ انصاف جي واڌاري کي يقيني بڻائي سگهجي. راول شرجيل ميمڻ وڌيڪ چيو ته ميمڻ اتحاد جي پليٽ فارم تان عوامي خدمت ۽ نوجوانن جي ترقي لاءِ عملي قدم کنيا ويندا.

بقايا	12	شروع ٿيندي

ٽيسٽ ميچن تي ٻڌل سيريز جي ٻئين ۽ آخري ٽيسٽ ميچ (اڄ) سومر کان راولپنڊي ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ۾ شروع ٿيندي مداحن جي جنرل فرسٽ ڪلاس، پريميئم ۽ وي آءِ پي انڪلوزرز ۾ داخلا مفت هوندي پاڪستان کي سيريز ۾ 0-1 جي سرسي حاصل آهي قذافي اسٽيڊيم لاهور ۾ کيڏيل پهرين ٽيسٽ ميچ ۾ پاڪستان ڏکڻ آفريڪا کي 93 رنسن تان شڪست ڏني هئي قومي ٽيم شان مسعود جي قيادت ۾ ميدان ۾ لهندي ۽ رانديگر سيريز ۾ ڪلين سويپ جي عزم لاءِ پرجوش نظر اچي رهيا آهن

بقايا	13	مبارڪباد پيش

۽ پاڪستاني سائنسدانن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني آهي وزيراعليٰ چيو ته هي سيٽلائيٽ قوم جي علمي ۽ فني ترقي جو عڪس آهي جنهن پاڪستان کي خلائي تحقيق جي نئين دور ۾ داخل ڪيو آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته نوجوان انجنيئرن ۽ سائنسدانن ملڪ جو نالو عالمي سطح تي روشن ڪيو آهي جڏهن ته جديد ٽيڪنالاجي ۾ خودڪفالت ئي پائيدار ترقي جي ضمانت آهي هن سپارڪو جي ٽيم کي عالمي معيار جي منصوبي تي شاندار ڪارڪردگي تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته پاڪستان جو خلائي پروگرام هاڻي خطي ۾ هڪ نئين سڃاڻپ حاصل ڪري رهيو آهي وزيراعليٰ وڌيڪ چيو ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون سائنسي تحقيق جي واڌ ويجهه لاءِ گڏيل جدوجهد ۾ مصروف آهن هن چيو ته هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ سان ماحولياتي تحفظ، زراعت جي بهتري ۽ قدرتي وسيلن جي نگراني ۾ مدد ملندي، جيڪو سائنسي ترقي جو نئون سنگ ميل آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته پاڪستاني سائنسدانن جي هي ڪاميابي سڄي قوم لاءِ فخر جو لمحو آهي ۽ سپارڪو جي ڪاميابي نوجوانن لاءِ اميد ۽ حوصلي جو پيغام بڻجي چڪي آهي وزيراعليٰ سنڌ هن تاريخي موقع تي پوري قوم کي مبارڪباد پيش ڪندي چيو ته خلائي تحقيق ۾ پاڪستان جو سفر هاڻي نئين اعتماد ۽ توانائي سان اڳتي وڌندو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت جديد ٽيڪنالاجي ۽ تحقيق جي فروغ ۾ هر ممڪن تعاون جاري رکندي، چو ته پاڪستاني انجنيئرز ۽ سائنسدانن جي صلاحيتن جو اعتراف دنيا ڀر ۾ ڪيو پيو وڃي

بقايا	14	ڳالهيون

هڪ اهم ملاقات ڪئي جنهن ۾ بين الصوبائي تعاون، ترقياتي معاملن ۽ قومي اتحاد جهڙن اهم معاملن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. ملاقات دوران ٻنهي گورنرن پاڪ-افغان سرحدي ڇڪتاڻ تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ قومي سلامتي لاءِ اتحاد ۽ مربوط حڪمت عملي جي ضرورت تي زور ڏنو ان سلسلي ۾ انهن قطر جي ثالثي ۾ تازي جنگ بندي معاهدي جي آجيان ڪئي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هي قدم خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ رستو هموار ڪندو. گورنر پنجاب گورنر سنڌ جي سربراهي ۾ جاري عوامي ڀلائي جي منصوبن کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو

بقايا	15	گرفتار

دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) سان تعلق رکندڙ ٻن دهشتگردن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ايس ايس پي ايس آءِ يو امجد شيخ موجب دهشتگردن جي سڃاڻپ خالد ۽ عادل جي نالي سان ٿي آهي جيڪي شهر ۾ ممڪن دهشتگرد حملي جي منصوبابندي ڪري رهيا هئا. جڏهن پوليس انهن کي گهيرو ڪيو ته ملزمن فائرنگ ڪئي، جيڪا هڪ پوليس موبائل کي به لڳي، پر خوشقسمتيءَ سان ڪو به جاني نقصان نه ٿيو پوليس جوابي فائرنگ ڪئي جنهن ۾ ٻنهي دهشتگردن کي زخمي ڪيو ۽ انهن کي گرفتار ڪيو انهن جي قبضي مان ٻه پستول، هٿيار ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي، جيڪي واقعن ۾ استعمال ٿيڻ جو امڪان هو ايس ايس پي امجد شيخ موجب، گرفتار دهشتگردن کي زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي جاچ جو دائرو پڻ وڌايو ويو آهي ته جيئن ملزمن جي سهولتڪارن ۽ امڪاني هدفن کي شامل ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي

بقايا	16	سردار عبدالرحيم

جي سيڪريٽري اطلاعات سردار عبدالرحيم، فنڪشنل ليگ اقليتي ونگ سنڌ جي صدر ۽ سابق ايم پي اي نند ڪمار گوڪلاڻي سان ڳالهه ٻولهه دوران، هندو برادري کي سندن مذهبي عيد ديوالي جي موقعي تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي آهي سردار عبدالرحيم چيو ته پاڪستان ۾ رهندڙ سڀ قومون رنگ، نسل ۽ مذهب جي فرق کان مٿانهون ٿي پيار، محبت، قومي يڪجهتي ۽ مذهبي هم آهنگي جو عظيم مثال پيش ڪن ٿيون، جيڪو ملڪ جي حقيقي سڃاڻپ آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ رهندڙ اقليتي برادري ڪيترين ئي تڪليفن ۽ مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت وٽ انهن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪو به واضع يا مؤثر پروگرام موجود ناهي. اقليتي برادري جي ڀلائي لاءِ مقرر ڪيل ساليانو اربين رپين جو بجيٽ به مبينا طور تي هڙپ ڪيو وڃي ٿو جيڪو انتهائي افسوسناڪ عمل آهي. سردار عبدالرحيم چيو ته مذهبي هم آهنگي ۽ ڀائيچاري جي واڌاري لاءِ حُرن جي روحاني پيشوا پير صاحب پاڳارا جو ڪردار تاريخي اهميت رکي ٿو ۽ سندن تعليمات اڄ به اتحاد ۽ يڪجهتي جو پيغام ڏين ٿيون. آخر ۾ سردار عبدالرحيم چيو ته ديوالي جي موقعي تي ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي، پاڪ فوج جي شهيدن جي بلند درجن ۽ عالمي سطح تي مذهبي رواداري ۽ امن جي واڌاري لاءِ خاص دعائون ڪرڻ گهرجن.

بقايا	17	گورنر

تي مبارڪباد ڏني آهي ۽ چيو آهي ته جي ايف 17-ٿنڊر بلاڪ ٿري جو نان اسٽاپ فلائيٽ ۽ ري فيولنگ آپريشن پاڪستان ايئر فورس جي اعليٰ پيشوراڻا صلاحيت جو ثبوت آهي هن چيو ته پاڪستان ايئر فورس جي شاهين دنيا ۾ پنهنجي صلاحيتن کي پاڻ مڃرايو آهي ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستاني پائلٽس قوم جو سر فخر سان بلند ڪيو آهي گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته علائقائي امن تعاون ۽ جديد هوائي صلاحيتن کي فروغ ڏيڻ ۾ پاڪستان ايئر فورس جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي

بقايا	18	جوابدار گرفتار

جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ورتو پوليس طرفان داخل ڪيل ايف آءِ آر جي متن موجب اطلاع مليو ته هڪ گودام ۾ مئل ڪڪڙين جو گوشت موجود آهي. جوابدار گوشت جي پيهڄ جي تياري ڪري رهيا هئا، جنهن تي پوليس فوري طور سنڌ فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي کي اطلاع ڪيو ۽ ڪارروائي ڪئي پوليس ٻڌايو ته جوابدار مئل ڪڪڙين جو گوشت فوڊ سينٽرن، برياني سينٽرن ۽ هوٽلن کي ڏيندا هئا. کانئن وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي

بقايا	19	سينيٽر روبينه

سپورٽ پروگرام عورتن جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ پرعزم آهي. گذريل ڏينهن ڇاتي جي ڪينسر کان آگاهي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته عورتون پنهنجي صحت جو خيال رکن ۽ باقاعده معائنو ڪرائين بينظير انڪم سپورٽ پروگرام عورتن جي صحت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سرگرم آهي ڇاتي جي ڪينسر جي عالمي ڏينهن تي خصوصي آگاهي جا پروگرام منعقد ڪرڻ گهرجن ڪنهن به بيماري جي جلد سڃاڻپ سان قيمتي زندگين کي بچائي سگهجي ٿو هن چيو ته عورتن کي بااختيار بڻائڻ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي اولين ترجيح آهي. ميڊيا ۾ ڇاتي جي ڪينسر کان آگاهي جا پيغام نشر ڪرڻ گهرجن ميڊيا عوامي آگاهي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي سينيٽر روبينه خالد چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام عورتن جي ترقي لاءِ پرعزم آهي

بقايا	20	

چيو ته آءِ ايم ايف جي شرطن سبب صوبائي حڪومتون وفاق جي هدايت کان سواءِ امدادي قيمت مقرر نٿيون ڪري سگهن جنهن ڪري هاري سخت مالي دٻاءُ جو شڪار آهن زراعت واري صوبائي وزير جو چوڻ هو ته وفاق کان مطالبو ڪريون ٿا ڪڻڪ جي امدادي قيمت 4 هزار 200 رپيا في مڻ مقرر ڪئي وڃي ۽ پيپلز پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي به گذريل ڏينهن ڪڻڪ جي امدادي قيمت مقرر ڪرڻ جو مطالبو ڪري چڪي آهي زراعت واري صوبائي وزير خبردار ڪيو ته جيڪڏهن هارين کي مناسب قيمت نه ملي ته هو ڪڻڪ جي پوک ڇڏي ٻين فصلن ڏانهن ويندا، جنهن سان ملڪ ۾ خوراڪ جو بحران پيدا ٿي سگهي ٿو سردار محمد بخش مهر جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت هارين لاءِ "ڪڻڪ پوکيو سپورٽ پروگرام" تحت 56 ارب رپين جو امدادي پيڪيج متعارف ڪرايو آهي جنهن تحت في ايڪڙ 24 هزار 700 رپيا سبسڊي ڏني ويندي، جنهن سان هاري يوريا ۽ ڊي اي پي خريد ڪري سگهندا اها سهولت هڪ کان 25 ايڪڙ زمين وارن 4 لک 11 هزار آبادگارن کي ڏني ويندي. هڪ لک 32 هزار 601 هاري رجسٽرڊ ٿي چڪا آهن ۽ وڌيڪ جي رجسٽريشن جو عمل جاري آهي صوبائي وزير جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت "هاري ڪارڊ اسڪيم" تحت هارين لاءِ 8 ارب رپيا پڻ الڳ مختص ڪيا آهن سڄي صوبي ۾ 52 هزار 993 هاري ڪارڊ نئين رجسٽرڊ هارين ۾ سنڌ بئنڪ جي سمورين برانچز جي ذريعي ورهاست جو عمل جاري آهي زراعت واري صوبائي وزير چيو ته وفاق ڪڻڪ جي امدادي قيمت مقرر ڪرڻ جو فوري اعلان ڪري ته جيئن هارين کي وقت سر رليف ملي سگهي ۽ ملڪ خوراڪ جي بحران کان محفوظ رهي سنڌ جي زراعت کاتي واري وزير چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت آهي ته سنڌ جي هارين کي وڌ کان وڌ هر ممڪن سهولت ڏني وڃي

بقايا	21	اتفاق

منصوبن کي هٿي وڌائڻ ۽ بليو اڪانومي کي مستحڪم ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي هتي جاري ڪيل بيان موجب سامونڊي معاملن واري وزير آفريقا، مرڪزي ايشيا ۽ مصر ۾ "پاڪستان هائوسز" قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني منصوبي جو مقصد واپاري لاڳاپا وڌائڻ ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ آهي. مصر جي سفير سويز ڪينال جي فري زون تجربن جي ساراهنا ۽ پاڪستان جي سامونڊي شعبي ۾ سهڪار جي آڇ ڪئي پاڪستاني روانگي ۽ واپار جي معيار جي تعريف ڪندي ٻه طرفي واپار کي هٿي وٺرائڻ جي عزم جو پڻ ورجاءُ ڪيو ايس آءِ ايف سي جي تعاون سان ملڪ جي صنعتي ۽ سامونڊي شعبي جي عالمي مارڪيٽ ۾ توسيع لاءِ سرگرم آهي

بقايا	22	ريليز ڪيو ويو

پاران جاري ڪيل بيان موجب آءِ ايس پي آر وطن لاءِ جان جي قرباني ڏيندڙ شهيدن کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي قومي نغمي ذريعي وطن عزيز جي بقا ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ جان ڏيندڙ شهيدن کي قوم جو سلام پيش ڪيو آهي وطن خاطر جان جو نذرانو پيش ڪندڙن جون داستانون قوم جي دلين ۾ زنده آهن نغمي ۾ معصوم ٻارن ۽ عورتن جي شهادت کي پڻ خراج عقيدت پيش ڪيو ويو آهي بزدل دشمن جي دهشتگرد حملن ۾ شهيد ٿي ويل بهادر جوانن جي قربانين تي هر پاڪستاني کي فخر آهي نغمي ۾ رت جي آخري قطري تائين وطن لاءِ قرباني ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو آهي شهيدن جي رت جو هر قطرو پاڪستان جي بقا ۽ امن جي ضمانت آهي

بقايا	23	آجيان

آجيان ڪندي چيو آهي ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ سيز فائر معاهدو علائقائي استحڪام طرف اهم اڳڀرائي آهي، پاڪستان هميشه پرامن گڏيل بقاءُ ڳالهين ۽ پاڙيسري ملڪن سان احترام تي يقين رکي ٿو قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب اسپيڪر چيو ته امن ۽ استحڪام ٻنهي ملڪن جي عوام جي اجتماعي ضرورت آهي، خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جا قدم ساراهه جوڳا آهن

بقايا	24	قيد جي سزا

سيڪريٽري جنرل مصطفيٰ ڪوڪبيان کي قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي ميڊيا رپورٽن موجب اهو فيصلو ان وقت سامهون آيو آهي جڏهن هن فرانسيسي يهودي ڇاپي صحافي ڪيترين شڪدر بابت حسان الزام لاڳو ڪيا ويا هئا. عدالت ڪوڪبيان کي قيد جي سزا ٻڌائي جڏهن ته ان کي 4 سال لاءِ معطل به ڪيو ويو آهي فيصلي ۾ اهو به شامل آهي ته هو ايندڙ ٻن سالن تائين ڪنهن به قسم جي ميڊيا سرگرمي ۾ حصو نه وٺندو عدالت ان ميڊيا اداري جي ايڊيٽر تي به ڏنڊ لڳايو آهي جنهن ڪوڪبيان جا تڪراري بيان شايع ڪيا هئا.

بقايا	25	اياز صادق

ڪامياب لانچ تي اسپارڪو جي سائنسدانن انجنيئرن ۽ قوم کي مبارڪون ڏنيون آهن گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب اسپيڪر سردار اياز صادق اسپارڪو جي سائنسدانن ۽ انجنيئرن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي چيو ته ايڇ ايس — 1 مشن جي ڪامياب لانچ پاڪستان جي خلائي تحقيقاتي پروگرام ۾ هڪ تاريخي سنگ ميل آهي ايڇ ايس 1 سيٽلائيٽ جي لانچ ملڪ ۾ سائنسي ۽ فني طور پاڻپرو ٿيڻ جون نيون راهون هموار ڪندي اسپيڪر چيو ته اسپارڪو جي سائنسدانن انجنيئرن ۽ عملي قوم جو ڳاٽ فخر سان اوچو ڪري ڇڏيو آهي ايڇ ايس — 1 سيٽلائيٽ زراعت، ماحولياتي استحڪام ۽ شهري رٿابندي ۾ هڪ انقلابي اڳڀرائي ثابت ٿيندو هن چيو ته سيٽلائيٽ زرعي فصلن جي صحت، مٽيءَ ۾ گهم ۽ قدرتي آفتن جي موثر نگراني ممڪن ٿي سگهندي هي مشن پاڪستان جي پائيدار ترقياتي هدفن کي حاصل ڪرڻ طرف هڪ اهم قدم آهي اسپيڪر چيو ته هي لانچ پاڪستان جي سائنسي برادري جي محنت، ويژن ۽ قومي عزم جي عڪاس آهي، اسپارڪو جي اها ڪاميابي نوجوان نسل لاءِ تحقيق ۽ جدت جي نئين تحريڪ بڻجندي سردار اياز صادق چيو ته پارليامينٽ، اسپارڪو ۽ ٻين سائنسي ادارن جي ترقي لاءِ تعاون جاري رکندي، ملڪ کي خلائي تحقيق جي ميدان ۾ نمايان مقام ڏيارڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا ويندا.

بقايا	26	گيلاني

ون جي خلا ۾ ڪامياب روانگي تي قوم کي مبارڪون ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جديد سائنسي تحقيق ۽ خلائي ٽيڪنالاجي جي نئين دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. ڪالهه سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان موجب سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته هي عظيم ڪاميابي پاڪستان جي سائنسي، تحقيقي ۽ فني صلاحيت جي شاندار عڪاسي آهي هن چيو ته قوم ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو علم، تحقيق ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ تيزي سان ترقي طرف گامزن آهي اسپارڪو جي سائنسدانن، انجنيئرز ۽ فني عملي کي زبردست خراج تحسين پيش ڪريان ٿو سينيٽ چيئرمين چيو ته هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ قومي خلائي پاليسي ۽ ويژن 2047ع کي حاصل ڪرڻ طرف هڪ اهم سنگ ميل آهي هي سيٽلائيٽ زرعي رٿابندي، ماحولياتي نگراني، شهري رٿابندي ۽ قدرتي آفتن جي اڳڪٿي ۾ مددگار ثابت ٿيندو هن چيو ته پاڪستان جديد سائنسي تحقيق ۽ خلائي ٽيڪنالاجي جي نئين دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته اسان جي نوجوان نسل ۾ تحقيقي صلاحيت، خدمت جو جذبو ۽ عالمي معيار جي مهارت موجود آهي ايڇ ايس ون سيٽلائيٽ جي لانچ پاڪستان جو پاڻپرو ۽ فني خودمختياري طرف هڪ اهم قدم آهي پاڪستاني نوجوان سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ تحقيق جي ميدان ۾ اڳتي وڌي ترقي يافته قومن ۾ پاڪستان جو نالو مستحڪم ڪن. هن چيو ته هي ڪاميابي پوري قوم لاءِ فخر جوڳي آهي پاڪستاني قوم هڪ دفعو ٻيهر ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو پنهنجي صلاحيتن عزم حوصلي ۽ اتحاد سان هر چئلينج تي ضابطو آڻي سگهي ٿي

بقايا	27	تيار ٿي ويا

لاءِ تيار آهن. انروا جي جاري ڪيل بيان موجب اها غزه جي سڀ کان وڏي انساني همدردي جي تنظيم آهي ۽ ان کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پنهنجو ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ گهرجي. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته غزه جا ٻار ڊگهي عرصي کان اسڪول نه وڃي سگهيا آهن اسرائيلي بمباري غزه پٽي جا اسڪول تباهه ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته فلسطيني ڪئمپن جي لڳاتار لڏ پلاڻ سبب پڻ ٻار اٽڪل ٻن سالن کان تعليم کان محروم آهن

بقايا	28	پهچي ويو

مشق انڊس شيلڊ الفا ۾ شرڪت لاءِ آذربائيجان پهچي ويو آهي ان مشق جو مقصد ٻنهي ٻائرن فضائي فوجن وچ ۾ گڏيل تفهيم حڪمت عملي سان هم آهنگي ۽ ٻطرفي تعاون کي وڌائڻ آهي گذريل ڏينهن آءِ ايس پي آر طرفان جاري بيان موجب پاڪ فضائيه جي ويڙهاڪ جهازن پاڪستان ۾ پنهنجي هوم بيس کان آذربائيجان تائين بنا وقفي جي پنهنجو سفر مڪمل ڪيو ان دوران پاڪ فضائيه فضا کان فضا ۾ بارڻ ڀرڻ جا آپريشنز انجام ڏنا. فضا ۾ بارڻ ڀرڻ جو ڏکيو آپريشن پاڪ فضائيه پنهنجي آءِ ايل 78 ايئريل ٽينڪر ذريعي انتهائي درستگي سان انجام ڏنو جنهن سان پاڪ فضائيه جي ويڙهاڪ جهازن جي ڊگهي مفاصلي واري صلاحيت هڪ دفعو ٻيهر ظاهر ٿي ۽ ان سان پاڪ فضائيه جي عملي جي پيشيوراڻي مهارت ۽ ڊگهي عالمي مشقن لاءِ ان جي تياري جو اظهار ٿئي ٿو ٻنهي ملڪن وچ ۾ هي مشق جديد فضائي جنگي حڪمت عملين گڏيل مشن جي رٿابندي ۽ تيزي سان اسرندڙ ٽيڪنالاجي ۽ بدلجندڙ فضائي طاقت جي ماحول ۾ عملدرآمد تي ڌيان ڏيندي، هي مشق آپريشنل بصيرت جي مٽاسٽا ۽ اڀرندڙ فضائي دفاعي چئلينجن لاءِ گڏيل رد عمل کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ اهم پليٽ فارم ثابت ٿيندو آءِ ايس پي آر موجب پاڪستان ايئر فورس جي جٿن جي مشق انڊس شيلڊ الفا ۾ شرڪت پاڪ فضائيه جي استحڪام ۽ عالمي فوجي تعاون لاءِ پائيدار عزم ورجاءُ ڪري ٿي هي پاڪ فضائيه جي جديد جنگي گهرجن موجب مسلسل ترقي ۽ موافقت جي پختي عزم کي به ظاهر ڪري ٿي. جڏهن ته فضائي آپريشن جي هر شعبي ۾ پنهنجي شاندار روايت کي برقرار رکي ٿو

بقايا	29	الزام لڳائي ڇڏيو

جي فراهمي ۽ عالمي معياري وقت تي سنجيده اثر پئجي سگهن ٿا. چين جي اسٽيٽ سيڪيورٽي واري وزارت گذريل ڏينهن پنهنجي وي چيٽ اڪائونٽ تي جاري بيان ۾ چيو ته آمريڪي نيشنل سيڪيورٽي ايجنسي ڊگهي عرصي کان ان مرڪز تي سائبر حملي جون ڪارروائيون ڪيون آهن. وزارت جو چوڻ آهي ته ان کي 2022ع کان هن وقت تائين چوري ٿيل ڊيٽا ۽ سندن جا ثبوت مليا آهن جن جي مرڪز جي عملي جي موبائل ڊيوائسز ۽ نيٽ ورڪ سسٽمز جي جاسوسي لاءِ استعمال ڪيو ويو. وڌيڪ جاچ ۾ وزارت کي معلوم ٿيو ته آمريڪا 2023ع ۽ 2024ع ۾ سينٽر جي اندروني نيٽ ورڪ سسٽمز تي حملا ڪيا ۽ هاءِ پريسجن گرائونڊ بيسڊ ٽائمنگ سسٽم کي به نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. آمريڪي سفارتخاني ان حوالي سان فوري طور تي ڪو تبصرو ناهي ڪيو

بقايا	30	چڙهي ويا

في ڪلو ۾ موجود آهن دڪاندارن موجب افغانستان مان ٽماٽن جي درآمد بند ٿيڻ ۽ پنجاب مان سپلاءِ محدود ٿيڻ سبب قيمتون وڌي ويون آهن هن وقت ڪراچي ۾ ٽماٽن جي طلب جو 90 سيڪڙو ايراني ٽماٽن مان پورو ٿي رهيو آهي پر ان جي سپلاءِ پڻ ڪافي ثابت نه ٿي رهي آهي ضلعي انتظاميا ٽماٽن جي سرڪاري قيمت 280 رپيا في ڪلو مقرر ڪئي آهي پر بچت بازارن سميت عام مارڪيٽن ۾ دڪاندار سرڪاري قيمت تي وڪڻڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن دڪاندارن جو چوڻ آهي ته اهي ٽماٽا سستا وڪرو نٿا ڪري سگهن ڇاڪاڻ ته اهي مارڪيٽ ۾ مهانگا آهن انهن جي مطابق جيڪڏهن انتظاميه سرڪاري قيمت تي وڪڻڻ چاهي ٿي ته پوءِ انهن کي ٻيهران مارڪيٽ ۾ وڃي قيمت جي فهرست تي عمل درآمد کي يقيني بڻائڻ گهرجي بچت بازار انتظاميا جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن دڪاندار سرڪاري اگهن تي عمل نٿا ڪري سگهن ته انهن کي وڪرو ڪرڻ جي اجازت نه هوندي

بقايا	31	فدا حسين مستوئي

تعميراتي ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ملير جيل جي مختلف شعبن سميت ڪچن ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو معائنو ڪندي قيدين سان ملاقات ڪئي، ڪاڌي جي معيار کي چيڪ ڪندي مجموعي انتظامي معاملن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. آءِ جي جيل خانه جات جيل جي صفائي سترائي ۽ نظم و ضبط ڏسي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ انتظاميه جي ڪارڪردگي جي ساراهه ڪئي. آءِ جي فدا حسين مستوئي سينيئر سپرنٽنڊنٽ جيل شهاب الدين صديقي ۽ ان جي ٽيم جي ڪم جي به تعريف ڪئي. ان موقعي تي آءِ جي جيل خانه جات فدا حسين مستوئي ضلعي جيل ملير جي عملي سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڀرپور ترجيحن ۾ سيڪيورٽي انتظام سان گڏ قيدين سان ملاقات لاءِ ايندڙ وارثن جي سهولتن ۽ ڪاڌي جي معيار کي بهتر بڻائڻ شامل آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت جيل خانه جات کي بهترين اصلاحي مرڪز بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي جنهن جي ذريعي جيلن ۾ بند قيدين جي تعليم، تربيت ۽ کين بهتر انسان بڻائڻ اسان جي اهم ترجيحن مان آهي.

بقايا	32	انجنيئر امير مقام

جي حوالي سان چيو آهي ته هو معاملو ايپيڪس ڪميٽي جي اجلاس ۾ اٿاريو آهي، مسئلو جلد حل ٿي ويندو وفاقي وزير سوات ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اٽي جي سپلائي جي بندش افغانستان کي اٽي جي اسمگلنگ سبب پيدا ٿي آهي جنهن صوبي ۾ قلت کي پيدا ڪيو آهي سندس چوڻ هو ته عوامي نمائندگي جي حيثيت سان هو عوامي مسئلن تي خاموش نه ويهندو ۽ هن ماضي ۾ عوام جي حقن جي ڳالهه ڪئي، اڄ به ڪري رهيو آهي ۽ آئنده به ڪندو رهندو هن چيو ته صوبائي حڪومت کي گهرجي ته هو سرڪاري گودامن ۾ موجود ڪڻڪ کي فوري طور ريليز ڪري ته جيئن بحران تي ضابطو آڻي سگهجي

بقايا	33	خلا ۾ روانو

جي روانگي جا منظر ڏيکاريا ويا اسپارڪو ترجمان موجب پاڪستان جو اهو مشن قومي خلائي پاليسي ۽ ويژن 2047 جي هڪ اهم ڪاميابي آهي ۽ ايڇ ايس ون انفرا اسٽرڪچر ميپنگ ۽ شهري منصوبابندي لاءِ نوان دڳ کوليندو جڏهن ته ان سان زرعي منصوبابندي ۽ ماحولياتي نگراني ۾ انقلاب اچڻ جي اميد آهي. ترجمان چيو ته سيٽلائيٽ ٻوڏ، لينڊ سلائيڊنگ ۽ ٻين قدرتي آفتن جي اڳڪٿي ۾ مدد ڏيندو ۽ ماحولياتي تبديلين زميني خطرن جي وقت سر نگراني ۾ مددگار ثابت ٿيندو ترجمان موجب سيٽلائيٽ اڄ ئي پنهنجي مخصوص مدار ۾ داخل ٿي ويندو سيٽلائيٽ جي پنهنجي مدار ۾ ٽيسٽنگ کي ٻه مهينا لڳي سگهن ٿا. ٻن مهينن ڪانپوءِ ايڇ ايس ون مڪمل طور فعال ٿي ويندو ترجمان ٻڌايو ته هلندڙ سال خلا ۾ موڪليل اهو پاڪستان جو ٽيون سيٽلائيٽ آهي ان کان اڳ آءِ او آر ون ۽ ڪي ايس ون سيٽلائيٽ ڪاميابي سان خلا ۾ موڪليا ويا آهن ۽ ٻئي هن وقت خلا ۾ مڪمل طور فعال آهن ترجمان چيو ته پاڪستان جو خلائي پروگرام جديد ٽيڪنالاجي ۽ ايپليڪيشنز جي نئين دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي

بقايا	34	ڳالهه اهم

جاري ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ۾ ڇاتي جي ڪينسر جا وڌندڙ ڪيس ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي هن چيو ته ڇاتي جي ڪينسر هڪ جان ليوا بيماري آهي جنهن جي وقت سر تشخيص سان علاج ممڪن آهي وزيراعليٰ سنڌ ٻڌايو ته جناح اسپتال ۽ سول اسپتال ۾ جديد ڪينسر يونٽ قائم ڪيا ويا آهن جتي علاج جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت طرفان ميموگرافي ۽ تشخيصي سهولتون مفت مهيا ڪيون پيون وڃن، جيئن عورتن کي جلد علاج جي سهولت ملي سگهي هن زور ڏنو ته ملڪ جي ترقي لاءِ عورتن جو صحتمند هئڻ انتهائي ضروري آهي. تنهن ڪري ڇاتي جي ڪينسر بابت آگاهي مهم ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي

بقايا	35	مظاهرا، ڌرڻا

شڪارپور لاڙڪاڻو شهدادڪوٽ، قنبر دادو سڪي سانگهڙ ٽنڊوالهيار نواب شاهه ٽنڊوجان محمد بدين ٽنڊومحمد خان هالا، سيري، ٺٽو سميت سموري سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ۽ ڌرڻا هنيا ويا. جن کي جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ، ڪسان بورڊ سنڌ جي صدر عبدالقدوس احمداڻي، حافظ نصرالله چنا، امداد الله بجاراڻي، سيد علي مردان شاهه، غلام مصطفىٰ ميراڻي ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کنيل هئا جن تي "هارين جو معاشي قتل بند ڪيو ساري جو اگهه 4000هزار مقرر ڪيو ٻج ڀاڻ ڊيزل زرعي دوائن جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪيو" جا نعرا لکيل هئا. جماعت اسلامي ضلع بدين پاران پريس ڪلب سامهون رکيل احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي صوبائي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو ته هاري ۽ آبادگار خوشحال ٿيندو ته سنڌ شاهوڪار ٿيندي ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ماڻهن جو 70 سيڪڙو زراعت جي شعبي سان لاڳاپيل آهي سنڌ ۾ گذريل 17 سالن کان پيپلزپارٽي جي حڪومت پاران مڪمل سهولتڪاري جي نتيجي ۾ مل مافيا ۽ سرمائيدارن طرفان مظلوم ۽ پيڙهيل طبقي آبادگارن ۽ هارين سان لاڳيتو ناانصافيون ٿي رهيون آهن پاڻي جي کوٽ، زرعي جنسن جا مناسب ريٽ نه ملڻ خلاف اڄ سنڌ جا هاري ۽ آبادگار روڊن تي سراپا احتجاج بڻيل آهن. سنڌ حڪومت کي آبادگارن جي معاشي قتل تي خاموش تماشائي بڻجڻ بدران سخت نوٽيس وٺڻ گهرجي. هن پ پ حڪومت طرفان هاري ڪارڊ کي مسترد ۽ لولي پاپ قرار ڏيندي چيو ته آبادگارن کي هاري ڪارڊ جي نالي تي دربدر نه پر انهن کي پنهنجي فصل جو مناسب ريٽ ڏنو وڃي. هن چيو ته عوامي ۽ جمهوريت جي دعويدار پارٽي جي دور حڪومت ۾ به سنڌ جي عوام کي پنهنجي حقن کان محروم ڪري جيئڻ جو حق به کسيو پيو وڃي موجوده پ پ حڪومت عوام کي جائز حق ڏيڻ بدران اشرافيه ۽ سرمائيدارن سان ملي ڪري عوام جو رت چوسي رهي آهي سڄو سال فصلن جا اگهه ڪرائيندڙ مافيا سرگرم ٿي وڃي ٿي جڏهن به فصل لهي ٿو ته ڪلاڪن اندر جنسن جا اگهه ڪيرائي هارين جو معاشي قتل ڪيو ٿو وڃي ساري ڪڻڪ ۽ ڪمند جي اگهن ۾ گهٽتائي خلاف آواز اٿارڻ ۽ احتجاج ڪرڻ باوجود سنڌ حڪومت جي ڪن تي جون ئي نٿي سري جنهن مان سندن بي حسي ۽ آبادگار دشمني جو چٽو ثبوت ملي ٿو سارين جو اگهه ڪيرائي آبادگارن ۽ هارين جو معاشي قتل بند ڪيو وڃي ٻج دوائون ۽ فصل جي پوکائي تي وڏا خرچ ٿين ٿا پر فصل لهڻ ڪانپوءِ اگهه ڪيرايا وڃن ٿا جو خرچ به نٿا نڪري سگهن، جنهنڪري آبادگار ۽ هاري مسلسل بڪ ۽ بدحالي جو شڪار ٿي آهن جيڪا انتهائي ڳڻتي واري صورتحال آهي هن وڌيڪ چيو ته اڄ سنڌ ۾ ٽماٽو پنج سئو رپيا ڪلو وڪامجي پيو پر جڏهن بدين ۽ ٺٽي جو ٽماٽو مارڪيٽ ۾ اچي ٿو ته ڏهه رپيا ڪلو به نٿو وڪامجي جيڪڏهن ساڳي صورتحال رهي ته هاري ۽ آبادگار ڪڻڪ، ڪمند، سارين ۽ ڪپهه جي پوکي بند ڪري ڇڏيندا هاري ڪارڊ جي نالي تي عوام کي بيوقوف بڻائڻ بدران سنڌ جي آبادگارن کي پنهنجي فصلن جو مناسب ۽ جائز حق ڏنو وڃي ته جيئن سنڌ جو هاري به خوشحال ٿي سگهي جو ته هاري خوشحال ٿيندو ته سنڌ خوشحال ٿيندي ڪڻڪ جو فصل لهڻ وقت في مڻ 22 سئو رپين ۾ خريداري ڪئي وئي آبادگارن کان ڪڻڪ خريد ڪرڻ بعد هاڻي واپارين ۽ فلورملز ۾ ڪڻڪ جون قيمتون آسمان تي پهچائي ڇڏيون آهن. سنڌ حڪومت وٽ آبادگارن هارين ۽ زراعت جي بهتري لاءِ ڪو به منصوبو ناهي ان موقعي تي جماعت اسلامي سنڌ جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سُهيل احمد شارق، ضلعي امير سيد علي مردان شاهه، ڪسان بورڊ جو ضلعي صدر الله بجايو هاليپوٽو پڻ خطاب ڪيو. هوڏانهن ٽنڊوالهيار پريس ڪلب تي ڪسان بورڊ سنڌ جي صدر عبدالقدوس احمداڻي، ديدار حسين ڀرڳڙي، ڪوٽڙيءَ پريس ڪلب تي صوبائي نائب امير حافظ نصرالله چنا، مولانا محمد عمر نواب شاهه ۾ صوبائي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف، سرور قريشي، شهدادڪوٽ ۾ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امداد الله بجاراڻي، نور نبي پٽي، ڪشمور ۾ مولانا غلام مصطفىٰ ميراڻي افضل عطا کلوڙ، دادو ۾ محمد موسى ٻبر قنبر ۾ مولانا امتياز پٽو، عبدالستار ٻروهي، ٽنڊو محمد خان حافظ لعل محمد سولنگي، سانگهڙ ظهير جتوئي، ٽنگواڻي شيرخان ڪوس لاڙڪاڻي ۾ غلام حيدر ڪوراڻي، رميز راجا شيخ جيڪب آباد ۾ ابوبڪر سومرو، ديدار علي لاشاري، هالا ۾ فقير محمد لاکو سکر ۾ زبير حفيظ شيخ امان الله ٿٽيس سيري حيدرآباد فتح محمد شوري حافظ سعيد نظاماڻي، ٺٽي ۾ ايڊووڪيٽ عبدالمجيد سمون حمزه شورو ڪنڊڪوٽ حافظ اسدالله چنا ثناء الله ڪوسو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

بقايا	36	پرڏيهي وزارت

تركي ثالثي جو ڪردار ادا ڪيو. ٻنهي ڌرين ۾ طرفي امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ مستقل ميڪانيزم تي پڻ اتفاق ڪيو ويو قطر جي پرڏيهي وزارت موجب، ڳالهين دوران ٻنهي ڌرين نه رڳو جنگ بندي تي اتفاق ڪيو پر ٻه طرفي امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ مستقل ميڪانيزم تي پڻ اتفاق ڪيو سرڪاري ذريعن جو چوڻ آهي ته هي معاهدو پاڪستان جي طاقت جي پوزيشن جو نتيجو آهي جتي پاڪستاني فوجن زمين تي واضح جواب ڏنو ۽ ٻئي پاسي کي هڪ مؤثر پيغام موڪليو ان کان پوءِ ٿيندڙ ڳالهين ۾ پاڪستان جي ڏکهي ۽ واضح مطالبي کي قبول ڪيو ويو جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو ته افغانستان دهشتگردي جي هر قسم جي حمايت ۽ سهولت کي ختم ڪري. ڳالهين جي حساس نوعيت جي ڪري، ڳالهين جي سڀني تفصيلن کي عام نه ڪيو ويو جيڪو هڪ اشارو آهي ته افغان ڌر کي پنهنجو چهرو بچائڻ جو موقعو ڏنو ويو. ذريعن جو چوڻ آهي ته حقيقت ۾، افغان ڌر طرفان ڪا به گهرج نه ڪئي وئي، جڏهن ته پاڪستان جو موقف مڪمل طور تي قبول ڪيو ويو. هن معاهدي تحت، افغانستان کان پاڪستاني سرزمين تي دهشتگردي کي فوري طور تي بند ڪيو ويندو. ٻنهي ڌرين اهو به اتفاق ڪيو آهي ته متفقه نقطن تي عمل درآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڳالهيون جاري رهنديون ان سلسلي ۾ ايندڙ فالو اپ ملاقات 25 آڪٽوبر تي استنبول ۾ ٿيندي، جتي ٻنهي ملڪن جا وفد تفصيلي معاملن تي بحث ڪندا. قطر جي پرڏيهي وزارت ڳالهين کي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي طرف هڪ اهم قدم قرار ڏنو آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي آهي ته هي معاهدو سرحدي تڪرار جي مستقل خاتمي جو بنياد رکندو ٻئي طرف نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته افغان سرزمين تان پاڪستان خلاف دهشتگردي جي روڪٿام لاءِ قدم ضروري آهن ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ اسحاق ڊار چيو ته دوحا ۾ ٿيل معاهدي جي آجيان ڪيون ٿا، اهو پهريون هاڪاري قدم آهي اسان ٻائر ملڪن قطر ۽ ترڪيه جي تعميري ڪردار کي ساراهيون ٿا ۽ ترڪيه ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ٺوس ۽ تصديق جوڳي مانيٽرنگ مڪينزم جي قيام تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي. هن چيو ته افغان سرزمين تان پاڪستان خلاف دهشتگردي جي روڪٿام لاءِ قدم ضروري آهن وڌيڪ جاني نقصان کان بچڻ لاءِ سمورن امڪاني قدمن تي عملدرآمد اٽل آهي

بقايا	37	وزيرستان

دهشتگردي لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن ڏکڻ وزيرستان ۾ فرنٽيئر ڪور ڪي پي ڪي هڪ وڏي ڪارروائي ڪندي آپگهاتي بمبار کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار آپگهاتي بمبار جي سڃاڻپ نعمت الله ولد موسىٰ جان جي نالي سان ٿي آهي. گرفتار آپگهاتي بمبار افغانستان جي صوبي قنڌار جو رهواسي آهي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگس ڊويزن جيڪب آباد

No: TC/G-55/1809/2025 Dated: 17.10.2025

مهربند ٽينڊرن گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. سنگل اسٽيج سنگل لفافي جي طريقيڪار تحت مهر بند (B1)ٽينڊر بولي جي عمل جي ذريعي سڀني ٺيڪيدارن / فرمن کان جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان سال 2025-26 لاءِ رجسٽرڊ آهن، لاڳاپيل فيلڊ ۽ مناسب ڪيٽيگري ۾، SPPRAقاعدن 2010 (ترميم ٿيل تاريخ تائين) جي مطابق الڳ الڳ مهر بند لفافن ۾ طلب ڪيا ويا آهن.

شمار نمبر	اسڪيم جو نالو	منظور ٿيل لاڳت (ملين ۾)	بڊ سڪيورٽي	ٽينڊر في	مدو
	سال 2025-26 لاءِ ADPجون نيون اسڪيمون (بلڊنگس سيڪٽر).				
1	ضلعي سيڪريٽريٽ بلاڪ نمبر 2 ڊي سي آفيس جيڪب آباد جي مرمت ۽ بحالي.	27.500	5 سيڪڙو	3000	12 مهينا
2	ڊي سي آفيس مسجد ۾ ڇت جي مرمت/سليب وغيره جي بحالي.	6.000	5 سيڪڙو	3000	12 مهينا
3	ڊي سي آفيس بلڊنگ جي ڇڏيل حصي جي بحالي ۽ پارڪ جي تعمير، بشمول پارڪنگ شيڊز.	10.000	5 سيڪڙو	3000	12 مهينا
4	سول اسپتال جيڪب آباد جي مين گيٽ تي پل جي تعمير.	6.180	5 سيڪڙو	3000	12 مهينا
5	ضلعي ڪائونسل آفيس جي ويجهو تعلقي اسٽاف ڪوارٽر جي تعمير شهر جيڪب آباد.	9.500	5 سيڪڙو	3000	12 مهينا
6	ڊي سي آفيس جيڪب آباد ۾ ڊي سي سيڪريٽريٽ لاءِ فرنيچر ۽ فڪسچر جي فراهمي. (ريونيو ڪمپونينٽ).	18.580	5 سيڪڙو	3000	12 مهينا
7	ڳوٺ مير رحمت الله خان ۾ سولر لائيٽن جي فراهمي ۽ مرمت ڪوسو تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد (ريونيو ڪمپونينٽ).	5.150	5 سيڪڙو	3000	12 مهينا
8	ڳوٺ لعل پٽي، ڳوٺ علي مراد پٽي، ڳوٺ عالم جڻ سينيئر غازي خان چنا، ڳوٺ حاجي شبير بمار، ڳوٺ علي حسن پنبل، ڳوٺ شبير برڙو، ڳوٺ سدورو برڙو، ڳوٺ الطاف برڙو، درگاه دامن شاهه ۽ ڳوٺ ريحان خان تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد (ريونيو ڪمپونينٽ) سولر لائيٽس جي فراهمي ۽ تنصيب	24.450	5 سيڪڙو	3000	12 مهينا
9	ڳوٺ بهادر پور، ڳوٺ سردار خان مهر، نصر محمد بروهي، عبدالفتاح مستوئي، محمد علي ڪوسو، بالاڪي سرڪي، نذير نوناري، عبدالفتاح مستوئي، غفور جمالي، عبدالحفيظ ڪندراڻي، ديدار ڪندراڻي، علي حسن دشتي، نذر محمد ڪندراڻي ۽ ٻيا تعلقو ٺل ضلع جيڪب آباد. (ريونيو ڪمپونينٽ) ۾ سولر لائيٽس جي فراهمي ۽ تنصيب	24.230	5 سيڪڙو	3000	12 مهينا

ٽينڊرن جي جاري ڪرڻ/وصول ڪرڻ ۽ کلڻ جو پروگرام

نمبر	پرٽيڪيولرس	پهرين ڪوشش	ٻي ڪوشش موٽ نه ملڻ جي صورت ۾
i	اين آءِ ٽي جي ڇپجڻ کان پوءِ درخواست جي وصول ڪرڻ جي آخري ۽ ٽينڊر/بڊ جمع ڪرڻ صبح 09:30 وڳي تائين	10.11.2025	25.11.2025
ii	ٽينڊر ساڳي ڏينهن صبح 10:30 وڳي تائين واپس وصول ڪرڻ ۽ صبح 11:00 وڳي کلڻ		

2.پروڪيورمينٽ جو طريقو(سنگل اسٽيج سنگل لفافو) ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل جي لاءِ لفافن کي مهر بند ڪرڻ لازمي آهي ٻي صورت ۾ ٽينڊر شامل نه ڪيا ويندا.

3.بڊنگ/ٽينڊر دستاويز:

بڊنگ ڪاغذات جو مڪمل سيٽ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس جنهن جي ايڊريس هيٺ ڏنل آهي مان ٽينڊر فيس 3000 رپين عيوض وٺي يا وري سپيرا جي ويب سائيٽ يعني ”http://ppmssindh.gov.pk/ppms/public/portal/notice-inviting-tender“ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

سمورا واڪ لازمي طور تي سوتي رقم/ واڪ سيڪيورٽي ڪال ڊپازٽ/ پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ هيٺ صحيح ڪندڙ جي حق ۾ شيڊولڊ بئنڪ مان جاري ٿيل واڪ سان گڏ هجڻ گهرجن.

ايڊريس: ايگزيڪيوٽو انجنيئر، بلڊنگس ڊويزن جيڪب آباد.

اي ميل ايڊريس:xenbuildingsyjcd@gmail.com

ٽيليفون نمبر:0722653358،

فيڪس نمبر:0722653358

4.ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي طرفان /حصو وٺندڙ ڪانٽريڪٽرز/ فرمز يا انهن جي مجاز نمائندن سامهون کوليا ويندا.

5.حصو وٺڻ بابت اهليت جو معيار هيٺين ريت هوندو.

i.پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC)سان سال 2024 لاءِ رجسٽريشن، ڪارآمد ڪيٽيگري (درخواست ڏنل ڪم مطابق) ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊز CE-01,CE-02, CE-03, CE-04 CE-05 & CE-06) هجڻ گهرجن، انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (NTN)، سيلز ٽيڪس (GST)۽ سنڌ رونيو بورڊ (SRB)سڀ گهربل آهن، 4.0 (ايم) کان مٿي جي تخميني لاڳت کان موجوده مالي سال دوران درست هجي.

ii.فرم سان گڏ ڪم ڪندڙ انجنيئرس، ٽيڪنيڪل اسٽاف ۽ مينيجيمينٽ شخصيات جي بائيو ڊيٽا.

iii.مڪمل ڪيل ڪمن/ هلندڙ ڪمن جو ڪاغذي ثبوت ۽ ملازمن طرفان مڪمل ڪيل ڪم جو اطميناني سرٽيفڪيٽ گذريل ٽن سالن دوران هر هڪ جي قيمت ۽ ليٽر جي ڪاپي سميت گهربل هوندو.

iv.فرم وٽ موجود مشينري ۽ ايڪوپمينٽ جو ڪاغذي ثبوت لسٽ سميت.

v.التواءِ ۾ موجود يا حتمي ڪيسن بابت حلف نامو.

vi.بينڪ جو سرٽيفڪيٽ جيڪو گذريل ٽن سالن جو ڪريڊٽ ظاهر ڪري يا بئنڪ اسٽيٽمينٽ سان گڏ.

vii.حلفنامو ته فرم/ ڪانٽريڪٽر ڪنهن به ايجنسي وٽان بليڪ لسٽڊ ناهي ٿيل.

viii.حلفنامو ته سمورا ڪاغذات/ پارٽيڪيولرز/ معلومات صحيح ۽ سچ تي مبني آهي.

ix.فرم جي صورت ۾ پارٽنرز جي فهرست/ پارٽنرشپ ڊيڊ جنهن ۾ ڊائريڪٽرز/پروپرائيٽرز يا ٻين واسطيدارن جا مڪمل تفصيل پاور آف اٽارني سان ڏنل هجن سول پروپرائيٽر جي صورت ۾ اهڙي انڊر ٽيڪنگ حلفنامي تي ڏيڻي پوندي.

x.شرطيه ٽينڊر شامل نه ڪيا ويندا.

xi.ڪمن جي لسٽ www.e.pprasindh.gov.pk سنڌ گورنمينٽ جي ويب سائيٽ تي ڏسي سگهجي ٿي.

xii.موڪل يا ڪو ٻيو سبب ٿيڻ جي صورت ۾ ٽينڊر جمع ۽ کوليا ويندا ٻئي ڪم واري ڏينهن تي

شرط ۽ ضابطا

(اي) هيٺين صورتن ۾ بڊز رد ڪيا ويندا.

i.شرطيه، اليڪٽرونڪ ۽ ٽيليگرافڪ بڊز/ ٽينڊرز

ii.اهي آڇون جيڪي آڇ دستاويز ۾ بيان ڪيل گهربل رقم ۽ فارم جي آڇ سيڪيورٽي سان گڏ نه هجن.

iii.مقرر تاريخ ۽ وقت کان پوءِ ملندڙ آڇون

iv.بليڪ لسٽڊ فرمز.

(بي) واڪ ڪارآمد مدو: (90) ڏينهن.

(سي)پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) تحت هڪ يا سمورا بڊز رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

(ڊي) رننگ اڪائونٽ بلن تي ٺيڪيدار کان 5 سيڪڙو (SST) وصول ڪيو ويندو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بلڊنگس ڊويزن
جيڪب آباد

INF/KRY No. 3378/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

موهن لال دليپ ڪمار پاڪ ايگرو رائيس مل پيرو لاشاري اسٽاپ حيدرآباد روڊ

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

آڪاش ڏناڻي ۽ مهراڻ رائس مل ماتلي
03013383855

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

سيٺ ديپڪ ڪمار ڏناڻي سيٺ امر لال ڏناڻي
ايشيا رائس مل ماتلي

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

هنس راج ڪيولاڻي رائس مل ماتلي

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

سيٺ نريش ڪمار ديپڪ ڪمار جيجل ماءُ
رائس مل حيدرآباد روڊ پيرو لاشاري

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

ڀاڳچند ديپڪ رائس مل ماتلي

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

سيٺ گوپو مل سامناڻي چيتنيا نارائڻ فوڊ
انڊسٽريز ڪڍڻ روڊ بدين

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

پرتوشم سينئر ڪلارڪ
لائيو اسٽاڪ اينيمل هيسبنڊري بدين

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

ٺاڪر داس اجي ڪمار جيراماڻي ايڇ ڪي
رائس مل پيرو لاشاري حيدرآباد روڊ بدين

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

سيٺ سريش ڪمار ڪير تن راڌيڪا چرن ڪمار
ڪرتي ڪميشن شاپ سيراڻي روڊ بدين



ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

اشوڪ ڪمار سيون اسٽار رائس مل پيرو
لاشاري حيدرآباد روڊ

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

گرمک داس رامناڻي جهوليءَ لال ٽريڊرس
گولاڙچي روڊ بدين

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

شيوارام ڏناڻي جهولي لال رائس مل گولاڙچي
روڊ بدين

ديوالي مبارڪ

ديوالي جي پرمسرت خوشي جي موقعي تي اسان پنهنجي پياري وطن پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو پائرن کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ٿا ڏاڍيءَ در دعاگو آهيون اسان جو پيارو وطن پاڪستان سدائين شاد آباد هجي

آڪاش ڏناڻي ۽ مهراڻ رائس مل ماتلي
03013383855

ڪارڪردگي جو نوٽس وٺي ٺاٺي تي اهل ايس ايڇ او مقرر ڪيو وڃي

بقايا	38	احتجاج

جي اڳهه ۾ هڪ اڌو لاٿ آندي آهي جنهن سبب آبادگار طبقو سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويو آهي هڪ طرف حڪومت پاران زرعي شعبي کي ترقي ڏيڻ جا دعويٰ ڪيا پيا وڃن ۽ عملي طور تي آبادگار ۽ هاري طبقو هر سال معاشي ڏکيائين ۾ ڌڪيو

ضلعي انتظاميا جي سيني ڪاٺن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو عوام جا مسئلا فوري طور حل ڪن ڇاڪاڻ ته سکر جي عوام هميشه پيپلز پارٽي تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي ۽ اها عوامي محبت اسان جو فخر آهي

بقايا	44	منعقد ڪئي وئي

دعاءِ فاتحه پڙهي وئي. ان موقعي تي چيئرمين ضلعي ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه عرفاب صديقي جميل احمد ۽ جاپان ۾ رهندڙ ٻين سياسي ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن شهيدن کي سلام عقيدت پيش ڪندي چيو ته انهن جون قربانيون جمهوريت جي بقا ۽ عوامي حقن جي جدوجهد جو تسلسل آهن.تقريب کي خطاب ڪندي سيد ڪميل حيدر شاهه چيو ته 18 آڪٽوبر قرباني، حوصلي ۽ جمهوريت جي استقامت جي علامت آهي. سانحي ڪارساز جي شهيدن پنهنجي رت سان عوامي حڪمرانيءَ جي حق کي زنده رکيو.

بقايا	45	ذوالفقار سومرو

ڪيل بيان چيو آهي ته دنيا جي ٻين ملڪن جيان پاڪستان ۾ به (Osteoporosis)جو عالمي ڏينهن جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو آهي

بقايا	46	شاهد بشير

سائنسي ۽ فني سفر ۾ هڪ شاندار اڳڀرائي آهي جيڪا نه صرف قوم لاءِ فخر جو باعث آهي پر ترقي ۽ خود انحصاريءَ ڏانهن هڪ وڏو قدم به آهي.

بقايا	47	چوبول

ٻڌايو پيو وڃي شاگرد هاسٽل روم کي اندران بند ڪري پاڻ تي فائر ڪري خودڪشي ڪئي آهي چوبول اهڙي پيش آيل واقعي بعد ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر ڇانگا جاءِ واردات هاسٽل روم تي پهچي جاءِ واردت جو معائنو ڪيو ۽

سائي شاگرڻ ڪان معلومات ورتي آهي ان حوالي سان هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان اهڙي ماملي جي هر رخ ڪاڻ جاچ ڪري رهيوياهيوناچ جاءِ واردات ڏٺي آهي جاچ ڪيون پيا پوسٽ مارٽم ڪرائي وئي آهي ان جي رپورٽ سومر ڏهاڙي ملي ويندي باقي واقعو خودڪشي جو لڳي رهيو آهي

بقايا	48	وي سي

جو 10 لڳي 10 منٽن تي شروع ٿي وئي جيڪا بنا وقفي جي 90 منٽ جاري رهي

بقايا	49	ڦري ويا، احتجاج

صدقي اسان جي چوري ٿيل رقم واپس ڪئي وڃي

بقايا	50	اسپتال منتقل

ته اوچتو مشين ۾ هٿ اچڻ ڪري ڪٽجي ويو جنهن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا	51	رد ڪري ڇڏي

اهو فيصلو ان فيصلي ڪانپوءِ آيو جنهن ۾ نومبر ۾ طئي ڪيو ويو هو ته اهڙا معقول سبب موجود آهن جن مان اهو باور ٿئي ٿو ته نيتن ياهو ۽ گيلنٽ غزه ۾ جنگي ڏوهن ۽ انسانيت خلاف ڏوهن جا فوجداري طور ذميوار آهن عدالت ان ڪان اڳ حماس جي ٽن سينيئر اڳواڻن خلاف به گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪيا هئا، پر سندن شهادت ڪانپوءِ اهي وارنٽ رد ڪيا ويا هئا. نيتن ياهو ۽ گيلنٽ خلاف وارنٽ جاري ٿيڻ سبب اسرائيل ۽ آمريڪا ۾ شديد رد عمل سامهون آيو

بقايا	52	ماڻهن جي شرڪت

ڪيو ويو جيڪا نور شاهه قبرستان ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان منعقد ٿي. ڪانفرنس جي صدارت نامور عالم دين مولانا عبد القيوم هاليجوي ڪئي

روزاني عبرت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

هائي ڪورٽ آف سنڌ سرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد
C.P.No D-533 of 2025

نور احمد..پٽيشنر. بخلاف.. نويد رزاق ۽ ٻيا.. ريسپونڊنٽس

ڏانهن (8) محمد موسيٰ ولد علي محمد شيدي سومرو مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر 02 پويان عثمانيه مسجد سومرا مارڪيٽ قاسم آباد حيدرآباد (9) مسمات حليمان بيواهه محمد عثمان سومرو (10) مسمات جنت ڌيءُ محمد عثمان سومرو (11) مسمات زينب ڌيءُ محمد عثمان سومرو (12) محمدعمر پٽ علي محمد رهندڙ ڳوٺ اسماعيل سومرو سومرو مارڪيٽ واڌو واهه روڊ قاسم آباد حيدرآباد

جيئن ته مٿين پٽيشنر ڪانسٽيٽيوشنل پٽيشن ارٽيڪلز 199 اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان 1973 جي قانون موجب هن عدالت ۾ داخل ڪئي آهي جنهن بابت توهان کي وقتن به وقتن نوٽيس جاري ڪيا ويا پر توهان وصول ڪو نه ڪيا جنهن جو ميٽر 23-09-2025 تي هن ڪورٽ ۾ رکيل هو تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

اسٽنٽ رجسٽرار
هائي ڪورٽ آف سنڌ سرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ ڪنزيومرپروٽڪشن ڪورٽ حيدرآباد
ڪنزيومر ڪمپلينٽ نمبر 15 سال 2025

سرفراز حسين ولد رياض حسين ذات ڀڳهيو رهندڙ پريا وليج ڄامشورو ضلعو ڄامشورو درخواستگذار.. بخلاف.. (1) ڊي سي حيدر آباد (2) اي سي حيدرآباد شهباز بلڊنگ حيدرآباد (4) ڊسٽرڪٽ ڪنٽرولر essential commodities سامهون هٽڙي پوليس اسٽيشن بائي پاس حيدرآباد (5) عمران شيخ ولديت نامعلوم (6) اعجاز علي ڪلهوڙو ولديت نامعلوم مينيجر قباب جيز ريسٽورينٽ هٽڙي بائي پاس حيدرآباد (7) ذيشان ولديت نامعلوم اسٽنٽ مينيجر مينيجر قباب جيز ريسٽورينٽ هٽڙي بائي پاس حيدرآباد (8) علي ولديت نامعلوم اسٽنٽ مينيجر قباب جيز ريسٽورينٽ هٽڙي بائي پاس حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين درخواستگذار توهان جي خلاف ڪمپلينٽ زير قلم 13 & 4 (2(g),(i سنڌ ڪنزيومر پروٽڪشن ايڪٽ 2015 تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومرپروٽڪشن ڪورٽ حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهنجو پٽ نالي بشير ولد خميسو ذات ڪنڀار وينل ڳوٺ درگاهه شيخ ٽيشن پي ايس مٽياري تعلقو ۽ ضلعو مٽياري، هو هاڻ خراب ماڻهن جي صحبت ۾ اچي غلط راهه تي هلي پيو آهي ۽ منهنجو نافرمان ٿي ويو آهي ۽ ان جا غلط قسم جي ماڻهن سان لڳ لاڳاپا آهن منهنجي ڪيترئي سمجهائڻ بارجود هو باز نٿو اچي. لهذا آئون هن بيان ذريعي واضع ٿو ڪيان ته منهنجو منهنجي پٽ نالي بشير ڪنڀار سان اڄ کان پوءِ ڪوبه تعلق ناهي ۽ آئون ڪيس کي پنهنجي مال ملڪيت ۽ جائيداد مان به بي دخل ڪيان ٿو هو هاڻ جيڪا ڏيتي ليتي ڪر ڏنڊو يا وٺو واپار ڪندو ته ان جو ذميوار هو پاڻ هوندو ان سان منهنجو يا منهنجي پٽن پائرن عزيزن رشتيدارن سان ڪوبه تعلق نه هوندو هي منهنجو بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

خميسو ولد پنيو ذات ڪنڀار پي ايس مٽياري تعلقو ۽ ضلعو مٽياري
شناختي ڪارڊ نمبر 41305-0539897-1

لاتعلقي جو اظهار

هرعام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون پنهنجي پٽن هر هڪ نالي (1) رزاق ولد علي نواز عمراڻي (2) علي بابا ولد علي نواز عمراڻي (3) اياز علي ولد علي نواز عمراڻي سان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيو آهيان. جيڪي نافرمان اولاد آهن منهنجي چوڻ ۾ نه آهن روز روز مون سان جهيڙو وغيره ڪن ٿا. بري صحبت ۾ اچي ويا آهن اگر ڪو به شخص يا ادارو سندن سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڦڏو فساد ڪن ٿا ته ان جا پاڻ ذميوار هوندا منهنجو انهن جي ڪنهن به قول فعل سان ڪنهن به قسم جو ڪوبه واسطو نه آهي منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جئين وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

علي نواز عمراڻي ولد مسو عمراڻي رهندڙ چڪي تعلقو ضلعو حيدرآباد
شناختي ڪارڊ نمبر 41303-6750449-5

بقايا	1	احتجاجي ريلي

حڪمرانن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو شڪارپور ۾ هاري جدوجهد ڪميٽي ضلع شڪارپور پاران سارين جي گهٽ اگهه خلاف ڳوٺ قادر بخش ڪوسو ڪان ڄامڙا اسٽاپ تائين احتجاجي پيادل ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي مير صابر حسين ڪوسو علي ڪوسو ڊاڪٽر رمضان جوڳي علي نواز

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پيپلز پارٽي جا تحفظات ۽ وفاق لاءِ آزمائشي مهينو
صفحو 4

محمود شاهه
اجتماعي ذهانت، اجتماعي قيادت
اٽئر
صفحو 4

غير ملڪي پناهگير سنڌ لاءِ خطرو آهن!
عبيدالله چڃڻ
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو سومر 20 آڪٽوبر
صفحو 4

سنڌ حڪومت پاران منظور ڪيل پروجيڪٽن جو ڪم تمام جلد شروع ڪيو ويندو: محمد علي ملڪاڻي

جنهن سان هتان جا ماهيگير ڪراچي وڃڻ بدران پنهنجي ئي حدن ۾ ڪاروباري سهولتون حاصل ڪري سگهندا

ٺٽي جي ڪيٽي بندر ۽ سجاول ضلعي جي شاهبندر تعلقي ۾ مني فش هاربر قائم ڪرڻ فيصلو ڪيو آهي

جاتي(ن ع) ماهيگيرن جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران منظور ڪيل اهم پروجيڪٽن جو ڪم تمام جلد شروع ڪيو ويندو جنهن سان هتان جا ماهيگير ڪراچي وڃڻ بدران پنهنجي ئي حدن ۾ ڪاروباري سهولتون حاصل ڪري سگهندا جنهن سان سٺو منافعو ملندو ۽ ماهيگير جو سفري وقت بچندو اهڙن خيالن جو اظهار صوبائي وزير فشريز لائيو اسٽاڪ محمد علي خان ملڪاڻي جاتي ۾ صحافي شڪيل احمد لوهار جي چاچا ۽ مرحوم جي پٽ عبدالوهاب لوهار سان مرحوم عبدالڪريم لوهار جي تعزيت ڪرڻ بعد ڪيو موجود صحافين ڳالهائيندي ڪيو انهي وڌيڪ چيو ته ٺٽو ۽ سجاول جا ماهيگير ڪاٺ فش هاربر نه هئڻ ڪري ڪراچي ويندا آهن جنهن سان هڪ ته ڪراچي فش هاربر تي دٻاءُ وڌي ٿو ٻيو هتان جا ماهيگير وقت سر مڇي جهينگو ۽ ٻيو سامونڊي جيوت نه پهچڻ تي سخت پريشان ٿين ٿا ۽ ماهيگيرن کي سخت نقصان پهچي ٿو جنهن سبب سنڌ جي ٻني ضلعن ۾ ٺٽي جي ڪيٽي بندر ۽ سجاول ضلعي جي شاهبندر تعلقي ۾ مني فش هاربر قائم ڪرڻ فيصلو ڪيو آهي جيڪو جلد ڪم مڪمل ڪيو ويندو انهي موقعي پ پ ضلعي انفارميشن سيڪريٽري منظور الرحيم پليجو پ پ تعلقه صدر ۽ وائس چيئرمين ٽائون ڪميٽي جاتي حاجي محمد قريشي حاجي عبدالشڪور لوهار ٻيا پڻ موجود هئا ٻئي طرف سعودي عرب کان آيل حاجي نور احمد سومرو پاڪستان پيپلز پيرا ميڊيڪل ضلعي سجاول جي انفارميشن سيڪريٽري عبداللطيف چاڙڪ ڊاڪٽر عبدالباسط ميمڻ ، اڳوڻو يوسي چيئرمين غلام مصطفي ملڪاڻي ۽ ٻين پڻ تعزيت ڪئي

جاتي: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي فاتح ڪري رهيو آهي

راڌڻ ۾ ايم ايل-2 ريلوي سيڪشن جون بند پيل ٽرينون بحال ڪرڻ لاءِ احتجاج

حبيب ڪوٽ کان سيوهڻ تائين ٽريڪ جي مرمت جو مطالبو ريلوي آفيسرن تي تعصب ۽ غفلت جا الزام

خوشحال خان خٽڪ ۽ بولان ميل جا ٻيا ريڪ بحال ڪيا وڃن، ٽرينون وقت سر هلايون وڃن:مظاهرين

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ريلوي اسٽيشن تي سماجي ورڪر حسين بخش بروهي حيدر علي رند مظهر علي پنڊ نظير احمد بروهي جي اڳواڻي ۾ راڌڻ ريلوي پليٽ فارم تي ڪوٽڙي سيوهڻ دادو راڌڻ لاڙڪاڻو حبيب ڪوٽ ريلوي سيڪشن ايم ايل 2 جون بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هنن حڪومت سان مخاطب ٿيندي چيو ته حبيب ڪوٽ کان سيوهڻ شريف تائين ٽريڪ جي مرمت ڪرائي وڃي ٽرينن جي آمدورفت کي بهتر بڻايو وڃي روز گاڏيون ڏه ڏه ڪلاڪ ليٽ ٿيون اچن ان جو ڪارڻ ٽريڪ جي مرمت نه ٿيڻ ۽ لاهور جي متعصب ريلوي ۽ سنڌ دشمن آفيسرن پاران ٽرانسپورٽرن کي فائدو ڏيڻ آهي هن لائين تي هلندڙ ٽرينون خوشحال خان خٽڪ ۽ بولان ميل جو ٻيو ريڪ بحال ڪيو وڃي جنهن ڪري اهي گاڏيون بند ٿيڻ ڏينهن تي هلن ٿيون جنهن ڪري مسافرن کي ان گاڏين جي آمدورفت جي خبر نٿي پوي جو هو ان ۾ سفر ڪن اها به ريلوي آفيسرن جي سازش آهي ته مسافر ريلوي ٽرينن بدران ڪوچن ويگنن ۽ ٻوٽن ۾ سفر ڪن جڏهن ته خوشحال خان خٽڪ کي بند ڪيو ويو آهي جڏهن ته ان ٽريڪ جي اسٽيشنن تي ڪو به ڏنڊو پاڻي دستياب نه آهي نه وري مسافرن لاءِ ڪو واش روم ٺهيل آهي انتظاميا هٿ وٺي سسٽم کي خراب ڪن ٿا ته جيئن ٽرينون بند ٿين ته گهر ويلي پڳهار کٽي سگهن ۽ مسافر بسن ۾ سفر ڪرڻ کي ترجيح ڏين ان ڪري هن ريلوي ٽريڪ پي ڊبليو آءِ ۽ ريلوي اسٽيشنن جا تقريبن اڪثر ريلوي ملازم ويڙا تي ويل آهن جيڪي آفيسرن کي منٿليون ڏئي گهر ويٺي پڳهار کڻن ٿا مظاهرين وفاقي وزير ريلوي جنرل مينيجر ريلوي ۽ ڊي ايس سکر ۽ ڪراچي کان مطالبو ڪيو آهي ته بند ڪيل گاڏيون هلايون ۽ ايم ايل 2 ٽريڪ جو مرمتي ڪم ڪرائي بولان ميل ۽ خوشحال خان خٽڪ ايڪسپريس جا ٽي ٽي ريگ هلايون گاڏين جي آمدورفت کي درست ڪري عوام کي سفري سهولت مهيا ڪئي وڃي جيئن گاڏيون وقت سر اچن نه ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

راڌڻ: ريلوي بحال ڪرائڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۽ پرياسي علائقن ۾ لمپي اسڪن وائرس تيزيءَ سان ڦهلجڻ لڳو، لائيو اسٽاڪ کاتو ننڊ ستل

وائرس سبب ڪيترائي جانور مري ويا، مالوند ماڻهون سخت پريشان، معاشي نقصان ٿيڻ سبب بڻي هٿ مٺي تي اچي ويا

سرڪاري بجيٽ هوندي به کاتو غيرفعال بڻيل آهي، لکين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي: ڳوٺاڻا

لائيو اسٽاڪ کاتو ناڪاره ٿي ويو آهي، حڪومت کان بيماري تي فوري ڪنٽرول جو مطالبو

خيرپور (د ر) خيرپور ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ چوپائي مال ۾ لمپي اسڪن وائرس تيزيءَ سان ڦهلجڻ لڳو جنهن سبب علائقي جا ڪيترائي جانور خطرناڪ بيمارين وگهي مرڻ لڳا، لائيو اسٽاڪ کاتو اڳهور ننڊ ستل رپورٽ موجب خيرپور ۽ پرياسي واري علائقي ۾ چوپائي مال ۾ لمپي اسڪن وائرس تيزيءَ سان پکڙجڻ لڳو آهي، جنهن سبب مالوند ماڻهون انتهائي سخت پريشان بڻيل آهن. ڳوٺاڻن چار منير احمد سومرو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته لمپي اسڪن وائرس بيماري سبب اسان جا ڪيترائي جانور مري ويا آهن، جڏهن ته اسان کي ٻڌايو پيو وڃي ته لمپي اسڪن وائرس هڪ لاعلاج بيماري آهي،جڏهن ته سنڌ گورنمينٽ پاران لائيو اسٽاڪ کاتي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪروڙين جي بجيٽ ڏني ٿي پر ان باوجود تيزي ڦهلجندڙ لمپي اسڪن وائرس تي ڪنٽرول ڪري ۽ چوپايو مال رکندڙ ڳوٺاڻن کي لکين رپين جي نقصان ٿيڻ کان بچايو وڃي؛

ڪنڊياري لڳ شاڙيا عطا مري جي ٽوليس تي باهه متاثرن ۾ ضروري سامان ورهايو ويو

ٻه ڏينهن اڳ سجاد مري، غلام حسين مري ۽ عطا حسين مري جا گهر سڙي ويا هئا

ايم اين اي جي ٽوليس تي ذوالفقار چانڊيو متاثرن کي ٽينٽ، راشن ۽ ٻيون شيون فراهم ڪيون

ڪنڊياري (ن ع) ڪنڊياري لڳ ڳوٺ ڪرم خان مري ۾ ٻه ڏينهن اڳ اوچتو چلهه جي چڻنگ مان باهه لڳي وئي جنهن ... خاندانن سان مڪمل همدردي رکي ٿي باهه ۾ سڙيل گهرن جي بحالي لاءِ سفارشون موڪليون ويون آهن ۽ ...

ڪنڊياري: باهه متاثرن ۾ ضروري سامان ورهايو پيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد ۾ گونگي عورت جو ٻاڻرن جي زيادتيءَ تشدد خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) ڳوٺ لونگيوال ديهه 295 جي رهواسڻ گونگي لاچار عورت شريمتي لاجو ڪولهي پنهنجي مڙس ...

ڪوٽ غلام محمد ۾ غزالي ايجوڪيشنل جي صدر کي ڌمڪين خلاف احتجاج

شهزاد انجم ۽ ساٿي اسڪول جي مفت تعليم واري منصوبي ۾ رڪاوٽ وجهي رهيا آهن: شهريز عالم آرائين

ڪورٽ پاران پروٽيڪشن آرڊر جاري ڪيو ويو آهي اعليٰ اختيارين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪن

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) ڪوٽ غلام محمد جي نالي واري غزالي ايجوڪيشنل سوسائٽي جي صدر ايڊوڪيٽ شهريز عالم آرائين پاران مبينا ڌمڪين ۽ ميڊيا ٽرائل خلاف پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد تي احتجاج بعد هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سوسائٽي جي اونر شهريز عالم آرائين چيو ته شجاع آباد ميرواهه گورچاڻي جو رهائشي شهزاد انجم نالي همراهه ۽ سندس ساٿين مان مون کي ۽ مون سان وابسته اسٽاف کي سخت جاني ۽ مالي نقصان رسڻ جو خطرو آهي جاڪاڻ ته غزالي ايجوڪيشن فائونڊيشن جي بلڊنگ پلان مطابق ڏار اسڪول عمارت ۾ مفت تعليم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو جنهن لاءِ اسان غزالي ايجوڪيشنل سوسائٽي فائونڊيشن اسيسٽڊ هاءِ اسڪول ميرواهه گورچاڻي آپريٽيڊ باءِ غزالي ايجوڪيشنل سوسائٽي جي نالي سان ليگل رجسٽريشن بورڊ مان ايفيليئشن ڪرائي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ڪان اسڪول عمارت ٺاهڻ ۽ اسڪول منظور شده لوڪيشن تي هلائڻ جو اجازت نامو ورتو ۽ اسڪول عمارت تيار ڪري اسڪول جي منتقلي جو عمل جاري آهي جنهن تي ...

ڪوٽ غلام محمد: غزالي ايجوڪيشنل جو صدر کي ڌمڪين خلاف احتجاج ڪندي

خيرپور ۾ ساس پريالوءَ جي ڪڏجاڻي، نوجوان شاعرن جي غزلن سان محفل رنگين

ڪڏجاڻي ۾ شاعرن پنهنجي تخليقون پيش ڪري تنقيدي خيالن جو اظهار ڪيو

نوجوان شاعرن جي غزلن ۾ فني پختگي ۽ فڪري اڏام ڏسڻ ۾ اچي ٿي: سعيد سنڌي

خيرپور(د ر) سنڌي ادبي سنگت پريالوءَ جي ڪڏجاڻي نوجوان شاعر سعيد سنڌيءَ جي صدارت ۾ ٿي جنهن ۾ دوستن پنهنجون لکڻيون پڙهيون ۽ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو، انهن ۾ سجاد ميراڻي غزل ، استاد ڪنڊن لال غزل ، سميع سجاد غزل اصلاحي تنقيد لاءِ پيش ڪيا . صدارتي راءِ ڏيندي سعيد سنڌيءَ چيو ته سنڌي بوليءَ ۾ بهترين غزل لکجي پيو جيڪي نوجوان شاعر غزل لکي رهيا آهن انهن ۾ فني پختگي ۽ فڪري اڏام آهي . ڪڏجاڻيءَ ۾ اسد بلوچ ، علي ڦليوٽو ، آزاد ميراڻي ۽ سيد جمن شاهه ۽ ڪاتيش ڏوميچا شرڪت ڪئي . ڪڏجاڻيءَ جي آخر ۾ فيصلو ڪيو ويو ته هر سال وانگر هن سال به ستاويهين ڊسمبر تي سنڌ جي قومي راڳي سرمد سنڌيءَ جي ورسي شاندار نموني ملهائي ويندي

ٽنڊو محمد خان ۾ مرحوم پير خالد سعيد جان سرهندي جي ورسي ملهائي وئي

ورسي جي تقريب ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، آفيسرن ۽ روحاني شخصيتون وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي دعا گهري وئي

ٽنڊومحمدخان(د ر) ٽنڊو محمد خان ضلعو جي سياسي سماجي شخصيت اڳوڻي ضلعي ڪائونسل حيدرآباد جي چيئرمين مرحوم پير خالد سعيد جان سرهندي جي چوٿين ورسي سندس رهائش گاهه ٽنڊوسائينداد ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي تقريب ۾ سڄي سنڌ جي مختلف ضلعن سان تعلق رکندڙ سياسي، سماجي ،آفيسرن ،پير خاندان جي معززين ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سرهندي جماعت جي روحاني پيشوا آغا پير عبدالوحيد جان سرهندي پڻ خصوصي دعا گهري وئي ۽ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني پڻ ڪرائي وئي ورسي جي تقريب ۾ پ پ اڳواڻ پير سجاد سعيد جان رهندي، سنڌ پبلڪ پارٽي سربراهه پير اشفاق سرهندي،پ پ اڳواڻ معصوم جان سرهندي ، پير غلام مجدد سرهندي ، او جي ڊي سي ايل جو اڳوڻو سربراهه پير عاصم جان سرهندي ، ڊاڪٽر آغا عبدالرحمن سرهندي، چيمبر آف ايگريڪلچر اڳواڻ نبي بخش سٿيو ، اڳوڻو ناظم مير ڪاظم رضا ٽالپر جان محمد پٽي، پير متين جان سرهندي، پيپلز ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي سربراهه پير احمد سعيد جان سرهندي ، پير سرمد سعيد جان سرهندي ، پير سعدين جان سرهندي سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.آخر ۾ مختلف علائقن کان آيل مهمانن جو سندس فرزند پير احمد سعيد جان سرهندي شڪريو ادا ڪيو

ٽنڊو محمد خان: مرحوم پير خالد سعيد جان سرهندي جي ورسي تقريب جو ڏيک

خيرپور ۾ عرفان علي ڏهوٽ سنڌ پروفيسرز اينڊ ليڪچررز ايسوسيئيشن جو صدر چونڊجڻ تي استادن پاران مبارڪباد

... مبارڪباد پيش ڪئي وئي آهي.ان موقعي تي پروفيسر نجم الحسن سينيئر ڊائريڪٽر فزڪل ايجوڪيشن غلام مرتضيٰ ڏهوٽ، شوڪت علي ڏهوٽ، فهيم جماڻي عامر رضا رضوي، انصاف مغل ڪاشف چنا ۽ ٻين استادن عرفان علي ڏهوٽ کي مبارڪباد ڏني.استادن اميد ظاهر ڪئي ته عرفان علي ڏهوٽ پنهنجي صلاحيتن، تجربي ۽ مثبت رويي جي ذريعي استادن جي مسئلن جي حل ۽ تعليمي ماحول جي بهتري لاءِ اڻٿڪ ڪردار ادا ڪندو. هن جي قيادت ۾ ڪاليج جي فيڪلٽي ۽ تعليمي سرگرمين ۾ وڌيڪ نکار ايندو.

دادو لڳ پراڻي خوني تڪرار چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو هڪ زخمي

دادو(د ر) دادو لڳ جهلو ٿاڻي جي حد ڪچي جي ڳوٺ شيخ گلاب ۾ چانڊيو برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي خوني تڪرار تان جهيڙو جديد هٿيارن سان فائرنگ هڪ ڄڻو نوجوان رمضان ولد غلام حيدر چانڊيو گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي کي طبي امداد بعد ڳنڀير جوڳي حالت ۾ سيوهڻ اسپتال ريفر ڪيو ويو زخمي جي والد غلام حيدر چانڊيو ۽ رجب چانڊيو ميڊيا آڏو داڻهيو ته اڪبر چانڊيو ۽ ٻين سان پراڻو خوني تڪرار هلندڙ آهي اسان وٽ تڪرار ختم ڪرڻ لاءِ ميڙ منٿ ڪافلو آيو هو اسان فيصلي لاءِ راضي ٿياسين پر اڄ وري اڪبر چانڊيو جي ڊر گهر تي جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪري نوجوان کي زخمي ڪيو آهي هنن ايس ايس پي دادو کان انصاف جو مطالبو ڪيو جڏهن ته جهلو پوليس اسپتال پهچي واقعي جي اين سي ملوث جوابدارن خلاف داخل ڪري ڪاروائي شروع ڪري ڏني ياد رهي ته خوني تڪرار ۾ 4 ڄڻا قتل ۽ ڪافي زخمي پڻ ٿي چڪا آهن.

عمرڪوٽ سٽي ۽ سامارو ٿاڻا ٻن مهينن کان بنا ايس ايڇ او جي هلندڙ

عمرڪوٽ سٽي ٿاڻي جي اضافي چارج شادي پلي جي ايس ايڇ او حوالي

سي آءِ اي انچارج جي بدلي ۽ قابل آفيسرن کي لائين ۾ رکڻ تي سڄاڻ حلقن جي تنقيد

عمرڪوٽ (د ر)عمرڪوٽ سٽي ۽ سامارو جهڙن اهم پوليس ٿاڻن تي نوان ايس ايڇ او مقرر ڪرڻ بدران ٻين ٿاڻن جي ايس ايڇ او کي اضافي چارجون ڏئي نظام هلايو پيو وڃي عمرڪوٽ سٽي ٿاڻو ڪرائيم ٿوڙي عوامي لهه وچڙ جي حوالي سان خاص اهميت رکڻ باوجود هتي ٻن مهينن کان ايس ايڇ او مقرر نه ڪيو ويو هن ٿاڻي جو اضافي چارج ايس ايڇ او شادي پلي حوالي ڪيل آهي مسلسل ايس ايڇ او جي مقرري نه ٿيڻ سبب عمرڪوٽ ۾ بدامني ،منشيات فروشي ٿوڙي سماجي برائين ۽ عوامي مسئلن ۾ ويتر واڌ ٿيڻ جون شڪايتون عام ٿي ويون آهن پر ان جو نوٽس وٺي ڪاروائين لاءِ ڪو اپاءُ نه پيا ورتا وڃن ٻه مهينا اڳ ايس ايڇ او سٽي سيد الطاف شاهه ۽ ڪجهه اهلڪارن کي هڪ عدالتي ڪمپلين تي معطل ڪيو ويو هو معلوم ٿيو آهي ته عدالت ٿوڙي پوليس انڪوائري ۾ اها ڪمپلين ڪوڙي ثابت ٿيڻ تي ڪين بحال ڪيو ويو آهي پوليس ٿوڙي عوامي حلقن ۾ انسپيڪٽر سيد الطاف شاهه سٽي ساک رکندڙ آفيسرن ۾ شامل آهي جڏهن ته چار ڏينهن اڳ سامارو جي ايس ايڇ او احمد بخش راهمون کي معطل ڪرڻ بعد نئون ايس ايڇ او مقرر ڪرڻ بدران سامارو ٿاڻي جو اضافي چارج ايس ايڇ او غلام نبي شاهه حوالي ڪيو ويو ڊي آئي جي ميرپورخاص جي جوڙيل ٽيم پاران سامارو ۾ منشيات خلاف وڏي ڪاروائي بعد احمد بخش راهمون کي معطل ڪيو ويو هن کان اڳ ضلعي عمرڪوٽ ۾ منشيات فروشن ۽ ڏوهارين خلاف ڀرپور ڪاروايون ڪندڙ سي آئي اي انچارج خليل ڪنڀر کي بنا ڪنهن خاص سبب جي هتان کان ميرپورخاص بدلي ڪيو ويو معلوم ٿيو آهي ته عمرڪوٽ لائين ۾ آفيسر اسپيئر ۾ آهن ان باوجود اهم ٿاڻن تي ايس ايڇ او مقرر نه ڪرڻ تي عوامي ۽ سڄاڻ حلقن ۾ حيرانگي پکڙيل آهي جڏهن ته علائقن ۾ بدامني منشيات فروشي ۽ سماجي برائين جي تمام گهڻي وڌندڙ شڪايتن باوجود اهڙي صورتحال سبب مٺن ڪنٽرول بدران مسئلن ۽ شڪايتن ۾ ويتر واڌ ٿئي پئي هتان جي سڄاڻ حلقن وڏي سيد مراد علي شاهه آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ۽ ٻين وس وارن کان نوٽس وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي

ميرپورخاص ۾ ناري نيها جي پراسرار موت جو معاملو پيچيده بڻيل

صائم مغل ۽ سندس امڙ ڪيس ۾ گرفتار ٿيڻ بدران مهمان طور ويهاريل

نيها جا آڊيو ميسيج وائرل ڪندڙ سهيلي مهڪ جو فون پوليس ضبط ڪري ورتو

ناري جي ماءُ ۽ صائم مغل جا هڪٻئي تي سنگين الزام، پوليس نيها جو موبائل هٿ نه ڪري

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص 6 ڏينهن اڳ پراسرار نموني فوت ٿيل ناري نيها وارو معاملو ناري جي ڪيس ۾ گرفتار صائم مغل ۽ سندس امڙ کي پوليس پاران لاڪپ اپ ڪرڻ بدران مهمان طور ويهاري ڇڏيو ناري جي امڙ ۽ صائم مغل جا هڪ ٻئي تي الزام، ورمين پوليس پاران ناري جا آڊيو ميسيج وائرل ڪندڙ سهيلي جي گهر پهچي سندس موبائل فون کڻي وئي ان موقعي تي ناري جا آڊيو ميسيج وائرل ڪندڙ سهيلي مهڪ چيو ته آئون پنهنجي دوست جا وائس ميسيج وائرل ڪري پلاڻي ڪئي پوليس تحفظ ڏيڻ بدران حراسان ڪري رهي آهي هن چيو ته گذريل رات ورمين پوليس جي ايس ايڇ او موسل لغاري گهر پهچي آهيو ڇٽي منهنجو موبائل فون کڻ ڪئي وئي ته نيها جا موڪليل وائس ميسيج جو ريڪارڊ پاڻ وٽ ڪاپي ڪري اوهان کي موبائل واپس ڏنو ويندو جيڪو هن وقت تائين ناهي مليو هن چيو ته نيها گهر وارن جي ڪري تمام پريشان هئي موت واري ڏينهن 3 وڳي به منهنجي نيها سان ڪال تي ڳالهيون ٿيون هئيون هو پريشان هئي هن چيو ته هڪ دوست ذريعي رات جو خبر پئي ته نيها فوت ٿي وئي آهي نيها جي امڙ اسان کي نيها سان ملڻ نه ڏيندي هئي پوليس کي نيها جو موبل هٿ ڪرڻ گهرجي هن وٽ موبائل هيو جنهن سان هو رابطو ڪندي هئي نيها جو موبائل فون موت واري رات بند ٿي ويو هو ان موقعي تي ناري جي ڪيس ۾ گرفتار ٿيل سندس امڙ آشي چوهاڻ ۽ صائم مغل جا ورمين ٿاڻي تي هڪ ٻئي تي الزام هنيا، نيها جي امڙ چيو ته نيها جي موت واري ڏينهن مان مارڪيٽ ويل هئس ڪم سان واپس گهر پهچي ڏٺو ته منهنجي نياڻي گهر جي ڇت سان رسو ٻڌل لاش لٽڪيل هئي مان فوري طور نيها کي ڇري سان رسو ڪٽي لاش کي هيٺ لاٿو ۽ گهر پرسان پنهنجي پيٽ کي گهرائي سول اسپتال ڪٺائي وياسين جتي ڊاڪٽرن ٻڌايو ته نيها فوت ٿي وئي آهي صائم مغل اتي پهچي هنگامو ڪيو ۽ زوري لاش ڪٺائي آئي

شادي لارج ويجهو ميگهواڙ برادري جو معزز اڳواڻ عيسر ميگهواڙ جو ديهانت ٿي ويو

شادي لارج(ن ع) شادي لارج ويجهو گذائي جو ڳوٺاڻو ميگهواڙ برادري جو نيڪ مرد عيسر ميگهواڙ ديهانت ڪري ويو.شادي لارج ويجهو قبائلي چڪ ديهه مٺي ون ڳوٺ ولي محمد نوتڪاڻي ۾ گذائي جو ڳوٺاڻو ميگهواڙ برادري جو احترام لائق معزز اڳواڻ پٽيل ساڌو ميگهواڙ جو ٽنڊو پاءُ رودس ڪاٽي بديڻ جي ڪلرڪ جيوڻ ميگهواڙ جو چاچو عيسر ميگهواڙ ڪجهه عرصو ڪئنسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا رهڻ بعد گذريل ڏينهن تقريبن 65 ورهين جي ڄمار ۾ دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو موت واري خبر جو اطلاع ملندي ئي سندن برادري ڏک ۾ وڪڻجي وئي ڏياري جون خوشيون غم ۾ تبديل ٿي ويون سندس آخري رسمن ۾ ٿرپارڪر ڪلوئي ڪوسڪي بدين ڪڍڻ سميت ٻين مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان وڏي انگ ۾ عزيزن قريبن سميت ميگهواڙ برادري جا ماڻهو شريڪ ٿيا.

ٽبي سر روڊ ڪيٽل فارم کي ماڊرن بڻائڻ لاءِ هنگامي ڪم شروع، ڏڏي نسل جي ڍڳين تي ريسرچ ٻيهر بحال

1957ع ۾ قائم فارم تي سالن بعد تحقيقاتي عمل جي شروعات، جديد طرز تي بريڊنگ ۽ ريسرچ

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ۽ لاڳاپيل اختيارين جي دلچسپي سان فارم ۾ جديد سهولتون، ليبارٽريون ۽ گاهه جي پوک شروع

ڊاڪٽر ملڪ راءِ موجب جانورن جي چونڊ، ويڪسينيشن ۽ هارمون ٿراپي ذريعي ڏڏي نسل جي پيداوار وڌائڻ لاءِ سائنسي قدم

عمرڪوٽ (د ر) ٽبي سر روڊ سنڌ جي وڏي تجرباتي ڪيٽل فارم ٽبي سر روڊ کي ماڊرن بنائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي ڪم شروع ڪيو ويو آهي ڪافي عرصي بعد ڏڏي نسل جي ڍڳين جي نسلن تي ريسرچ ڪرڻ واري عمل سان ان جي ابتدا ڪئي وئي آهي ، 1957ع ڌاري قائم هي فارم ڏڏي نسل جي ڳئون تي ريسرچ ... سلسلي ۾ ڪيٽل فارم ٽبي سر جي سپريڊينٽ ڊاڪٽر ملڪ رائي تفصيل ٻڌائيندي چيو هتي ريسرچ جو باقائده عمل شروع ڪيو آهي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ،سيڪريٽري ڪاظم جتوئي ۽ ڊائريڪٽر جنرل مبارڪ جتوئي جي خصوصي دلچسپي ۽ هدايتن تي فارم کي ماڊرن بڻائڻ جي ملڻيل ٽاسڪ تي ڊائريڪٽر ريسرچ لائيو اسٽاڪ رحمت الله سنجراڻي جي نگراني ۾ ڪم شروع ڪيو ويو جديد طرز سان ڪم ڪندي ان بريڊنگ سبب معيار تي پورو نه لهندڙ جانورن کي ڊي اسٽاڪ ڪري آڪشن ذريعي گهٽايون پيا جانورن کي عمر جي لحاظ کان ڪيٽيگرائيز رکيو آهي مختلف صوبن ۾ جلدي پوکجي وڌيڪ عرصو هلندڙ گاهه پوکيو آهي ليبارٽري ذريعي گاهه جي طاقتور جزن جي چڪاس ڪري وافر مقدار ... خيال رکي ڪمزور جانورن کي صحتمند ڪري جسم جي اندروني ۽ بيروني ڪيڙن وغيره کان بچاءُ سميت وچڙندڙ بيمارين کان اڳواٽ بچاءُ جا ٽڪا لڳرائي وقت موجب مختلف ويڪسئن ٿئي پئي اهي مرحلا مڪمل ڪرڻ بعد بهتر تيار ٿيل جانورن مان چونڊ ڪري انهن ۾ هارمونز ٿراپي ڪرائي معرادو ٻج رکيو پيو وڃي جانورن جي نسل کي پائيدار ۽ وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ بڻايو ويندو اندازي موجب ڪاڏ خوراڪ ڏيڻ بدران ان جي پئمائش ڪري جانورن جي پيداوار ۽ جسماني وڏ جي حساب سان متوازن غذا ڏيون پيا مختلف تجربن ۽ تحقيق وسيلي ڪير جي پيداوار ۾ واڌارو آندو ويندو ڏڏي ڍڳين کي پاڪستان سميت مختلف ملڪن ۾ خاص اهميت آهي انشاالله ايندڙ ڏينهن ۾ هي فارم ڏڏي ڍڳين جي نسلن جو مرڪز هوندو ... اوچتو دورو ڪري جانورن جي بريڊنگ خصوصيت تي هلندڙ ڪم جو معائنو ڪيو بريڊنگ ٽيم پاران چونڊ ڪيل جانورن جي ٻچيداني جي الٽراسائونڊ ذريعي چڪاس هارمون ٿراپي لاءِ تياري ۽ ڊيڪپڙ جي چڪاس جي هلندڙ ڪم بابت آگاهه ڪيو هنن فارم سپرٽينڊنٽ ڊاڪٽر ملڪراءِ جي ڪارڪردگي تي اعتماد ڪندي وڌيڪ توجهه ۽ ڪم جي بهتري لاءِ هدايتون جاري ڪيون

خيرپور ۾ جسڪاڻي محلا واسين جو ٻاڻرن جي زيادتين خلاف احتجاج

هينڊس پاران گهرن جي تعمير جو ڪم ٻااثر ماڻهن روڪرائي ڇڏيو آهي: مظاهرين

ٻاڻرن ڪوڙا ڪيس به ڪيا پر عدالت اسان جي حق ۾ فيصلو ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(د ر) خيرپور پرسان محلا جسڪاڻي جي رهواسين پنهنجي گهر اڳيان ٻاڻرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو آهي تفصيل موجب خيرپور پرسان محلا جسڪاڻي جي رهواسين امداد جسڪاڻي ڪامران جسڪاڻي ممتاز حسين جسڪاڻي الطاف جسڪاڻي فداحسين جسڪاڻي سرفراز جسڪاڻي ۽ ٻين پنهنجي گهرن اڳيان احتجاج ڪندي ٻڌايو ته 2022 جي برسات پوري ملڪ جيان اسان جي به ڳوٺ کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو هو جنهن کان پوءِ اسان کليل آسمان هيٺيان ويٺل آهيون سنڌ گورنمينٽ جي تعاون سان هينڊس اي جي اوز ۽ فوجي سروي مطابق اسان کي نوان 2ڪمرا تعمير ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو هينڊس جي تعاون سان انهن ٻن ڪمرن جي ڊي پي سي لڳائي وئي جنهن کان پوءِ علائقي جي ٻااثر اسان جي ڪمرن جي پيڙ لڳل به ڊاهي ڇڏي ۽ اڳتي ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي ۽ اسان مٿان پوليس ۽ ڪورٽن ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايان آهن اسان غريب مزدور ماڻهو آهيون روز ڪمايون روز کائون ٿا جڏهن ته ڪمشنر سکر مختيار ڪار صالح پٽ ۽ ڪورٽ سگوري اسان جي حق ۾ فيصلو ڏئي صالح پٽ پوليس کي آرڊر ڪندي پروٽيڪشن ڏيڻ جو حڪم ڪيو آهي هنن هينڊس جي چيئرمين ڪمشنر سکر ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته معين حقيقت جي انڪواري ڪئي وڃي.

هالا ۾ جماعت اسلامي پاران آبادگارن کي فصلن جا مناسب اگهه نه ملڻ هالا ۾ جماعت اسلامي پاران آبادگارن کي فصلن جا مناسب اگهه نه ملڻ

هالا (ت ر) هالا ۾ آبادگارن کي فصلن جا مناسب اگهه نه ملڻ خلاف جماعت اسلامي پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف آرائين مٽياري ضلعي جي امير فقير محمد لاکو اياز احمد اصلاحي الطاف پنهور محمد ڪاڪا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو ته پاڪستان جي معيشت جو دارومدار زراعت تي آهي مگر حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب زراعت کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته آبادگارن کي ٻج ڪلر پاڻي ۽ زرعي دوائون مهانگي اگهه تي وڪرو ڪيون پيون وڃن جڏهن ته فصل لهڻ مهل ڪين فصل جو مناسب اگهه نٿو ڏنو وڃي جنهن سبب آبادگارن کي ڪروڙين رپين جو نقصان ٿئي ٿو هنن چيو ته حڪومت طرفان ڪلر ٻج ۽ پاڻي تي ملندڙ رعايت آبادگارن کي ملڻ بدران واپاري طبقو ۽ مل انتظاميا ملي پڳهت ڪري هڙپ ڪري رهيا آهن

ڪنڊڪوٽ پوليس ڪارروائي، فائرنگ، زخمي حالت ۾ هڪ جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعوا

ڪنڊڪوٽ (د ر) اي سيڪشن ٿاڻي جي حد نيو سبزي منڊي جي ويجهو ڏوهاري ڦر جي ارادي سان بيٺل هئا ته گشت دوران پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جي جو ايس ايڇ او ڪنڌڪوٽ خليل احمد لغاري ۽ سندس ٽيم جو ڏوهارين سان مقابلو ٿيو پوليس ۽ ڏوهارين جي وچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٻيا ساٿي فرار ٿي ويا. پوليس سرچ آپريشن جاري آهي زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ بخت عرف بختو پٽ علي نواز سبزوئي جي نالي سان ڪئي وئي آهي گرفتار جوابدار جي قبضي مان هڪ پسٽل هٿ ڪيو ويو آهي زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار کي فوري طور تي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار سبزي منڊي ڪنڌڪوٽ، هيبت روڊ ۽ شهر ۾ ڏاڙن اسٽريٽ ڪرائمس موٽر سائيڪل لفٽنگ، موبائل فون چوري ۽ ٻين واقعن ۾ ملوث هو جوابدار جو ڪرمنل رڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد ۾ قومي ڪارڪنن کي ڪٿبي گم ڪرڻ خلاف احتجاج

قومي ڪارڪنن ۽ شاگرد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪري نعريبازي ڪئي

بيگناهه قومي ڪارڪنن کي فوري طور ظاهر ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي:مظاهرين

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) سنڌ جي مختلف شهرن مان بيگناهه قومي ڪارڪنن کي ڪٿبي گم ڪرڻ خلاف پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد آڏو قومي ڪارڪنن ۽ شاگردن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي اياز ڪالرو بلال سنڌي ۽ ٻين قومي اڳواڻن ڪئي.احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ته بيگناهه قومي ڪارڪنن کي فوري طور ظاهر ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي. اڳواڻن چيو ته قومي ڪارڪن رحيم ڪوسو جيڪو حيدرآباد لڳ دعوت تان واپس ايندي ڪٿبي گم ڪيو ويو هو ڪيس هڪ مهينو گذرڻ باوجود ظاهر نه ڪيو ويو آهي جيڪو انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪر گم ٿيل قومي ڪارڪنن کي فوري طور ظاهر ڪري عدالت ۾ پيش نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ سنڌ ڀر ۾ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

ڪوٽ غلام محمد: ڪارڪنن کي ڪٿبي گم ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مسوبرڳڙي ۽ پرياسي ڳوٺن ۾ ڊينگي ۽ مليريا جي وبا تيزيءَ سان پکڙجڻ

يونين ڪميٽين جي ڪرايل اسپري بي اثر، معصوم ٻارڙا، عورتون ۽ مرد وڏي تعداد ۾

علاج جي سهولتن جي کوٽ سبب ماڻهو خانگي اسپتالن ۽ مهانگين دوائن خريد ڪرڻ تي

علائقي واسين جو صحت کاتي کان فوري اسپري، دوائون ۽ علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ جو

مسوبرڳڙي (ن ع) تعلقي حيدرآباد رورل جي ڳوٺن ۾ ڊينگي ۽ مليريا تيزي سان پکڙجڻ لڳو سول اسپتال حيدرآباد ۾ بيڊ پرجي ويا، مسوبرڳڙي سميت ٻين ڳوٺ ۾ مليريا جو آزاروڌي ريو. يونين ڪميٽين پاران ڪرايل اسپري به ڳوٺن ۾ ڪو اثر نه ڏيکاريو مليريا ۾ مبتلا معصوم ٻارڙا عورتون مرد شامل رهواسين موجب سرڪاري اسپتالن ۾ علاج جون سهولتون نه هجڻ ڪري خانگي اسپتالن مان پنهنجو علاج ڪرائڻ ۽ مهنگيون دوائون وٺڻ تي مجبور آهن.علائقي واسي علائقي واسين صحت کاتي کان مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد ڳوٺن ۽ شهرن ۾ مڇر مار اسپري، سميت ٻيا وسيلا ڪتب آڻي سرڪاري اسپتالن ۾ عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪري مليريا ڊينگي جهڙي موذي مرض تي ضابطو آندو وڃي

مٺي ۾ سينئر صحافي پورالال سنڌي جي گهر کي باهه، الهه تلهه

پوڄا جي ڏيئي مان باهه گهر کي پنهنجي وڪڙ ۾ آندو، سمورو سامان سڙي خاڪ

مٺي (د ر) مٺي جي سينئر صحافي پورالال سنڌي جي گهر پوڄا جي ڏيئي مان باهه پڪڙي پٽي گهرو سامان، ڪاغذات، ادبي ڪتاب وغيره سڙي رک لکين جو نقصان خبر موجب گذريل رات مٺي سينئر صحافي پورالال سنڌي جي گهر ۾ پوڄا جي ڏيئي مان باهه لڳڻ سبب الماڙي ۾ پيل ادبي ڪتاب مختلف سماجي ادارن جي سرٽيفڪيٽن، ايسرو وچن راڄو وچن ريشمان ڙال نريش ڪمار جا ڪاغذات ڊوميسائيل تعليمي سرٽيفڪيٽ اسڪول جو ايس ايم سي رڪارڊ، چيڪ بڪ اسٽيمپ سروس بڪ، گهرو سامان بسترا ڪمبل الماڙي سميت پيل سامان سڙي تباهه ٿي ويو آهي جنهن ڪري لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي

مٺي: باهه سبب سڙي ويل گهر ۽ سامان جو ڏيک

خيرپور ميڊيڪل ڪاليج ۾ بريسٽ ڪينسر آگاهي مهم جي ڪاميابيءَ تي سيمينار منعقد

باصلاحيت عورت معاشري جي بهتري لاءِ مردن جيان جدوجهد ڪري تاريخ رقم ڪري سگهي ٿي: ڪلثوم آزاد لاشاري

عورتن جي صحت اسان جي اولين ترجيح آهي، ۽ گڏجي اسان بريسٽ ڪينسر جي روڪٿام ۽ ابتدائي سڃاڻپ لاءِ شعور وڌائينداسين

بريسٽ ڪينسر جي ابتدائي سڃاڻپ، علاج ۽ روڪٿام تي ماهرن جو زور، نرسنگ ۽ ميڊيڪل ٽيم جي ڪارڪردگي تي خاص ساراهه

خيرپور (پر) بريسٽ ڪينسر آگاهي مهم جي ڪاميابي تي سيمينار منعقد ، ڊاڪٽر ڪلثوم آزاد لاشاري ۽ ٽيم کي ايوارڊ ڏنا ويا، باصلاحيت عورت معاشري جي بهتري لاءِ مردن جيان جاکوڙي تاريخ رقم ڪري سگهي ٿي ڊاڪٽر ڪلثوم آزاد لاشاري ،تفصيل موجب خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي شعبه نسوانيت ۽ گائنيڪالاجي جي انتظام هيٺ ليڊي ولنگڊن اسپتال ۾ بريسٽ ڪينسر آگاهي مهم جي ڪاميابيءَ تي ڊبليوايڇ او جي سهڪار سان سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر ڪلثوم آزاد، سربراهه ڊپارٽمينٽ آف اوبسٽٽريڪس اينڊ گائنيڪالاجي خيرپور ...

راڄوخاناڻي ۾ استاد محمد نواز نظاماڻي جي مان ۾ پروقار الوداعي تقريب

شاعر خاڪي جاني جي ڪمپيئرنگ، ٽي اي او محرم پنهور ۽ ٻين معزز شخصيتن جي شرڪت

راڄوخاناڻي(ن ع) بوائز پرائمري اسڪول بخشو نظاماڻي جي اڳوڻي هيڊ ماسٽر محمد نواز نظاماڻي جي مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي تفصيل موجب ر بهاجوخاناڻي پرسان مشهور ڳوٺ بخشو نظاماڻي ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول بخشو نظاماڻي جي اسٽاف پاران اسڪول هيڊ ماسٽر محمد نواز نظاماڻي کي رٽائرمينٽ تي پروقار الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب جي ڪمپيئرنگ مشهور شاعر اديب خاڪي جاني ڪئي تقريب جا ... ماسٽر محمد شعيب ، شڪيل احمد ، شاهد احمد ڏاليو ، وڪيو خاصخيلي ، رضا ء الله نظاماڻي ۽ خاڪي جاني اجرڪون پارائي ڪيس مڃتا ڏني ۽ سندن عزت افزائي ڪئي ريٽي انهي ڪان پوءِ اسڪول جي اسٽاف محمد شعيب ، مس عارفه ، مس فرحا، شڪيل احمد ، شاهد احمد ڏاليو، مس اقصا ، خاڪي جاني وڪيو خاصخيلي محمد نواز کي الوداعي جي موقعي تي تحفا ڏنا ۽ اجرڪون پارايون اسڪول جي شاگرديائيئر استاد سائين محمد نواز نظاماڻي جي مان ۾ ...

نئون دمبالو ۾ نوجوان جي گمشدگي خلاف وارثن جو احتجاج

گل شهباز 42 ڏينهن اڳ گهران نڪتو ته واپس ناهي آيو: وارث

نئون دمبالو(ن ع) نئون دمبالو جي ڳوٺ لانڊي اسٽاپ جي رهواسين نوجوان گل شهباز جي گمشدگي خلاف عطامحمد ،شوڪت، رمضان ،غلام رسول ڪورائي سميت عورتن ٻارڙن احتجاج ڪندي روئيندي ٻڌايو ته سندن پٽ 42 ڏينهن اڳ گهران نڪتو هو جيڪو اڄان تائين واپس ناهي آيو هنن چيو ته ...

چار نواز علي بجلي تارن مان گهر کي باهه، الهه تلهه رک

چار نوازعلي (ن ع) چار نوازعلي لڳ ...

دادو ۾ پير الاهي بخش جي 50هين ورسي ملهائي وئي

دادو(د ر) دادو جي گورنمينٽ پير الاهي بخش لا ڪاليج ۾ سنڌ جي ناليواري سياستدان، اڳوڻي وزيراعليٰ سنڌ ۽ تعليم دوست شخصيت پير الاهي بخش جي 50هين ورسي وڏي شان ۽ عقيدت سان ملهائي وئي، تقريب جي ميزباني بيرسٽر پير مجيب الحق، ايم پي اي دادو ۽ چيئرمين اسٽينڊنگ ڪميٽي سنڌ اسيمبلي براءِ لا ۽ پارلياماني امور انساني حقن ۽ چيئرمين بورڊ آف گورنرز لا ڪاليجز ...

نيوسعيدآباد ۾ معياري تعليم لاءِ هڪ روزو سيمينار منعقد

سيمينار ۾ سنڌ جا نامور اديب، شاعر ۽ تعليمي ماهرن جي شرڪت

گورنمينٽ گرلس ايليمينٽري اسڪول اڳرو راهو جي نئين بلڊنگ جو بنياد پڻ رکيو ويو

نيوسعيدآباد (ت ر) معياري تعليم جي حاصلات ۽ نوجوانن کي تعليمي ميدان ۾ عملي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ نيوسعيدآباد جي ڳوٺ اڳرو راهو ۾ هڪ روزه سيمينار منعقد ڪيو ويو غمناڪ حسيني فائونڊيشن اڳرو راهو پاران سيمينار منعقد ڪيل سيمينار ۾ سنڌ جي نامور اديبن، شاعرن، تعليمي ... افتتاح ڪيو ويو تقريب کي سيد امداد علي شاهه جعفري، سيد سليم شاهه تعليمي ماهر سيد پيرل شاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته موجوده حالتن ۾ معياري تعليم جو هجڻ ۽ نوجوانن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي اچڻ وقت جي ضرورت آهي، هنن جو چوڻ هو ته تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ ...

نيوسعيدآباد: معياري تعليم لاءِ منعقد ڪيل سيمينار کي اڳواڻ خطاب ڪندي

لڪي غلام شاهه ۾ سارين جي گهٽ اگهه ملڻ خلاف هارين ۽ آبادگارن پاران احتجاجي ريلي

مير صابر حسين کوسو، علي ڪوسو، ڊاڪٽر رمضان جوڻيجو، علي نواز جت ۽ ٻين احتجاجي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

سارين جا اگهه تمام گهٽ هجڻ سبب هارين ۽ آبادگارن جو معاشي قتل عام ٿي رهيو آهي: مظاهرين

ايري ڇهون نمبر سارين جو ريٽ گهٽ ۾ گهٽ 4 هزار روپيا ۽ سپر سارين 8 هزار روپيا في مڻ مقرر ڪيا وڃن

لڪي غلام شاهه (رپورٽ عبدالرزاق مهر) لڪي غلام شاهه پوري شڪارپور ضلعي ۾ ساريالو فصل لهڻ شروع ٿي ويو سارين جي گهٽ اگهه ملڻ خلاف هارين جو احتجاج، واپاري طبقي جي هڪ هٽي قائم

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٽيم ذوالفقار پيو جونيئر پاران شهيد اسد عمراڻي جي ورسي ملهائي پئي وڃي

خانپور مهر ۾ نينگر گولي لڳڻ سبب زخمي، اسپتال منتقل

خانپورمهر (ن ع) خانپور مهر جي لنڊ بازار ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي 12 سالن جو ٻار محمد عمر پٽ محمد حنيف لنڊ گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو زخمي ٻار کي پهرين خانپور مهر اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان ڪيس وڏيڪ علاج لاءِ رحيم يار خان اسپتال منتقل ڪيو ويو ابتدائي اطلاع موجب، واقعي کي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

دادو: فوتي شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ڪنڊڪوٽ ۾ جماعت اسلامي جو سارين جا مناسب اگهه نہ ملڻ خلاف احتجاج

زرعي مافيا خلاف ڪارروائي ڪري وڃي ۽ هاري دشمن پاليسين جو خاتمو آندو وڃي:مظاهرين

احتجاج ۾ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پڻ شرڪت، احتجاج جو دائرو وڌائڻ جو چتاءُ

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ جماعت اسلامي حقوق ڪسان بورڊ پاران هارين کي زرعي پيداوار جا مناسب اگهه نہ ملڻ ٻج ۽ ڀاڻ جي مهانگائي خلاف ڪنڊڪوٽ پريس ڪلب آڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج دوران اڳواڻن جو چوڻ هو تہ هارين سان ٿيندڙ ناانصافي بند ڪئي وڃي، زرعي مافيا خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ هاري دشمن پاليسين تان هٿ ڪڍيو وڃي اڳواڻن جو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ شادي شده عورت سميت 2 ڄڻن پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 22 سالا شادي شده عورت ميران زال پڳوان ۽ نوجوان پاون ولد نارائڻ گهرو مسئلن سبب ڌار ڌار زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن کي تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتي ڊاڪٽرن سندن حياتيون بچائي ورتيون

ٽنڊوالهيار ۾ هارين سان ناانصافين خلاف جماعت اسلامي جو احتجاجي مظاهرو

ڪسان بورڊ ونگ اڳواڻن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

هارين لاءِ فصلن جا مناسب اگهه ڏيڻ ۽ زراعت جي شعبي کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي:مظاهرين

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) جماعت اسلامي ضلعي ٽنڊوالهيار ڪسان بورڊ ونگ طرفان ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو سنڌ جي هارين سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ موجود ماڻهن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعري بازي پڻ ڪئي انهي موقعي تي احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙ ڪسان بورڊ ونگ جي صوبائي اڳواڻ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي پاڻي ۽ وسيلن تي قبضو ڪيو ويو آهي جنهن جي ذميوار ٻ ٻ سرڪار آهي: نثار علي ڪيريو

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي نوابشاهه جي ڪابينه ۽ ڪائونسل جو اجلاس ايس ٽي پي جي وائيس چيئرمين نثار علي ڪيريو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ مرڪزي سيڪريٽري جنرل هوت خان گاڏهي ، ڊاڪٽر

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ بنظير کهيري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

بي نظير کهيري کي موسيٰ ۽ زاهد لغاري اغوا ڪري کڻي ويا آهن:مظاهرين

واقعي کي ڏهه ڏينهن گذري ويا آهن پر اغوا ڪندڙ ڏوهارين کي گرفتار نہ ڪيو ويو آهي

بدين (ڊ ر) بدين ۾ کهيري برادري جو بي نظير کهيري جي بازيابي لاءِ پريس ڪلب جي آڳيان احتجاجي مظاهرو هن موقعي تي صداقت کهيري عرس کهيري ولايت کهيري رخسانہ کهيري ۽ ٻين چيو تہ سندن نياڻي بي نظير کهيري کي موسيٰ ۽ زاهد لغاري اغوا ڪري کڻي ويا آهن واقعي کي ڏهه ڏينهن گذري ويا آهن پر اغوا ڪندڙ ڏوهارين کي گرفتار نہ ڪيو ويو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ ٽن عورتن سميت 32 ڄڻا زخمي ٿي اسپتال پهتا

رولو ڪتن جي ڏاڙهيل ۽ نانگ ڪکڻ سبب زخمي ويرو پريم، منيرا، سجاول حاجي، پونءُ زين کي اسپتال آندو ويو

مختلف روڊ حادثن ۾ غلام علي، عبدالله، فرحان، عالمگير، غلام مرتضيٰ، نور محمد ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي موٽرسائيڪلن ۽ چنگچي رڪشائن جي ٽڪر ۾ غلام علي ، عبدالله ، فرحان ، عالمگير ، غلام مرتضيٰ ، نور محمد ، عبدالباسط ، حماد ، فلڪ ، سعود ، وسيم

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

نوري آباد ويجهو يارهين جي عظيم وعاليشان محفل منعقد ڪري علائقي ۽ ملڪ لاءِ دعائون گهريون ويون

نوري آباد(ن ع (نوري آباد جي ڳوٺ ملو خان پالاري لڳ ڪارو جبل ۾ شاهنواز عرف شانو پالاري پاران يارهين جي عظيم وعاليشان محفل ملائي وئي جنهن ۾ خطاب لاجواب خليفہ خاشل ڪوهستاني ڪريمي قادري ڪيو خصوصي خطاب علامہ ومولانا حافظ علي حسن حسيني ڪرڻ فرمايو .علائقي سوين ماڻهن شرڪت

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ اسٽال تي مڇي وڪري لاءِ رکيل آهي

مورو اسپتال واقعي جو گهرو وزير نوٽيس ورتو، ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

ڪنهن کي قانون هٿ ۾ کڻڻ نہ ڏبو ڊاڪٽرن کي تحفظ فراهم ڪيو ويندو: ضياءُ الحسن

ڊاڪٽر ياسين ڪلهوڙو جي فرياد تي جوابدار علي دوست سولنگي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

مورو (ن ع) صوبائي گهرو وزير ضياء الحسن لنجار تعلقہ اسپتال مورو واري واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي ڊاڪٽرن سان زيادتي ڪندڙ جوابدار خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏني. چڙهيو ڊاڪٽرن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو ويندو ۽ ڪنهن کي قانون هٿ ۾ کڻڻ نہ ڏنو ويندو صوبائي گهرو وزير ضياء الحسن لنجار مورو جي تعلقي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ پيرا

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ۾ سماجي اڳواڻ پاران غريب ٻارن ۾ ڏياري جي موقعي تي ڦٽاڪا، مٺايون ۽ سامان تقسيم ڪيو ويو

ڪيرو (ن ع)ڪيرو ۾ جي ايم ڊي ويلفيئر فائونڊيشن پاران جي ايم ڊي دربار ڪيرو ۾ ڏياري جي مناسبت سان خوشيون سيئي لا تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سائين هريش راءِ قميت راءِ هٿان ڪيترن ئي غريب ٻارن ۾ ڪپڙا، شوز، ڦٽاڪا،مٺيون،ٻتيون ڪاڏي پيتي جو سامان ورهايو ويو ڏياري خوشين جو تهوار ان ۾ غريبن کي بہ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

چوڏڳي سول سوسائٽي پاران افغاني پناهگيرن خلاف احتجاجي ريلي

مظاهرين امتياز زرداري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

فورن افغاني پناهگيرن کي سنڌ مان نيڪالي ڏئي علائقي جي منشيات کان نجات ڏياري وڃي

چوڏڳي(ن ع) چوڏڳي پريس ڪلب کان شهر جي مين چوڪ تائين سول سوسائٽي طرفان امتياز زرداري مدد علي زرداري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڊڪوهٽي سخت نعري بازي ڪئي سنڌ ۾ ڌاريا نا منظور افغاني پکوڙا نامنظور ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ اسان جي چوڏڳي ڀرپاسي 130 سرن جا بنا آهن انن بلن تي هزارين افغاني پناهگير ليبر جو ڪم ڪن ٿا ۽ افسوس جو آهي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ: زخمي نوجوان علاج لاءِ اسپتال ۾ داخل آهي

لڪي غلام شاهه: سارين جي اگهه ۾ لاٽ خلاف آبادگار احتجاج ڪندي

مقصودو رند لڳ هاري اڳواڻ ڪامريڊ رئيس بروهي جي 34 ورسي اڄ ملهائي ويندي، تياريون مڪمل

مقصودو رند(ن ع) باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ويجهي ساٿي ۽ اڌ بٽئي تحريڪ ۾ هارين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ هاري اڳواڻ ڪامريڊ رئيس بروهي جي 34 ورسي اڄ مقصودو رند ويجهو ڳوٺ ڪامريڊ رئيس بروهي ۾ ملهائي سنڌ هاري ڪاميٽي پاران ورسي تي هاري ڪانفرنس ڪرائي ويندي تياريون مڪمل

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ڪوچ ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، ڊرائيور سميت 8 مسافر زخمي

سني پيٽرول پمپ ويجهو سکر کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي ۾ زخمي صدام، بدر، اشفاق، حاجي خان، غلام مصطفيٰ، ڪامران ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

نوشهرو فيروز(ڊ ر) وشهرو فيروز قومي شاهراهہ تي سني پيٽرول پمپ ويجهو سکر کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ فرحان ڪوچ ۽ ٽرالر ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ ڊرائيور سميت 8 مسافر زخمي ٿي پيا، جڏهن تہ ٻن ڄڻن کي ڳنڀير زخمي حالت ۾ نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي عيني شاهدن موجب، حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن ڪوچ ڊرائيور گڏهہ گاڏي کي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: پراسرار نموني گم ٿيل ٻارڙن جا فائيل فوٽو

باڊهه لڳ ڪنبي گم ڪيل علي گل سيال جي آزادي لاءِ وارثن جو احتجاج

مظاهرين علي گوهر، علي دوست سيال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

ڪنبي گم ڪيل نوجوان علي گل سيال کي بازياب ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

باڊهه (ن ع) 40ڏينهن اڳ نامعلوم پوليس پاران ڪنبي گم ڪيل نوجوان علي گل سيال جي بازيابي لاءِ سندس وارثن پائرن علي گوهر سيال ۽ علي دوست سيال جي اڳواڻي ۾ ڪاٺون هال کان حيدر چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ شهر جي سياسي سماجي شخصيتن سيال برادري ۽ شهرين شرڪت ڪري علي گل سيال جي بازيابي لاءِ زوردار

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مقابلن بعد 4 زخمين سميت 5 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ اسٽريٽ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٺٽو: مادرِ علمي ڪئمپس ۾ بيچلرز پروگرام لاءِ داخلا ٽيسٽ ٿي گذري

32شاگرديائڻين ۽ 87 شاگردن ٺٽين سال 2026ع لاءِ انٽري ٽيسٽ ۾ حصو ورتو

ڪئمپس ۾ فيڪلٽي ۽ رهائشي سهولتن جي کوٽ سبب شاگردن ۽ عملي کي پريشاني

ٺٽو (ڊ ر) مڪلي تي قائم مادر علمي جي ٺٽو ڪئمپس ۾ 32 شاگرديائڻين ۽ 87 شاگردن کان ٺٽين سال 2026ع جي بيچلرز پروگرام ۾ داخلا لاءِ انٽري ٽيسٽ ورتي وئي - ڪئمپس جي ڊي ري سي مصباح ٻيبي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ غير قانوني طور ڪرنسي ايڪسچينج جو ڪاروبار ڪندڙ ٻہ ڄڻا گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪراچي زون جي وڏي ڪارروائي دوران غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۽ حوالہ هنڊي ڪاروبار ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ناري تعلقي واسي ڳوٺاڻن جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي ناري تعلقي جي متاثر ڳوٺاڻن جو بااثر جي زيادتين زمين ۽ گهرن تي قبضن خلاف احتجاج ناري تعلقي جي يوسي رينواز وساڻ ۾ سالن کان ڳوٺ آباد ملو چانڊيو ۾ سالن کان رهندڙ چانڊيا

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص ۾ پراسرار نموني فوت ٿيل ناري نيها جي سهيلي ۽ ماءُ جا هڪٻئي تي الزام

گرفتار صائم مغل ۽ سندس امڙ کي پوليس پاران لاڪ اپ ڪرڻ بدران مهمان طور ويهاري ڇڏيو

نيها جا آڊيو ميسيج وائرل ڪندڙ سهيلي مهڪ جو پوليس موبائيل هٿ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

مون پنهنجي سهيلي جا وائس ميسيج وائرل ڪري پلائي ڪئي پوليس تحفظ ڏيڻ بدران هراسان ڪري رهي آهي: مهڪ

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص 6 ڏينهن اڳ پراسرار نموني فوت ٿيل ناري نيها وارو معاملو ناري جي ڪيس ۾ گرفتار صائم مغل ۽ سندس امڙ کي پوليس پاران لاڪ اپ ڪرڻ بدران مهمان

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جي سمنڊ ۾ عورت جي ٻڏي ويل عورت جي لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اربع ڏينهن سي ويو سمنڊ مان مليل عورت

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

فرانس جي اڳوڻي صدر نڪولا سرڪوزي کي پنج سال قيد جي سزا ڪي بڌائي وئي

پيرس (اي پي پي) فرانس جي اڳوڻي صدر نڪولا سرڪوزي کي جنهن 2007 کان

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڪينٽونمينٽ بورڊ طرفان ڊينگي کان بچاءُ جو اسپري ڪرايو پيو وڃي

باڊهه: علي گل سيال جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار ويجهو انبن جي باغ مان ٽي ڏينهن پراڻو لاش هٿ

اطلاع تي پوليس پهچي منو پيل جو لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو

ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن جي حوالي، گهر پهچڻ تي ڪهرام

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو سلطان آباد ٿاڻي جي حد مان انبن جي باغ مان ٽي ڏينهن پراڻو لاش هٿ . لاش اسپتال منتقل . ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي . لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام خبر موجب ٽنڊوالهيار ويجهو سلطان آباد ٿاڻي جي حد مان انبن جي باغ مان ٽي ڏينهن پراڻو لاش ڏسي علائقي واسي پوليس کي اطلاع ڪيو جنهن بعد سلطان آباد پوليس

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: گهر اندر پستول صاف ڪرڻ دوران پيءُ زخمي

ڳوٺ پانڊي خان گورشاڻي ۾ حادثي دوران ٽڪا خان گورشاڻي زخمي ٿي پيو

زخمي کي سول اسپتال ۾ فوري طب امداد فراهم، پوليس واقعي جا تفصيل معلوم ڪيا

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي آباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ پانڊي خان گورشاڻي ۾ واقعي گهر اندر مبينہ پستول صاف ڪندي پٽ هٿان گولي هلڻ جي نتيجي ۾ پيءُ ٽڪا خان گورشاڻي زخمي ٿي پيو جنهن کي گهر ۾ موجود وارث زخمي حالت ۾ سول اسپتال کڻائي آيا جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي کي طب امداد ڏني وئي هوڏانهن اهڙو ملڻ تي حد جي پوليس پڻ سول

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

بدين چانورن جي اگهن ۾ گهٽتائي خلاف جماعت اسلامي جو احتجاجي ڌرڻو

ڪاشف سعيد شيخ ۽ سيد علي مردان شاهہ گيلاني جي اڳواڻي ۾ نعريبازي ڪئي وئي

صوبائي حڪومت هارين جا حق کسي رهي آهي زراعت کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي:مظاهرين

بدين (ڊ ر) جماعت اسلامي ڪسان بورڊ ضلع بدين جي تحت چانورن جي اگهن ۾ گهٽتائي ۽ غير قانوني ڪٽوتي خلاف بدين پريس ڪلب جي سامهون احتجاجي مظاهري کان پوءِ ڌرڻو هنيو ويو بدين پريس ڪلب ۾ احتجاجي مظاهرو جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ ۽ انجنيئر سيد علي مردان شاهہ گيلاني جي اڳواڻي ۾ ڪيو ويو تفصيل موجب بدين ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: سارين جي اگهہ ۾ گهٽتائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ مون ليس انڊسٽريز کي 25 سال مڪمل ٿيڻ تي ايوارڊ ورهائڻ واري تقريب منعقد

تقريب ۾ گارمينٽ، ٽوليہ، هوزري ۽ ٽيڪسٽائل صنعتن سان لاڳاپيل اهم شخصيتن شرڪت ڪئي

انڊسٽريز جو سفر "يارن کان ٽيري ٽيبرڪ ڏائين" عزم، معيار ۽ مسلسل جدت جي علامت آهي: راشد علي شاهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي معروف ٽيڪسٽائل ڪمپني مون ليس انڊسٽريز پنهنجي قيام جي 25 سال مڪمل ٿيڻ (2025-1999) جي موقعي تي ارينا رنگولي ريسٽورنٽ ڪراچي ۾ هڪ شاندار ايوارڊ ورهائڻ واري تقريب جو انعقاد ڪيو تقريب ۾ گارمينٽ، ٽوليہ، هوزري ۽ ٽيڪسٽائل صنعتن سان لاڳاپيل اهم شخصيتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪشمور ۾ آبادگارن پاران فصلن جو اگهہ گهٽ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

آبادگار ۽ هاري پريس ڪلب آڏو مظاهرو فصل جي پوکائي ۽ ڀاڻ جا اگهہ وڌائڻ جو مطالبو

جماعت اسلامي ۽ مقامي اڳواڻ مطالبو ڪيو تہ سنڌ سرڪار آبادگارن کي مناسب سارين جو اگهہ فراهم ڪري

ڪشمور (ن ع) ڪشمور ۾ جماعت اسلامي جي سڏ تي آبادگارن سارين جو مناسب اگهہ نہ ملڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو جماعت اسلامي غلام مصطفيٰ ميراڻي افضل عطا ڪلوڙ درگاهہ عاليہ پرچونڊي شريف جي فرزند مياں عبدالحسيب قادري ذوالفقار علي ملڪ وزير احمد چنا ۽ ٻين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو تہ ڪشمور ضلعي ۾ آبادگارن سان ويڌن آهي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ جماعت اسلامي جو سارين جي اگهن ۾ گهٽتائي خلاف احتجاجي مظاهرو

آبادگارن کي تيار فصلن جو مناسب اگهہ نہ ملڻ سبب معاشي نقصان پيو ٿي: مظاهرين

سارين جا اگهہ وڌايا وڃن، پاڻي جي کوٽ ختم ڪئي وڃي ۽ آبادگارن کي انصاف ڏنو وڃي

ٺٽو(ڊ ر) جماعت اسلامي ضلعي ٺٽي طرفان ٺٽي ضلعي اندر واپارين ۽ مل مالڪن جي ملي ڀڳت سان سارين جا اگهہ هڪدم گهٽائي آباگارن کي پهچندڙ نقصان خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو ٺٽي ۾ عبدالمجيد سومرو، محرم خاصخيلي، امير حمزه شورو عبدالڪريم بروهي جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو تہ هڪ طرف آگ تي ٺٽي ۾ پاڻي جي کوٽ ڪري آباديون ڏير سان پوکيون ويون

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: ايس ٽي پي جي ضلعي ڪانگريس ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

راڌڻ لڳ ٻہ معصوم ٻارڙا پراسرار طور گم، وارث سخت پريشان

ڳوٺ لعل بخش پٽي واسي 5 ورهين رحمان ۽ مزمل پٽي پراسرار طور گم ٿي ويا

ڪافي ڳولا باوجود ٻارڙن جو ڏس پتو نہ مليو آهي، مدد ڪئي وڃي: وارث

راڌڻ(ن ع) راڌڻ رو پرسان ڳوٺ لعل بخش پٽيءَ جا رهواسي ٻہ معصوم نينگر چنچر جي ڏينهن منجهند جو 3 وڳي کان پراسرار نموني گم ٿي ويا هيا جن جي وارثن ڳولا ڪرڻ سان گڏ حد جي پوليس ٻهارو ٿاڻي اطلاع ڏنو هيو جنهن بنا دير جي وارثن وٽ پهچي وڃي جنهن ڳوٺ لعل بخش پٽي سميت ڀرپاسي جي ڳوٺن تائين ڳولا ڪئي پر ڪٿي بہ معصوم ٻارڙن جو ڏس

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ جماعت اسلامي پاران آبادگارن سان زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين امير زبير حفيظ، امان الله ٿنيو، حافظ مير هزار لاشاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

حڪومت هاري دوست پاليسيون جوڙين، زرعي شين جي منصفاڻيون قيمتون مقرر ڪيون وڃن

سکر (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي ڪسان بورڊ ضلع سکر پاران آبادگارن سان ٿيندڙ زيادتين، ناانصافين ۽ حڪومت جي لاپرواهي خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ضلع سکر جي امير زبير حفيظ، امان الله ٿنيو حافظ مير هزار لاشاري، عتيق احمد لاشاري ۽ محسن علي سميت ٻين اڳواڻن ڪئي.ان موقعي تي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ شهرين جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين زيب علي ساريو جي اڳواڻي ۾ 326 هين هفتي بہ احتجاج جاري رکيو

ڇهن سالن جي احتجاج باوجود بہ حڪومت جائز ۽ بنيادي مطالبي کي سنجيدگي سان نہ ورتو آهي

باڊهه (ن ع) باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ شهرين جي ڇهن سالن جي اڻٿڪ جدوجهد جاري، باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ وارو مطالبو ڪئي ٽڪنل باڊهه تعلقہ موومينٽ جي تحريڪ کي ڇهہ سال ٿي مهينا پورا ٿي چڪا، پر حڪمرانن جي ڪنن تي جونءِ بہ نہ چري هر آچر جيان ڪالهہ آچر تي بہ تعلقہ موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٺٽو ۽ سجاول ضلعو امن پسند ۽ الله جي پيارن ولين جي سرزمين آهن: اعجاز علي شاهہ

هتان جا پڙهيل لکيل ماڻهو ٻاهرين ملڪن ۾ رهن ٿا، ضلعن جي تعليم هن وقت زيرو آهي

اسڪول وڏين جون اوطاقون ۽ مال جا وٿاڻ بڻيل آهن ٻهراڙين ۾ اسڪولن ۾ ڪي بہ سهولتون نہ آهن

ميرپوربٺورو(ن ع) ٺٽو ۽ سجاول ضلعن جي عوام کي تعليم ۽ صحت جون سهولتون نہ هجڻ ڪري هتان جا غريب مارو ماڻهو مختلف بيمارين ۾ ورتل ۽ سندن ٻارڙا تعليم بجاءِ مال چارڻ ۽ ٻني ٻاري جو ڪم ڪرڻ تي مجبور آهن سندن زندگيون تباهہ ٿي رهيون آهن جن لاءِ جلد هڪ جدوجهد جو آغاز ڪيو ويندو هتان جي عوام سان هر وقت گڏ آهيون اهڙو اظهار ڊسٽرڪٽ بار

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: محسن عباسي وهاب منشي سان پاءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

ميهڙ: جماعت اصلاح المسلمين جي مجلس عامل جو پروگرام منعقد

ضلعي دادو زون ٽو ۽ لاڙڪاڻو جي برانچن جي ڀرپور شرڪت

تلاوت، نعت، منقبت ۽ سالانہ ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي وئي

ميهڙ(ن ع) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون ٽو جي مجلس عامل جو پروگرام المدينہ شادي هال باءِ پاس ميهڙ ۾ منعقد ٿيو پروگرام ۾ ضلع دادو زون ٽو جي سڀني برانچز ، جماعت اصلاح المسلمين ضلع لاڙڪاڻو جي ضلعي بادي ، خلفاء ڪرام جمعيت علماء طاهريہ ضلع دادو ، روحاني طلبہ جماعت ضلع دادو ٽو ۽ درگاهہ فقير پور شريف جي انتظامي ڪاميٽي جي ڀرپور

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ بدامني هٿياربندن گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي لکين رپيا روڪ ۽ سامان ڦري ويا

غريب آباد محلا هٿياربندن وقار احمد ڪٺوهر جي گهر ۾ گهڙي گهرڀاتين کي يرغمال بڻايون

هٿياربند 8 تولا سون ، ٻہ لک رپيا روڪ رقم، 3 موبائل فون ۽ قيمتي سامان ڦري فرار ٿي ويا

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد غريب آباد محلا هٿياربندن وقار احمد ڪٺوهر جي گهر ۾ گهڙي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي 8 تولا سون ، ٻہ لک رپيا روڪ رقم، 3 موبائل فون ۽ قيمتي سامان ، ڦر ڪري آسائي سان فرار ٿي ويا جڏهن تہ وڌندڙ بدامني ۽ ڦر جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد لڳ ڪار ڪلٽي ٿي پئي، عورت فوت، 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا

باءِ پاس جمالي پوليس پڪٽ پرسان تيز رفتار ڪار ڊرائيور ڪنٽرول نڪري ڪلٽي ٿي پئي

حادثي سبب ٻ ٻ اڳواڻ جي گهر واري مسمات عظمت خاتون موقعي تي فوت ٿي وئي

ڪار ۾ سوار 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا، زخمي ۽ لاش اسپتال منتقل، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي باءِ پاس جمالي پوليس پڪٽ پرسان تيز رفتار ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري وڃڻ ڪان پوءِ ڪلٽي ٿي ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار ٻي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪشمور: هاري تنظيم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ ۾ ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽيءَ پاران ميڊيڪل ۾ داخلا لاءِ ٽيسٽ ورتو ويو

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ميڊيڪل ۾ داخلا وٺڻ جي لاءِ هائيہ اڪيڊمي سڪرنڊ ۾ ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽيءَ پاران پروفيسر غلام حسين جلباڻي جي نگراني هيٺ موڪ ٽيسٽ وٺڻ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سوين شاگردن ۽ شاگرديائڻين حصو ورتو جن جو چوڻ هو تہ اسان هائيہ اڪيڊمي جا ٿورائتا

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪشمور ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، هفتي ۾ هڪ ڪار ۽ پنج موٽرسائيڪلون ڦر

پوليس شهر ۾ وڌندڙ بدامني، ڦر ۽ چورين تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: شهري

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو معاملي جو نوٽيس وٺي شهر ۾ امن ڪرائي

ڪشمور(ن ع) ڪشمور ٿاڻي جي حد ۾ بدامني ٿاڻي تي 7 اسڪيل جو سفير جاگيراڻي ايس ايڇ او طور مقرر ٿيل شهر مان هڪ هفتي اندر هڪ ڪار پنج موٽرسائيڪلون ٻن هندو واپارين سميت ڪن ڄڻن کان نامعلوم ڦورو 20 لک رپين کان وڌيڪ رقم ۽ قيمتي موبائيل فون ڦر ڪري ويا ايس ايس پي ڪشمور کو نوٽس نہ ورتو شهري خوف ۾ مبتلا ڪشمور جي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

باقراڻي جي ميمڻ برادري جي معزز شخصيت ڊاڪٽر خادم حسين ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

باقراڻي (ن ع) باقراڻي ۾ ميمڻ برادري جي معزز شخصيت سماجي اڳواڻ ۽ ضلعي ڪائونسل لاڙڪاڻو جو رٽائرڊ ملازم ڊاڪٽر خادم حسين ميمڻ ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو،جنازي نماز ۾ سوين شهرين سياسي سماجي اڳواڻن ضلعي ڪائونسل جي ماڻهن توڙي ميمڻ برادري جي ماڻهن جي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ جماعت اسلامي جو سارين جي اگهہ ۾ لاٽ خلاف احتجاج

رائيس ملز مافيا ۽ مقامي واپارين گڏ جوڙ ڪري هارين کي نقصان پهچائي رهيا آهن: حافظ ابو نعمان

حڪومت سارين جو سرڪاري اگهہ في مڻ 4000 رپيا مقرر ڪري هارين ۽ پورهيت طبقن کي بچائي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) جماعت اسلامي ضلعي ٽنڊو محمد خان پاران سارين جي اگهہ ۾ لاٽ ۽ ناجائز ڪٽوتي خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ جماعت اسلامي جي ضلعي امير حافظ ابو نعمان پير مسلم جان سرهندي،اڪرم بيگ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ رائيس ملز مافيا ۽ مقامي سارين جي واپارين گڏ جوڙ ڪري سارين

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سکر: آرٿوپيڊڪ سرجن ڊاڪٽر ذوالفقار سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٺٽو: قومي عوامي تحريڪ جو افغانين جي نيڪالي لاءِ احتجاج

ياسر جاکرو، ممتاز شيخ ۽ ضلعي اڳواڻن جي قيادت ۾ احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي وئي

غيرقانوني پناهگيرن ۽ ڌارين وسيلن تي قبضي سبب روزگار متاثر ٿي رهيو آهي: مظاهرين

ٺٽو(ڊ ر) قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي طرفان ٺٽي سميت سنڌ مان افغاني پناهگيرن کي نيڪالي ڏيارڻ لاءِ هڪ احتجاجي مظاهرو ٺٽي ۾ مرڪزي اڳواڻ ياسر جاکرو، ضلعي ٺٽي جي صدر ممتاز شيخ شفيع بليجو گلاب لنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪري سخت نعريبازي ڪندي چيو تہ ٺٽي ضلعي سميت پوري سنڌ ۾ وڏي تعداد ۾ غيرقانوني طور افغاني پناهگير ۽ ٻيا ڌاريان

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

چوڏڳي اسٽاپ تي ايڪس سروس مين سوسائٽي پاران پاڪ فوج سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

چوڏڳي(ن ع) پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٽي طرفان شاهپور چاڪر ويجهو چوڏڳي اسٽاپ تي احتجاجي ريلي ڪڍي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ انعام ٽڪرائي جي شعري مجموعي جي رونمائي ۽ مشاعري جي محفل

ناميارا شاعر ۽ اسڪالرن، سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻن جي تقريب ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي

انعام ٽڪرائي فقيري طبعيت ۽ وطن دوست شاعر، سندس شاعري ۾ امن، محبت ۽ سنڌ جي دردن جا داستان شامل آهن:مقرر

مشاعري ۾ سنڌ جي مختلف علائقن جا شاعر پنهنجا ذات ڏيکاريا، مهمانن کي اجرڪون اوڍائي، شعري مجموعي جي رونمائي ڪئي وئي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽڪو پبليڪيشن اينڊ رائيٽرس فورم پاران سڄاڳ ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان جي سهڪار سان سنڌ جي علمي ادبي سرزمين رسي ملوڪ شاهہ "ٽڪو" ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ڊراما فيسٽيول ۾ فنڪار پرفارم ڪري رهيا آهن

جاپان جي گاديءَ واري شهر ٽوڪيو ۾ سانحي ڪارساز جي شهيدن جي ياد ۾ پروقار دعائيہ تقريب منعقد ڪئي وئي

ٽوڪيو/سکر (بيورو رپورٽ)جاپان جي گاديءَ واري شهر ٽوڪيو ۾ سانحي ڪار ساز جي شهيدن جي ياد ۾ پروقار دعائيہ تقريب منعقد ڪئي وئي جيڪا پاڪستان پيپلزپارٽي جاپان جي صدر شاهد مجيد جي ميزبانيءَ هيٺ ٿي. تقريب ۾ سانحي ڪار ساز جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو ۽ ايصال ثواب لاءِ خاص

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ڪلوئي لڳ پورهيت ڪي باهہ ڏئي ساڙڻ واري واقعي جو ڊي آءِ جي حيدرآباد جو نوٽيس

حڪيم کيري 80 سيڪڙو جسم سڙڻ بعد جناح اسپتال ڪراچي ۾ فوت ٿي ويو هو

پوليس نوٽيس وٺي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي، بااثر هاشم کيري ۽ ٻين کيو آهي:وارث

فوري طور جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ متاثر ڌر کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي پرسان ڪوسڪي ٿاڻي جي حد ۾ انسانيت سوز واري واقعي جو ميڊيا تي خبرون هلڻ بعد ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين پاران سختي سان نوٽيس ورتو آهي مبينا طور تي بااثرن پاران هڪ ڏينهن اڳ مبينا طور تي پورهيت حڪيم کيري کي باهہ ڏئي ساڙيو ويو هو پورهيت جي ڪيسي مان هڪ جلي پڻ ملي هئي جنهن ۾ ڪن ڄڻن کي ذميوار قرار ڏنو

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

پاڪستان ۾ 6 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهون هڏن جي بيمارين ۾ مبتلا آهن: ڊاڪٽر ذوالفقار سومرو

سکر(بيورو رپورٽ) پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار علي سومرو آسٽيوپوروسس جي عالمي ڏينهن جي سلسلي ۾ پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي تہ پاڪستان ۾ 6 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهون هڏن جي ڀرڻ پڻ (آسٽيوپوروسس) سان متاثر آهن.ڪين طرز زندگي ۾ تبديلي لازمي ڪرڻ گهرجي پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار علي سومرو جاري

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ خالص عوامي پارٽي آهي: نعمان اسلام شيخ

چيئرمين جي بهترين قيادت هيٺ پاڪستان ترقي ۽ خوشحالي جي رستي تي گامزن آهي

سکر جي عوام هميشہ پيپلز پارٽي تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي، ان تي فخر آهي

سکر (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي جي ميمبر نعمان اسلام شيخ کي پاڪستان ميڊيا ڪائونسل ضلع سکر جي وفد عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ تي گلن جا هار پارائي مبارڪباد پيش ڪئي.پاڪستان ميڊيا ڪائونسل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري حاجي محمد رياض ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ آيل وفد ۾ ضلع سکر جا سينيئر نائب صدر فريد احمد شيخ جنرل سيڪريٽري محمد

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

لاهور: پنڪ گولف ٽورنامينٽ جي موقعي تي ورتل گروپ فوٽو

پاڪستاني سيٽلائيٽ جي لانچ ملڪ جي سائنسي ۽ فني سفر ۾ هڪ شاندار اڳڀرائي آهي: ڪرنل (ر) شاهد بشير

سکر (بيورو رپورٽ)ڪرنل (ر) شاهد بشير جنرل مينيجر ايڊمن سي بي ايل پاڪستان جي سيٽلائيٽ جي خلا ۾ ڪامياب روانگيءَ کي تاريخي سنگ ميل قرار ڏيندي پوري قوم سائنسدانن ۽ انجنيئرز کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي آهي. هن چيو تہ پاڪستاني سيٽلائيٽ جي لانچ ملڪ جي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو لمس جي شاگرد جو هاسٽل مان گولي لڳل لاش هٿ، خودڪشي جا چورول

چوٿين سال ۾ پڙهندڙ شاگرد عبدالله سومرو جو السينا بوائز هاسٽل مان لاش هٿ آيو

واقعو خودڪشي جو لڳي رهيو آهي ، ماميري جي هر رخ کان جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

ڄامشورو (ڊ ر) لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي بلاول ميڊيڪل ۾ ايم بي بي ايس جو چوٿين سال ۾ پڙهندڙ شاگرد جيڪب آباد واسي عبدالله سومرو جو السينا بوائز هاسٽل جي روم نمبر 144 مان گولي لڳل لاش هٿ ڪيو ويو پوليس ۽ لمس اسپتال انتظاميا واقع واري جاءِ تي پهچي جاچ شروع ڪئي وئي آهي ڄامشورو لمس هاسٽل مان گولي لڳل لاءِ ماميري بابت

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي ۾ مختلف 72 شعبن ۾ داخلائن لاءِ 20618 اميدوارن ٽيسٽ ڏني: وي سي

لاڙ بدين ڪئمپس ، دادو، ٺٽو ۽ نوشهروفيروز ڪئمپس ۾ ٽيسٽ ورتي وئي: ڊاڪٽر فتح محمد مري

وڏي تعداد ۾ اميدوارن پاران داخلائن لاءِ درخواستون ڏيڻ مادر علمي تي اعتماد جو اظهار آهي

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو پاران بيچلرس ڊگري پروگرامز 2026ع ۾ داخلائن لاءِ پري انٽري ٽيسٽ جو ٻيو مرحلو مڪمل ٿي ويو آهي ٽيسٽ هڪ ئي وقت علامہ آءِ آءِ قاضي ڪئمپس ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪئمپس بدين سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس دادو سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ٺٽو ۽ سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس نوشهروفيروز ۾ ورتي ويئي ٽيسٽ صبح

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: راڻوٽ ٿيل ٻارڙي جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

بين الاقوامي فوجداري عدالت نيتن ياهو ۽ گيلنٽ جي گرفتاري جا وارنٽ رد ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي

روم (اي پي پي) بين الاقوامي فوجداري عدالت اسرائيل طرفان داخل ڪيل ان اپيل کي رد ڪري ڇڏيو جنهن ۾ وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو ۽ اڳوڻي دفاع واري وزير يوآف گيلنٽ خلاف جاري ڪيل گرفتاري جا وارنٽ رد ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي هئي ،پرڏيهي خابرواداري مطابق عدالت جو

بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

ڪنڌيارو ويجهو ذهني معذور ڳوٺائي سدا واهہ ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيو لاش هٿ نہ آيو

ڳوٺ صديق لاکو واسي 50 ورهين جي محمد سومر مبينا واهہ ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيو

اطلاع تي وارثن پهچي مقامي ترڻ ذريعي ڳولا ڪئي پر لاش هٿ اچي نہ سگهيو

ڪنڌيارو (ن ع) ڪنڌيارو ويجهو ڳوٺ صديق لاکو واسي 50 ورهين جو ذهني معذور محمد سومر لاکو ڳوٺ پرسان گذرندڙ سدا واهہ ۾ مبينہ ٽپو ڏئي ڇڏيو اطلاع ملڻ تي سندس وارث ڳوٺائا سدا واهہ وٽ پهتا مقامي ترڻ ذريعي سندس ڳولا جاري آهي آخري اطلاعن تائين واهہ ٽپو ڏيندڙ زنده ترڙي مرده حالت ۾ هٿ اچي نہ سگهيو

ڪنڌيارو لڳ هٿياربند ڳوٺائن کان لکين رپيا روڪ ۽ سامان ڦري ويا، احتجاج

لاکارو ڏان هٿياربند پروين مرتضيٰ ۽ وحيد خاصخيلي کان روڪ رقم ۽ سامان ڦر ڪيو

واقعي خلاف متاثر ڌران پاڪ ڪٽي احتجاج ڪندي اعليٰ عملدارن کان ڦر واپسي جو مطالبو ڪيو

ڪنڌيارو (ن ع) ڪنڌيارو ويجهو ڳوٺ رستم خاصخيلي جي رهواسي پروين مرتضيٰ ۽ وحيد خاصخيلي کان 5 نامعلوم هٿياربند لاکارو لنڪ روڊ تان هڪ لک کان مٿي روڪ رپيہ ڪيش ، موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا جنهن بعد متاثر قرآن پاڪ کڻي احتجاج ڪندي ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو تہ اسان مسڪين غريب آهيون پاڪ ڪتاب جي

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

ڏري ميرواهہ: چيئرمين شهر جي دوري وقت ماڻهن سان ملي رهيو آهي

خيرپور لڳ ڪٽر مشين ۾ نينگر جو هٿ ڪٽجي ويو، اسپتال منتقل

خيرپور (ڊ ر) خيرپور لڳ ڳوٺ ديهہ سوهو ۾ 12 ورهين جو نينگر عديل ملڪ چوپائي مال لاءِ ڪٽر ڪري رهيو هو

بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ عظمت اولياءُ الله ڪانفرنس، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سميت هزارين ماڻهن جي شرڪت

سکر (بيورو رپورٽ) نور شاهہ قبرستان سکر ۾ عظمت اولياءُ الله ڪانفرنس جو روح پرور انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ روحاني فضائلن ۾ ايمان افروز تقريرون ٿيون جڏهن تہ عالمن ڪرام سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي.سکر ۾ حافظ غلام مصطفيٰ بروڙو جي جانبان عظمت اولياءُ الله ڪانفرنس جو اهتمام

بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پريس ڪلب ۾ ٻارڙين کي مهندي لڳائي پئي وڃي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.